ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 03 جنوري 2026ع 13 رجب المرجب 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيا شمارو (141)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

اثرائتي ۽ ذميدار حڪمرانيءَ جو بنياد آئين ۽ قانون جي پاسداري ۽ عوامي احترام تي ٻڌل آهي: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

مقننه، انتظاميه ۽ عدليه آئيني حڪمراني ۽ قانون جي بالادستي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هڪٻئي جي مدد ۽ تڪميلي ڪردار ادا ڪن ٿا عوام کي تڪڙي ۽ اثرائتي انصاف جي فراهمي پهرين ترجيح آهي

پروبيشنري آفيسر پنهنجي پيشيورانه زندگيءَ ۾ ديانت، انصاف ۽ قانون جي پابنديءَ کي هميشه مقدم رکن، جوابده ۽ مؤثر طرز حڪمراني جي شروعات عوام ۽ قانون ٻنهي جي احترام سان ٿئي ٿي

سول سروسز اڪيڊمي لاهور ۾ 53هين ڪامن ٽريننگ پروگرام تحت 136 پروبيشنري آفيسرن تي ٻڌل وفد ڊائريڪٽر جنرل سول سروسز اڪيڊمي فرحان عزيز خواجه جي اڳواڻيءَ ۾ چيف جسٽس سان مليو

آگسٽ 2026ع تائين سڄي ملڪ جي عدالتن ۾ شمسي توانائيءَ جي نظام، اي لائبريرين، صاف پاڻيءَ جون سهولتون، عورتن لاءِ خصوصي انفراسٽرڪچر جي فراهميءَ جو منصوبو آهي: وفد کي آگاهي

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي آئيني طرز حڪمراني، اداره جاتي هم آهنگي ۽ عوامي خدمت جي اعليٰ اخلاقي اصولن جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته مؤثر ۽ ذميدار حڪمرانيءَ جو بنياد آئين ۽ قانون جي پاسداري ۽ عوامي احترام تي ٻڌل آهي سپريم ڪورٽ پاران جاري پڌرائيءَ موجب اها ڳالهه چيف جسٽس سول سروسز

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي ڪامن ٽريننگ پروگرام سول سروسز اڪيڊمي جي پروبيشنري آفيسرن کي خطاب ڪندي

ايران ۾ مظاهرو ڪندڙن جي مدد لاءِ تيار آهيون: آمريڪي صدر

ٽرمپ جو بيان کي ايران جي اندروني صورتحال تي سخت آمريڪي موقف طور ڏٺو پيو وڃي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته جيڪڏهن ايران ۾ پرامن مظاهرو ڪندڙن کي تشدد جو نشانو بڻائڻ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

نو مئي ڊجيٽل دهشتگردي ڪيس: سينيئر صحافين شاهين صهبائي، صابر شاڪر، وجاهت سعيد، حيدر مهدي ۽ معيد پيرزادا کي ٻه ٻه ڀيرا جنم ٽيپ

اسلام آباد جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت 9 مئي تي رياستي ادارن خلاف ڊجيٽل دهشتگردي واري ڪيس جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو، پراسيڪيوشن طرفان ڪيس ۾ گڏيل طور تي 24 شاهدن کي پيش ڪيو ويو

اي ٽي سي جي جج طاهر عباس ڪيس جو محفوظ فيصلو ٻڌايو، پراسيڪيوشن طرفان راجا نويد حسين ڪياني عدالت ۾ پيش ٿيو، جوابدارن طرفان ايڊووڪيٽ گلفام اشرف گورائيا پيش ٿيو

ايڊووڪيٽ گلفام گورائيا کي عدالت طرفان وڪيل مقرر ڪيو ويو هو، دهشتگردي ڪورٽ عدالت جوابدارن کي ٽين قلمن ۾ پڻ گڏيل طور 35 سال قيد ۽ هر هڪ کي 15 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي

عدالت پراسيڪيوشن جي استدعا تي جوابدارن جي غير موجودگي ۾ ٽرائل مڪمل ڪري ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪيو هو، معيد پيرزادا ۽ سيد اڪبر حسين کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت 9 مئي تي رياستي ادارن خلاف ڊجيٽل دهشتگرديءَ واري ڪيس جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو اي ٽي سي اسلام آباد ۾ پراسيڪيوشن طرفان ڊجيٽل دهشتگردي واري ڪيس ۾ گڏيل طور تي 24 شاهدن کي پيش ڪيو ويو، جج طاهر عباس ڪيس جو محفوظ فيصلو ٻڌايو پراسيڪيوشن طرفان راجا نويد حسين

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

نو مئي ڊجيٽل دهشتگردي ڪيس ۾ سزا ٻڌايل سينيئر صحافين شاهين صهبائي، صابر شاڪر، وجاهت سعيد، حيدر مهدي ۽ معيد پيرزادا (فائيل فوٽو)

اسٽيبلشمينٽ سان ڳالهين لاءِ تيار آهيان، عاصم منير سان ضرور ملندس: وزيراعليٰ ڪي پي ڪي

پي ٽي آءِ جي باني چيئرمين عمران خان اسٽيبلشمينٽ سان ڳالهين بابت ڪيس ڪا هدايت ناهي ڏني

ڳالهين بابت پي ٽي آءِ باني ناهي چيو، اهو ٽاسڪ محمود اڇڪزئي ۽ علامه ناصر عباس حوالي ڪيو ويو آهي

پي ٽي آءِ باني سان سندس ملاقات نه ٿيڻ ڪرائي رهي، ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي بالادستي هئڻ گهرجي ۽ ڊرون حملا بند ٿيڻ گهرجن

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير محمد سهيل آفريدي چيو آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي باني چيئرمين عمران خان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سردار عتيق احمد خان پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي اي جي ڪي جي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) جمون ڪشمير جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

بليو اڪانومي قومي معاشي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي: احسن اقبال

گوادر پورٽ ۽ ڪراچي پورٽ کي وچ ايشيا سان واپاري رابطن کي هٿي ڏيڻ لاءِ ترقي ڏني پئي وڃي

بلوچستان جا ساموندي علائقا قومي معيشت ۾ فيصلائتو ڪردار ادا ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت رکن ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

گرڊ آف گرڊ ليوي ايڪٽ 2025ع ۾ ترميم جي صدارتي حڪمنامي لاءِ ڪارروائي جي منظوري

پي آءِ جي 75 سيڪڙو شيئرز جي نجڪاري ڪاميابي سان طئي ٿي، بڊنگ جو عمل انتهائي شفاف رهيو: وزيراعظم

گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زايد النهيان سان تازيون ملاقاتون ٻطرفي لاڳاپن ۽ گڏيل مشاورت جي ڏس ۾ انتهائي ڪارائتيون رهيون

سعودي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان سان پاڪ سعودي لاڳاپن کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ٿي

اسان ملڪ کي ڏيوالپڻي جي ويجهو کان ڪڍي معاشي استحڪام تائين آندو آهي، ملڪ ترقي طرف وڌي رهيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي ڪابينا آف گرڊ ڪيپٽو پاور پلانٽس کي گئس جي وڪري جي حوالي سان آف گرڊ (ڪيپٽو پاور پلانٽس) ليوي ايڪٽ 2025ع ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف وفاقي ڪابينا ۾ اجلاس جي صدارت ڪندي

وڏي وزير جي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات، انتظامي ۽ سياسي صورتحال تي ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ اطلاعات کاتي جي سينيئر آفيسر سرور سميجو کي ڊائريڪٽر جي عهدي تي ترقي ڏيڻ جي سفارش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران ڪراچي ۾ ڍاهيل عمارتن جي رهواسين کي مفت رهائش ڏيڻ جو فيصلو

شهر ۾ 588 انتهائي خطرناڪ عمارتن مان 471 جي سروي مڪمل ڪري ورتي آهي: شرجيل ميمڻ

جيڪي عمارتون خالي ڪيون ويون آهن انهن کي ڍاهيو ويندو ۽ متاثرن جي بحالي کي يقيني بڻايو ويندو

حيدرآباد ۽ سکر سميت صوبي جي ٻين شهرن ۾ خطرناڪ عمارتن جي نشاندهي لاءِ سروي ڪيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته خطرناڪ عمارتن کي خالي ڪرائڻ ۽ انهن کي ڍاهڻ جي لاءِ ترجيحي قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ته جيئن شهرين کي محفوظ رهائش فراهم ڪري

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان عهدو سنڀالي ورتو، پوليس جي دستي سلامي پيش ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان جو ڪراچي پوليس آفيس پهچڻ تي ڊي آءِ جي ايڊمن ڊي آءِ جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سنڌ سيڪريٽريٽ جو اوچتو دورو ڪيو، ڪيترائي آفيسر غير حاضر

سيڪريٽريٽ جي دوري دوران جاري ترقياتي ۽ سينگار توڙي مرمتي ڪمن جو جائزو ورتو

مختلف کاتن جا ڇهه سيڪريٽري غير حاضر هئا، فوري وضاحت طلب ڪرڻ جون هدايتون

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جمعي جي ڏينهن اوچتو سنڌ سيڪريٽريٽ جو دورو ڪيو ۽ اتي جاري ترقياتي ۽ سينگار توڙي مرمتي ڪمن جو جائزو ورتو سنڌ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيئرمين سينيٽ سيد يوسف رضا گيلاني ايوان صدر ۾ قومي ورڪشاپ بلوچستان جي شرڪت ڪندڙن سان ورتل گروپ فوٽو

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي، 100 انڊيڪس هڪ لک 78 هزار 504 پوائنٽس جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ رڪارڊ تيزي جو سلسلو جاري آهي جمعي ڏينهن 100 انڊيڪس

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: نئون آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو شاهنواز ڏاهاڻي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

سنڌ جي يونيورسٽين ۾ صوبائي محتسب جا سهولت ڊيسڪ قائم ڪيا ويندا: سهيل راجپوت

اين اي ڊي ۽ وفاقي اردو يونيورسٽي جي شاگردن کي انٽرنشپ مڪمل ڪرڻ تي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

شاگردن جون تجويزون، تجربو ۽ شموليت قابل تعريف آهي: صوبائي محتسب سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب سنڌ جي تحت منعقد ڪيل انٽرنشپ پروگرام جي شاگردن لاءِ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت خصوصي طور شرڪت ڪئي محمد سهيل راجپوت شاگردن کان انٽرنشپ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايئرپورٽ تي ايف آءِ اي اميگريشن جو اي ايس آءِ صفائي انچارج مقرر

اي ايس آءِ منور مهدي کي واش رومز جي صفائي، ڪچري ۽ سيوريج جي مرمت جو ذميوار ٺهرايو

هلندڙ جاچ دوران ڪيس اميگريشن چيڪ پوسٽ تي مقرري لاءِ بليڪ لسٽ ڪيو ويو آهي: ذريعا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي اميگريشن جي اي ايس آءِ لاءِ ڪراچي ايئرپورٽ تي هڪ انوکي ۽ غير معمولي پوسٽنگ ڪئي وئي آهي اي ايس آءِ منور مهدي کي انچارج ايڊمنسٽريشن صفائي مقرر ڪيو ويو آهي، جتي هو واش رومز جي صفائي، چوهين جي پڪڙ ۽ سيوريج سسٽم

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: مبينا پوليس مقابلي دوران گولي لڳڻ سبب رڪشا ۾ ويٺل نوجوان شاگردياڻي قتل

ڪورنگي ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران رڪشا ۾ ويٺل شاگردياڻي ڪومل کي گولي لڳي

رڪشا ڊرائيور پڻ ٻانهن ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي، مبينا مقابلي جوابدار مولا بخش گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي نمبر 6 ۾ چراغ هوٽل ويجهو مبينا پوليس مقابلي دوران اڻڄاتل طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ سان هلندڙ رڪشا ۾ ويٺل 17 سالن جي ڇوڪري قتل ٿي وئي ريسڪيو اختيارين موجب فوت ٿيل ڇوڪري جي لاش کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جنهن جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت ۾ پاڪستان ايران ٻطرفي لاڳاپن جي حوالي سان بين الوزارتي اجلاس

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي صدارت ۾ پاڪستان ايران ٻطرفي لاڳاپن جي حوالي سان بين الوزارتي اجلاس ٿيو پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مئنيجنگ ڊائريڪٽر محمد عاصم کيچي، اي پي پي هيڊ ڪوارٽر جي دوري دوران ڊاڪٽر رضا اميري-مقدم سان ورتل گروپ فوٽو

جنرل (ر) فيض حميد جي وڪيل ميان علي اشفاق جو لائسنس معطل

ميان اشفاق سٽي ڪورٽ ڪراچي ۾ پيشيورانه ضابطه اخلاق جي ڀڃڪڙي جو مجرم قرار

ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو ميان علي اشفاق جو لائسنس فوري طور تي معطل ڪرڻ جو فيصلو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب بار ڪائونسل جنرل فيض حميد جي وڪيل ميان علي اشفاق ايڊووڪيٽ جو لائسنس

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ مقرر ايران جي سفير جو اي پي پي هيڊڪوارٽرز جو دورو

ايراني سفير اي پي پي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر محمد عاصم کيچي سان ملاقات ڪئي

پاڪستان ۽ ايران مشڪل وقت ۾ هڪ ٻئي جا دوست آهن: ايراني سفير رضا اميري

اسلام آباد (اي پي پي) ڪالهه جمعي ڏينهن قومي خبررساں اداري ايسوسيئيٽڊ پريس آف پاڪستان (اي پي پي) جي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ سال 2025ع دوران بينڪنگ شعبو پهرين نمبر تي رهيو

سيمينٽ جي شعبي جي آمدني ۾ 88.1 سيڪڙو، فرٽيلائيزر ۾ 68.5 سيڪڙو اضافو رڪارڊ

ڪيميڪلز جي شعبي ۾ ڪيل سيڙپڪاري مان سال دوران سيڙپڪارن کي 58.9 سيڪڙو منافعو حاصل

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج (پي ايس ايڪس) ۾ 2025ع دوران بينڪنگ سيڪٽر پهرين نمبر تي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ برسات، برفباري ۽ ٻوڏ سبب 17 ڄڻا فوت، 12 زخمي

ملڪ جي مرڪزي، اترين، ڏکڻ ۽ اولهه وارن حصن ۾ زندگي جو معمول متاثر ٿيو

ڪيترن ئي ضلعن ۾ ٻوڏ سبب گهرن جي بنيادي ڍانچي ۽ جوپائي مال کي نقصان پهچڻ جو اطلاع

ڪابل (اي پي پي) افغانستان ۾ برسات ۽ برفباري سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ ٻوڏ اچڻ سبب 17 ڄڻا فوت ۽ 12 زخمي ٿي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ترقياتي اسڪيمن جو افتتاح ڪرڻ بعد دعا گهرندي

ڪراچي جي پراڻن انفرا اسٽرڪچر مسئلن کي مستقل بنيادن تي حل ڪيو ويندو: مرتضيٰ وهاب

ميئر صفورا ٽائون، گلزار هجري ۾ تعمير ڪيل رحيم بخش سومرو روڊ ۽ ٻين منصوبن جو افتتاح ڪيو

برساتي ڪانئري انفرا اسٽرڪچر جي بحالي وڏو چئلينج هو اڄ عوام ترقياتي ڪم ڏسي رهيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ضلعي اوير جي صفورا ٽائون گلزار هجري اسڪيم 33 ۾ 104 ملين رپين جي لاڳت سان تعمير ڪيل رحيم بخش سومرو روڊ سميت ٻين ترقياتي منصوبن جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڪي ايم سي سٽي ڪائونسل جي ڊپٽي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ايس آءِ يو جي ڪارروائي، ڀتا خوري گروپ جا ٻه جوابدار سوگهه

ڪارروائي دوران صمد ڪاڪاواڙي ۽ وصي الله لاکو گروهه جا ابو هريره ۽ دلاور سوگها

جوابدار شهر ۾ واپارين ۽ صنعتڪارن کان ڀتو طلب ڪرڻ ۾ ملوث هئا: عملدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (SIU) ۽ وفاقي انٽيليجنس اداري جي گڏيل ڪامياب ڪارروائي دوران ڀتو خور عنصرن خلاف اهم ڪاميابي حاصل ڪئي وئي آهي ايس ايس پي ايس آءِ يو محمد عمران خان موجب، بدنام ڀتو خور صمد ڪاڪاواڙي ۽ وصي الله

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ نئين آءِ جي جي مقرري بعد پوليس جي انتظامي ۽ وڏن عهدن جون تبديليون

سي ٽي ڊي جي ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان کي بدلي ڪري ڪراچي پوليس چيف مقرر

شرجيل کرل، اقبال دارا، پرويز احمد چانڊيو، ڪيپٽن رٽائرڊ فيصل عبدالله ۽ ناصر آفتاب بدلي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) آءِ جي سنڌ جي مقرري ڪانپوءِ پوليس کاتي ۾ نئين سال جي شروعات ۾ اهم انتظامي ۽ وڏن عهدن جون تبديليون سي ٽي ڊي جي ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان کي بدلي ڪري ڪراچي پوليس چيف مقرر ڪيو ويو ذوالفقار علي لاڙڪ کي ايڊيشنل آءِ جي سي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

صوبائي سليڪشن بورڊ ٽو جو اجلاس، 270 آفيسرن کي ترقي ڏيڻ جي سفارش

چيف سيڪريٽري جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ آفيسرن جي ترقي بابت ڪيسن جو جائزو ورتو ويو

ڪارڪردگي ۽ اهليت تحت 270 آفيسرن کي اعليٰ گريڊن ۾ ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ صوبائي سليڪشن بورڊ ٽو جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ مختلف کاتن سان لاڳاپيل آفيسرن جي ترقي بابت ڪيسن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ، سينيئر ميمبر بورڊ آف

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

وزيراعظم پاران اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس جي 1 لک 79 هزار پوائنٽس جي سطح عبور ڪرڻ تي اطمينان جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس جي 1 لک 79 هزار پوائنٽس جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

گيبون جي صدر نئين حڪومت جوڙڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

ليبريويل (اي پي پي) گيبون جي صدر برائس ڪلوٽائر اوليگي نگويما 31 رڪني نئين

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

اپوزيشن پارٽيون فضل الرحمان کي اپوزيشن ليڊر نامزد ڪن ته ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون: عبدالغفور حيدري

مولانا فضل الرحمان اڳ به هن عهدي تي خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي

پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ مسئلا ڳالهين جي ذريعي حل ٿيڻ گهرجن

اسان جا نوجوان دهشتگردي سبب شهيد ٿي رهيا آهن، جيڪو وڏي ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي

ڪراچي (ڪ ر ڊ) جي يو آءِ (ف) اڳواڻ مولانا عبدالغفور حيدري جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن سڄي اپوزيشن پارٽيون متفقه طور تي مولانا فضل الرحمان کي اپوزيشن ليڊر نامزد ڪن ٿيون ته ان حوالي سان صلاح مشورا ڪري سگهجن ٿا، صحافين سان ڳالهائيندي هن قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ اپوزيشن ليڊر جي فوري طور تي مقرري جو مطالبو ڪيو هن چيو ته اپوزيشن ليڊر کي اڪثريتي اپوزيشن پارٽي مان چونڊيو وڃي هن چيو ته مولانا عبدالغفور حيدري جي مطابق مولانا فضل الرحمان اڳ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ ايران جي سفير رضا اميري جو اي پي پي هيڊڪوارٽرز جو دورو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۾ ايران جي سفير رضا اميري قومي خبررساں اداري ايسوسيئيٽڊ پريس آف پاڪستان (اي پي پي) جي هيڊڪوارٽرز جو دورو ڪيو ۽ ايران ۽ پاڪستان جي وچ ۾ مضبوط ڀائيچاري

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪئناڊا ۾ ايئر انڊيا جي پائليٽ کي نشي جي حالت ۾ هجڻ سبب اڏام مان لاٿو ويو

وينڪوور (اي پي پي) ڪئناڊا ۾ ايئر انڊيا جي پائليٽ کي نشي جي حالت ۾ هجڻ سبب اڏام مان لاٿو ويو ڪشمير ميڊيا

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

مذهبي معاملن بابت وفاقي سيڪريٽري ڊاڪٽر سيد عطاالرحمان رٽائرڊ ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) مذهبي معاملن بابت وفاقي سيڪريٽري ڊاڪٽر سيد

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات دوران ورتل فوٽو

بلاول ڀٽو زرداري سان نئين آءِ جي جي ملاقات، امن لاءِ ايڪشن پلان بابت آگاهي

آءِ جي جاويد عالم اوڍو بلاول هائوس پهچي پيپلز پارٽي جي چيئرمين سان ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ صوبي ۾ امن امان قائم ڪرڻ بابت پنهنجي ايڪشن پلان بابت آگاهه ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان ملاقات، ملاقات ۾

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

پاڪ ايئر فورس جي اڳوڻي سربراهه جي ڌيءَ آمريڪا ۾ روڊ حادثي ۾ فوت

ڪائونٽي ڊبيوٽي ۾ ويڪ اينڊ دوران هڪ مقامي ٽرانسپورٽيشن ڪار حادثي ۾ فوت ٿي وئي

واشنگٽن (ڪ ر ڊ) پاڪ ايئر فورس جي اڳوڻي سربراهه ايئر مارشل نور خان جي ڌيءَ ڊاڪٽر فائقه نور خان آمريڪا ۾ روڊ حادثي ۾ حياتي وڃائي ويٺي پرڏيهي خبررساں اداري جي رپورٽ موجب، آمريڪي رياست ورجينيا جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران صوبي کان ٻاهر تعليم، صحت ۽ مفت رهائش جا منصوبا اهم آهن: بلاول ڀٽو

بلوچستان ۾ سنڌ پيپلز هائوسنگ اسڪيم تحت ساڍا چار هزار متاثر خاندانن کي گهر تعمير ڪري ڏنا پيا وڃن

گوجر خان، ڀير، رحيم يار خان، ڊيره اسماعيل خان ۽ مظفرڳڙهه ۾ جديد اسپتالون تعمير ڪيون پيون وڃن

خيبرپختونخوا ۾ گرلز ڪاليج ۽ عورتن لاءِ ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر تعمير ڪيا پيا وڃن: آگاهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي صدارت هيٺ سنڌ حڪومت جي صوبي کان ٻاهر جاري عوامي فلاحي منصوبن بابت اجلاس منعقد ٿيو اجلاس دوران چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي سنڌ حڪومت پاران صوبي کان ٻاهر تعليم، صحت ۽ مفت رهائش جي جاري منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته بلوچستان جي ضلعي صحبت پور ۾ سنڌ

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سوئٽزرلينڊ ۾ باهه سبب فوت ٿيلن ۾ وڏي انگ ۾ پرڏيهي سياح شامل

زخمين کي علاج جي لاءِ پاڙيسري ملڪن ڏانهن منتقل ڪيو ويو

برن (اي پي پي) سوئٽزرلينڊ جي تفريحي ماڳ ڪرينز - مونٽانا جي شراب خاني ۾ باهه لڳڻ سبب فوت ٿي ويلن ۾ وڏي انگ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

جسٽس منصور علي شاهه کي 16 ڪروڙ ۽ جسٽس اطهر من الله کي 15 ڪروڙ پينشن ملي وئي

27 هين آئيني ترميم ڪانپوءِ پنهنجي عهدن تان استعيفيٰ ڏيڻ ڪانپوءِ ٻنهي ججن کي پينشن ادا ڪئي وئي

رينٽ ساڍا ٽي لک، سپيريئر جڊيشل الائونس 11 لک کان وڌيڪ مقرر ڪيو ويو هو: قانون واري وزارت

جسٽس منصور علي شاهه 16 سال ۽ جسٽس اطهر من الله 11 سال کان وڌيڪ ملازمت ڪئي، ٻنهي 27 هين آئيني ترميم جي منظوري ڪانپوءِ استعيفيٰ ڏني

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله 27 هين آئيني ترميم ڪانپوءِ پنهنجي عهدن تان استعيفيٰ ڏيڻ ڪانپوءِ ترتيبوار 16 ڪروڙ 10 لک رپيا ۽ 15 ڪروڙ 40 لک

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: رٽائرڊ ٿيل جسٽس جن کي حڪومت طرفان پينشن جاري ڪئي وئي

ڪئناڊا ۾ ايئر انڊيا جي پائليٽ کي نشي جي حالت ۾ هجڻ سبب اڏام مان لاٿو ويو

وينڪوور (اي پي پي) ڪئناڊا ۾ ايئر انڊيا جي پائليٽ کي نشي جي حالت ۾ هجڻ سبب اڏام مان لاٿو ويو ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ڪئناڊا جي شهر وينڪوور ۾ ايئر انڊيا جي هڪ عالمي اڏام ان وقت دير جو شڪار ٿي جڏهن ٽيڪ آف کان اڳ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پهريون ڀيرو سمورن امتحاني بورڊن لاءِ گڏيل ۽ هڪجهڙو معيار لاڳو ڪرڻ جو فيصلو

صوبي ۾ انگريزي، رياضي، فزڪس، ڪيمسٽري ۽ حياتيات جا امتحان هڪ ئي فريم ورڪ موجب ورتا ويندا

اسڪول ايجوڪيشن کاتي طرفان يونيفارم امتحاني نصاب (جي نفاذ لاءِ اين او سي پڻ جاري ڪئي وئي

فيصلي سان امتحانن ۾ شفافيت ۽ شاگردن جي صلاحيتن کي منصفاڻي انداز ۾ پرکي سگهبو: سردار شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ پهريون ڀيرو سمورن امتحاني بورڊن لاءِ گڏيل ۽ هڪجهڙو امتحاني معيار لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جنهن تحت هاڻي انگريزي، رياضي، فزڪس، ڪيمسٽري ۽ حياتيات جا امتحان هڪ ئي فريم ورڪ موجب ورتا ويندا. صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه اهڙي فيصلي کي تعليمي نظام ۾ تاريخي سڌارو قرار ڏيندي چيو آهي ته ان سان امتحانن ۾ شفافيت وڌندي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سعودي ولي عهد ۽ قطر جي امير جو رابطو علائقائي صورتحال تي ڳالهيون

محمد بن سلمان سان پاڪستان جي وزيراعظم محمد شهباز شريف به رابطو ڪيو هو

رياض (اي پي پي) سعودي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان سان قطر جي امير شيخ تميم بن حمد آل ثاني ٽيليفون تي رابطو ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب رابطي دوران سعودي عرب ۽ قطر وچ ۾ پائيدار لاڳاپن، انهن کي مضبوط ۽ ترقي ڏيڻ جي طريقن جو جائزو ورتو ويو

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

تائيوان کي چين جو اڻٽٽ حصو تسليم ڪريون ٿا: پاڪستان

پاڪستان ۽ چين مضبوط دوست ۽ هر اسٽريٽيجڪ سهڪار جا

چين لاءِ تائيوان جو ڀيهر الحاق اٽل آهي ۽ ان کي روڪي نٿو سگهجي: طاهر اندرابي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پرڏيهي کاتي جي ترجمان طاهر اندرابي چيو آهي ته اسان ون چائنا پاليسي تي بدستور عمل پيرا آهيون ۽ تائيوان کي چين جو ناقابل تقسيم ۽ اڻٽٽ حصو تسليم ڪريون ٿا. تائيوان بابت تازي اڳڀرائي جي حوالي سان ميڊيا جي سوالن جي جواب ۾ ترجمان

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سگنل تي ٽريفڪ حادثي ۾ هڪ شخص فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مين ڪورنگي روڊ تي اختر ڪالوني سگنل تي ٽريفڪ حادثي ۾ هڪ شخص فوت ٿي ويو

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار عورت فوت ٿي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لانڍي اسپتال چورنگي ويجهو ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار عورت فوت ٿي وئي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن مان ٻن عورتن جا لاش هٿ آيا، جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ عورتن جا لاش ملڻ جا ٻه الڳ الڳ واقعا، پهريون واقعو ڏوراجي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير علي پرويز ملڪ پاڪستان ۾ سعودي عرب جي سفير نواف بن سعيد احمد المالڪي سان ملاقات ڪندي

صوبائي گهرو اوقعي جو سخت نوٽيس ورتو ايس ايس پي کان فوري تفصيل رپورٽ طلب

ڪراچي ۾ مين هول مان ٻن عورتن، هڪ ٻار ۽ مرد جا تشدد ٿيل لاش هٿ آيا

ڪياماڙي مائي ڪلاچي ڦاٽڪ جي ويجهو گٽر لائين جي مين هول مان لاش هٿ ڪيا ويا

اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ۽ مقتولن جا لاش ڪيماڙي اسپتال منتقل ڪيا

هٿ آيل لاش 10 کان 12 ڏينهن پراڻا لڳي رهيا آهن پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ڪياماڙي ۾ واقع مائي ڪلاچي ڦاٽڪ جي ويجهو مين هول مان چار لاش هٿ آيا آهن اطلاع ملندي واقعي واري هنڌ پوليس وئي ۽ مقتولن جا لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيا ويا. پوليس موجب لاش ٻن عورتن هڪ ٻار ۽ هڪ مرد جا آهن پوليس ذريعن جو چوڻ آهي ته لاش تشدد ٿيل آهن ڊي آءِ جي سائوٿ جو چوڻ آهي ته هٿ آيل لاش 10 کان 12 ڏينهن پراڻا لڳي رهيا آهن پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

آءِ جي جاويد عالم اوڍو سان نامور ڪرڪيٽر شاهنواز ڏاهاڻي جي ملاقات، عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان عالمي شهرت يافته نامور

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيئرمين سينيٽ سيد يوسف رضا گيلاني هڪ شرڪت ڪندڙ کي سووينئر پيش ڪندي

دادو ۽ بدين ضلعن ۾ جاري ۽ رهيل ترقياتي اسڪيمون فوري مڪمل ڪيون وڃن: جام خان شورو

ترقياتي منصوبن جي وقت سر تڪميل وڏي ترجيح آهي، ڪابه غفلت برداشت نه ڪبي

ٽلهار تعلقي اسپتال جي تعميراتي ڪم کي جلد از جلد مڪمل ڪيو وڃي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزير منصوبابندي ۽ ترقي سنڌ جام خان شورو جي صدارت هيٺ دادو ۽ بدين ضلعن جي ترقياتي اسڪيمن بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ سيد نجم احمد شاهه، لاڳاپيل کاتن جا سيڪريٽرين پي اينڊ ڊي جا ميمبر ۽ ٻيا

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

يورپ ويندڙ 200 پناهگيرن جي ٻيڙي ٻڏي وئي، 7 ڄڻا اجل جو شڪار، ڪيترائي گم

گيمبيا جي سمنڊ ڪناري تي 200 پناهگيرن کي کڻي ويندڙ ٻيڙي ٻڏي وئي

اترين ساموندي پٽي واري علائقي جي جينڪ ڳوٺ ۾ ٻيڙي اونڌي ٿي وئي

اطلاع ملڻ تي انتظاميا طرفان سرچ ۽ ريسڪيو آپريشن شروع ڪيو ويو

96 پناهگيرن کي بچايو ويو، 7 ڄڻا اجل جو شڪار، ڪيترائي گم

ڪراچي (ڪ ر ڊ) اولهه آفريڪا ملڪ گيمبيا جي سمنڊ ڪناري تي 200 پناهگيرن کي کڻي ويندڙ ٻيڙي ٻڏي وئي پرڏيهي ميڊيا موجب، اربع جي رات اترين ساموندي پٽي واري علائقي جي جينڪ ڳوٺ ۾ ٻيڙي اونڌي ٿي وئي، جنهن ۾ اٽڪل ٻه سئو پناهگير سوار هئا. ميڊيا رپورٽن موجب، يورپ وڃڻ جا خواهشمند پناهگيرن جي ٻيڙي ٻڏڻ جو اطلاع ملڻ تي انتظاميا

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 آمريڪي صدر

۽ قتل ڪرڻ جو عمل جاري رهيو ته آمريڪا انهن جي مدد لاءِ تيار آهي پرڏيهي ميڊيا موجب ڊونلڊ ٽرمپ سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ خبردار ڪيو آهي ته آمريڪا ڪنهن به امڪاني قدم لاءِ پوري طرح تيار آهي هن چيو ته جيڪڏهن ايراني حڪومت پرامن مظاهرين تي گوليون هلائي انهن کي تشدد ذريعي قتل ڪري جيڪو سندس معمول جو ڪم آهي ته آمريڪا انهن جي مدد لاءِ اڳيان ايندو آسان ڪنهن به ڪارروائي لاءِ مڪمل طور تي تيار آهيون ڊونلڊ ٽرمپ جي ان بيان کي ايران جي اندروني صورتحال تي سخت آمريڪي موقف طور ڏٺو پيو وڃي، جنهن کانپوءِ خطي ۾ ڇڪتاڻ ۾ اضافي جا خدشا پڻ ظاهر ٿي رهيا آهن جڏهن ته آمريڪي انتظاميه ان حوالي سان وڌيڪ تفصيل فراهم نه ڪيا آهن

بقايا 2 جنم ٽيپ

ڪيائي عدالت ۾ پيش ٿيو جڏهن ته جوابدارن طرفان ايڊووڪيٽ گلفام اشرف گورائيا پيش ٿيو ايڊووڪيٽ گلفام گورائيا کي عدالت طرفان وڪيل مقرر ڪيو ويو هو دهشتگردي ڪورٽ ايڪٽ موجب جوابدارن جي غير موجودگي ۾ ٽرائل ڪري سگهجي ٿو عدالت ڊجيٽل دهشتگردي واري ڪيس ۾ عادل راجا، حيدر مهدي، وجاهت سعيد، صابر شاڪر ۽ معيد پيرزادا کي ٻه ٻه ڀيرا جنم ٽيپ جي سزا ٻڌائي دهشتگردي ڪورٽ عدالت جوابدارن کي ٻين قلمن ۾ پڻ گڏيل طور 35 سال قيد ۽ هر هڪ کي 15 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي

بقايا 3 وزيراعليٰ ڪي پي ڪي

اسٽيبلشمينٽ سان ڳالهين بابت ڪيس کا هدايت ناهي ڏني پر هو صوبائي معاملن تي اسٽيبلشمينٽ سان ڳالهه ٻولهه ۽ لاڳاپا بهتر ڪرڻ لاءِ هو تيار آهي خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي پشاور ۾ سينيئر صحافين سان ڌار ڌار ملاقاتون ڪيون ۽ غير رسمي ڳالهه ٻولهه دوران ٻڌايو ته اسٽيبلشمينٽ سان ڳالهين بابت پي ٽي آءِ باني ڪيس نه چيو آهي جڏهن ته ڳالهين جو ٽاسڪ محمود اچڪزئي ۽ علامه ناصر عباس حوالي ڪيو ويو آهي هن چيو ته هو اسٽيبلشمينٽ سان صوبائي معاملن تي ڳالهه ٻولهه ۽ لاڳاپا بهتر ڪرڻ لاءِ تيار آهي سندس چوڻ هو ته پي ٽي آءِ باني سان سندس ملاقات نه پئي ڪرائي وڃي ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي بالادستي هئڻ گهرجي ۽ ڊرون حملا بند ٿيڻ گهرجن

بقايا 4 استعيفيٰ

اڳوڻي وزيراعظم ۽ مسلم ڪانفرنس جي صدر سردار عتيق احمد خان پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي آزاد ڪشمير جي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. جاري بيان مطابق سردار عتيق احمد خان قانون ساز اسيمبلي جي اسپيڪر کي لکت ۾ استعيفيٰ موڪلي آهي. جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته سندس نالو صلاح ڪانسواءِ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي ۾ شامل ڪيو ويو ان لاءِ مان ڪميٽي تان استعيفيٰ ڏيان ٿو. واضح رهي ته آزاد جمون ڪشمير ۾ نئين حڪومت ٺهڻ بعد پناهگيرن جي سيٽ تي ڪامياب ماجد خان جي سربراهي ۾ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جوڙي وئي جنهن ۾ سردار عتيق احمد خان کي به ميمبر طور شامل ڪيو ويو هو.

بقايا 5 احسن اقبال

سڌارن ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو ته بليو اڪانومي پاڪستان جي معاشي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي ڪالهه بليو اڪانومي تي رٿيل اجلاس کي خطاب ڪندي هن چيو ته گوادر پورٽ ۽ ڪراچي پورٽ کي وچ ايشيا سان واپاري رابطن کي هٿي ڏيڻ لاءِ ترقي ڏني پئي وڃي ته جيئن پاڪستان کي علائقائي واپار جو مؤثر گيٽ وي بڻائي سگهجي. سندس چوڻ هو ته بليو اڪانومي کي صرف ماهيگيريءَ تائين محدود نٿو رکي سگهجي پر فش پروسيسنگ، برانڊنگ ۽ عالمي مارڪيٽن تائين رسائيءَ لاءِ مارڪيٽنگ تي به ڀرپور توجهه ڏيڻ اڻٽر آهي. وفاقي وزير چيو ته دنيا جا ڪيترائي ملڪ سامونڊي وسيلن جي دانشمندانه استعمال سان بليو اڪانومي کي پنهنجي معاشي ترقي جو مضبوط ٿنڀ بڻايو آهي. جڏهن ته پاڪستان ۾ خاص ڪري بلوچستان جا سامونڊي علائقا قومي معيشت ۾ فيصلائتو ڪردار ادا ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت رکن ٿا. هن ٻڌايو ته رٿابندي واري وزارت ميري ٽائم شعبي جي منصوبن لاءِ بنيادي ڍانچو ۽ پاليسي فريم ورڪ تيار ڪري ورتو آهي

بقايا 6 منظوري

ترميم جو صدارتي حڪمنامو جاري ڪرڻ جي لاءِ ڪارروائي جي منظوري ڏئي ڇڏي جڏهن ته وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پي آءِ اي جي 75 سيڪڙو شيئرز جي نجڪاري ڪاميابي سان طئي ٿي ۽ بڊنگ جو عمل انتهائي شفاف رهيو هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ۾ جي ڊي پي ۾ خاطرخواهه اضافو خوش آئنده آهي. گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زايد النهيان سان تازيون ملاقاتون ٻطرفي لاڳاپن ۽ گڏيل مشاورت جي ڏس ۾ انتهائي ڪارائتيون رهيون. سعودي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان سان پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ٿي ڪالهه جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جو اجلاس وزيراعظم هائوس ۾ ٿيو اجلاس جي شرڪت ڪندڙن سان ڳالهائيندي وزيراعظم وفاقي ڪابينا جي ميمبرن کي نئين سال جي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو وزيراعظم ان ڳالهه تي اطمينان جو اظهار ڪيو ته پي آءِ اي جي 75 سيڪڙو شيئرز جي نجڪاري انتهائي ڪاميابي سان طئي ٿي ۽ بڊنگ جو عمل انتهائي شفاف رهيو هن چيو ته اسان حڪومت ۾ ايندي ئي اهو عزم ڪيو هو ته خساري جو شڪار رياستي ملڪيتي ادارن جي نجڪاري ڪئي ويندي، پي آءِ اي جي نجڪاري ان حوالي سان هڪ انتهائي اهم سنگ ميل آهي سندس چوڻ هو ته خساري ۾ ويندڙ رياستي ملڪيتي ادارن جي نجڪاري حڪومت جي معاشي سڌارن جي ويژن جو حصو آهي هن چيو ته هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ۾ ملڪ جي جي ڊي پي ۾ خاطرخواهه اضافو خوش آئنده آهي هن چيو ته اسان ملڪ کي ڊيفالٽ جي ويجهو کان ڪڍي معاشي استحڪام تائين آندو آهي هن گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زايد النهيان سان پنهنجي تازي ملاقاتن جو ذڪر ڪندي انهن کي ٻطرفي لاڳاپن ۽ گڏيل مشاورت جي ڏس ۾ انتهائي لاڀائتو قرار ڏنو وزيراعظم چيو ته هڪ ڏينهن اڳ سندس سعودي عرب جي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان سان ٽيليفون تي خوشگوار ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ معاشي ۽ اسٽريٽجڪ لاڳاپن جي رفتار تي اطمينان جو اظهار ڪيو ويو

بقايا 7 ڳالهيون

سيد مراد علي شاهه پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي ۽ صوبي جي انتظامي ۽ سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

بقايا 8 سفارش

سنڌ آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ صوبائي سليڪشن بورڊ ٽو جو اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ اطلاعات کاتي جي سينيئر آفيسر نامور اديب، شاعر ۽ ڪالم نگار سرور سميجو کي گريڊ 19 ۾ ڊائريڪٽر جي عهدي تي ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي. سرور سميجو پنهنجي ادبي، صحافتي ۽ سماجي خدمتن سبب وڏي سڃاڻپ رکي ٿو هن عوامي آگاهي، ثقافتي قدرن جي واڌ ويجهه ۽ سرڪاري پيغام کي عام ڪرڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي سندس ترقي کي خدمتن، محنت ۽ قابليت جو اعتراف قرار ڏنو پيو وڃي.

بقايا 9 فيصلو

سگهجي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ حڪومت فيصلو ڪيو آهي ته غير محفوظ عمارتن کي فوري طور تي خالي ڪرايو وڃي فيصلي موجب جيڪي عمارتون اڳواٽ ئي خالي ڪيون ويون آهن انهن کي ڊاهيو ويندو متاثر ٿيل رهائشين جي بحالي کي يقيني بڻايو ويندو. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سڄي شهر ۾ 588 انتهائي خطرناڪ عمارتن مان 471 جي سروي اسسٽنٽ ڪمشنرز مڪمل ڪري ورتي آهي

بقايا 10 غير حاضر

سيڪريٽريٽ پهچڻ تي چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه وڏي وزير جو استقبال ڪيو دوري دوران وڏي وزير سنڌ سيڪريٽريٽ جي مختلف حصن جو معائنو ڪيو ۽ جاري ترقياتي ۽ مرمتي منصوبن جي رفتار ۽ معيار جو جائزو ورتو ان موقعي تي هن پيشيوراڻي ماحول برقرار رکڻ ۽ سرڪاري آفيسن جي مؤثر ڪارڪردگي کي عوام کي بهتر خدمتون مهيا ڪرڻ لاءِ انتهائي ضروري قرار ڏنو سنڌ جي وڏي وزير سرڪاري وقتن دوران گهڻن سيڪريٽرين کي آفيسن ۾ موجود ڏسي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ ان کي انتظامي نظم ۽ ضبط ۽ ذميواري جو سٺو مثال قرار ڏنو بهرحال معائني دوران اهو معلوم ٿيو ته ڇهه سيڪريٽري صبح سادي نائين وڳي تائين آفيسن ۾ غير حاضر هئا.

بقايا 11 سلامي پيش

انويسٽيگيشن ۽ ٻين اعليٰ پوليس آفيسرن پاران استقبال ڪيو ويو، موقعي تي هڪ سفيد لباس ۾ ملبوس پوليس جي دستي کيس سلامي پيش ڪئي ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان باضابطه طور تي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جو عهدو سنڀاليو اهو ياد رکڻ گهرجي ته ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان اڳ ۾ ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي سنڌ جي عهدي تي خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو ٻئي پاسي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان جي صدارت هيٺ ڪراچي پوليس آفيس ۾ هڪ تعارفي اجلاس منعقد ڪيو ويو

بقايا 12 پهچي ويون

هڪ لک 78 هزار پوائنٽس جي تاريخي حد پار ڪري ورتي ڪاروبار جي شروعات تي ئي مارڪيٽ ۾ زبردست خريداري جو رجحان رهيو جنهن سبب هنڊرڊ انڊيڪس 2100 کان وڌيڪ پوائنٽس جي اضافي سان هڪ لک 78 هزار 504 پوائنٽس جي بلند ترين سطح تائين پهچي ويو جيڪو پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ جي تاريخ جو نئون رڪارڊ آهي مارڪيٽ ذريعن مطابق بئنڪنگ، توانائي، آئل اينڊ گيس، سيمنٽ ۽ آٽو موبائيل سيڪٽرز ۾ نمايان خريداري ڏسڻ ۾ آئي مقامي ۽ پرڏيهي سيڙپڪارن مارڪيٽ ۾ ڀرپور دلچسپي جو مظاهرو ڪيو واضح رهي ته گذريل ڏينهن جي پڄاڻي تي 100 انڊيڪس 2301 پوائنٽس جي اضافي سان هڪ لک 76 هزار 355 پوائنٽس جي سطح تي بند ٿيو هو

بقايا 13 سهيل راجپوت

دوران حاصل ڪيل تجربي بابت ڄاڻ ورتي ان موقعي تي شاگردن پاران صوبائي محتسب سنڌ جي آفيس بابت عوامي آگاهي وڌائڻ لاءِ مختلف تجويزون پيش ڪيون ويون صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت چيو ته شاگردن جون تجويزون تجربو ۽ شموليت قابل تعريف آهي جڏهن ته اسان يونيورسٽين ۾ صوبائي محتسب سنڌ جا سهولت ڊيسڪ قائم ڪرڻ بابت پڻ غور ڪري رهيا آهيون بعد ۾ تقريب دوران اين اي ڊي يونيورسٽي ۽ وفاقي اردو يونيورسٽي جي شاگردن کي انٽرنشپ مڪمل ڪرڻ تي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

بقايا 14 مقرر

جي مينٽيننس جا ذميوار هوندا ذريعن موجب منور مهدي واش رومز جي صفائي سٿرائي بابت هر هڪ ڪلاڪ بعد رپورٽ تيار ڪندو ان کان علاوه سيوريج لائينن ۾ چوڪين ۽ ٻين ڪيڙن جي خاتمي لاءِ به قدم کڻڻ منور مهدي جي ذميوارين ۾ شامل هوندو ايف آءِ اي اختيارين موجب اهي سمورا ڪم پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي (PAA)جي سهڪار سان انجام ڏنا ويندا ذريعن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته منور مهدي خلاف هلندڙ هڪ انڪوائري دوران لاڳاپيل آفيسر سفارش ڪئي هئي ته کيس ڪنهن به اميگريشن چيڪ پوسٽ تي تعيناتي لاءِ بليڪ لسٽ ڪيو وڃي

بقايا 15 قتل

سڃاڻپ 17 سالن جي ڪومل جي نالي سان ٿي فوت ٿيل ڇوڪري فرسٽ ايئر جي شاگردياڻي هئي خاندان موجب فائرنگ جو واقعو ڪورنگي نمبر 6 مارڪيٽ ويجهو مبينا پوليس مقابلي دوران پيش آيو مقتولا پنهنجي ماءُ ۽ ننڍي ڀاءُ سان گڏ پنهنجي ناني جي گهر کان اچي رهي هئي خاندان جو چوڻ آهي ته مبينا پوليس مقابلي دوران رڪشا ڊرائيور به ٻانهن ۾ گولي لڳڻ سبب فائرنگ ۾ زخمي ٿي پيو پر اهو معلوم ناهي ته زخمي رڪشا ڊرائيور ڪٿي ويو پيءُ موجب مقتولا ڪومل ٻن ڀائرن جي اڪيلي ڀيڻ هئي ڪورنگي نمبر 6 مارڪيٽ ۾ ٿيل مبينا پوليس مقابلي جون وڊيوز پڻ حاصل ڪيون ويون آهن پوليس جو دعويٰ آهي ته مولا بخش نالي جوابدار کي مبينا پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو

بقايا 16 جام خان شورو

اعليٰ عملدار شريڪ ٿيا. اجلاس دوران دادو ۽ بدين ۾ جاري ۽ پلٽي پيل ترقياتي اسڪيمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ لاڳاپيل عملدارن پاران بريفنگ ڏني وئي. اجلاس ۾ ڊگهي عرصي کان دير جو شڪار ترقياتي منصوبن بابت اهم فيصلا ڪيا ويا. ان موقعي تي وزير منصوبا بندي ۽ ترقي جام خان شورو عملدارن کي هدايت ڪئي ته پلٽي پيل موجود سڀئي ترقياتي اسڪيمون فوري طور تي مڪمل ڪيون وڃن ۽ ڪنهن به قسم جي دير برداشت نه ڪئي ويندي. هن صحت کاتي کي هدايت ڪئي ته ضلعي بدين جي تعلقي اسپتال تلهار جي تعميراتي ڪم کي جلد از جلد مڪمل ڪيو وڃي.

بقايا 17 سفارش

ريونيو سميت لاڳاپيل سيڪريٽرين ۽ اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس دوران صوبائي سليڪشن بورڊ ٽو مختلف کاتن جي آفيسرن جي سروس رڪارڊ، ڪارڪردگي رپورٽن ۽ اهليت جي معيار جو تفصيلي جائزو وٺڻ کانپوءِ ڪل 270 آفيسرن کي اعليٰ گريڊن ۾ ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي گهرو کاتي (پوليس) سان واسطو رکندڙ 43 ڊپٽي سپرنٽينڊنٽس آف پوليس (ڊي ايس پيز) کي سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (ايس پي) گريڊ 18 ۾ ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي، صحت کاتي ۾ 165 ميڊيڪل آفيسرن کي سينيئر ميڊيڪل آفيسر جڏهن ته 23 ڊينٽل آفيسرن کي سينيئر ڊينٽل سرجن جي عهدي تي ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي

بقايا 18 تبديليون

ٽي ڊي سنڌ مقرر ڪيو ويو شرجيل ڪرل کي ايڊيشنل آءِ جي آپريشن مان بدلي ڪري ايڊيشنل آءِ جي اسپيشل برانچ سنڌ مقرر ڪيو ويو ايڊيشنل آءِ جي ٽريننگ اقبال دارا کي ايڊيشنل آءِ جي آپريشنز سنڌ جو اضافي چارج به ڏنو ويو پوسٽنگ جي انتظار ۾ ويٺل پرويز احمد چانڊيو ڊي آءِ جي اسٽيبلشمينٽ سنڌ مقرر ڪيپٽن رٽائرڊ فيصل عبدالله کي سکر مان بدلي ڪري ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج مقرر ڪيو ويو ناصر آفتاب کي ڊي آءِ جي سکر رينج جو اضافي چارج ڏنو ويو سنڌ حڪومت پاران پوليس کاتي ۾ اهم انتظامي عهدن تي مقررين ۽ بدلين جو نوٽيفڪيشن جاري.

بقايا 19 سوگها

لاکو گروهه جا ٻه اهم ڪارندا گرفتار ڪيا ويا آهن گرفتار ٿيل جوابدارن کي شهر جي مختلف علائقن ۾ ڪيل ڇاپن دوران حراست ۾ ورتو ويو پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ ابو هريره ۽ دلور جي نالن سان ٿي آهي جوابدار شهر ۾ واپارين ۽ صنعتڪارن کان ڀتو طلب ڪرڻ ۾ ملوث هئا ۽ باقاعده طور سندن ريڪي ڪندا هئا. ايس ايس پي عمران خان ٻڌايو ته حاصل ڪيل سموري معلومات ٻاهرين ملڪ ويٺل ڀتو خور گروهه جي سرغنه کي موڪلي ويندي هئي جيڪو پرڏيهي نمبرن تان واپارين کي فون ڪري ڀتو طلب ڪندو هو پوليس موجب جوابدار نيو ڪراچي واري علائقي ۾ داخل ڀتي جي ڪيس ۾ به گهربل هئا. جاچ دوران انڪشاف ٿيو آهي ته جوابدارن گارمينٽس فيڪٽري جي مالڪ کي ڀتو ڏيڻ لاءِ فون ڪال ڪئي هئي ۽ ڊيڄارڻ لاءِ سندس رهائشگاهه تي فائرنگ پڻ ڪئي هئي گرفتار ٿيل جوابدارن کان وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته انهن خلاف ايس آءِ يو ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 20 مرتضيٰ وهاب

پارلياماني ليڊر دل محمد، يوسي چيئرمين بشير خاصخيلي پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي اوڀر جو صدر اقبال سانڌ، آصف خان ۽ ٻيا به موجود هئا. تقريب کي خطاب ڪندي ميئر ڪراچي چيو ته سعودي سويٽ کان عبدالسلام روڊ تائين نئين سڙڪ جي تعمير مڪمل ڪئي وئي آهي، جنهن سان علائقي ۾ ٽريفڪ جا مسئلا نمايان طور گهٽجي ويندا. هن چيو ته رحيم بخش سومرو روڊ 3500 فٽ ڊگهي ۽ 36 فٽ ويڪري آهي جيڪا جديد انجنيئرنگ معيار موجب تعمير ڪئي وئي آهي سڙڪ جي تعمير ۾ 12 انچ سب بيس ۽ 8 انچ ايگريگيٽ استعمال ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڪرب بلاڪس سميت 130,000 اسڪوائر فٽ ڪارپيٽ ايريا 3 انچ بائنڊر سان مڪمل ڪئي وئي آهي نئين سڙڪ تي لين مارڪنگ ۽ ڪيٽ آئيز پڻ لڳايا ويا آهن. ميئر ڪراچي چيو ته هو علائقي ۾ عوام جي هڪ پراڻي ۽ سنگين مسئلي سڙڪ جي خراب حالت جي حل لاءِ موجود آهي هن چيو ته ڪيترن سالن کان هي علائقو نظرانداز رهيو برسات دوران عوام کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوندو هو ۽ بلديه عظميٰ ڪراچي لاءِ هي هڪ وڏو چئلينج هو ته هن علائقي جي ذميواري ڪو به نه کڻي رهيو هو هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻن اهو مسئلو سندس سامهون آندو جنهن بعد سڙڪ جي نئين سر تعمير جو فيصلو ڪيو ويو اڄ ساڳي سڙڪ تي مڪمل طور نئون منظر نظر اچي رهيو آهي ۽ عوام پاڻ ترقياتي ڪم ڏسي رهيا آهن هن چيو ته صفورا ڳوٺ ۾ پهلوان گوٺ روڊ پڻ هڪ اهم ۽ پراڻو مسئلو هو جنهن بابت هو اڄ علائقي جي رهواسين کي خوشخبري ڏيڻ چاهي ٿو ته ايندڙ هفتي ان سڙڪ جو ٽينڊر جاري ڪيو ويندو ۽ ساڳئي مالي سال اندر ڪم شروع ڪيو ويندو هن واضح ڪيو ته ان منصوبي ۾ رڳو سڙڪ جي تعمير نه پر نيڪال آب جو نظام ۽ ٻيون بنيادي سهولتون به شامل هونديون ۽ اهو مسئلو پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت حل ڪري رهي آهي ميئر ڪراچي چيو ته جهانگير روڊ جي مسئلي جي حل لاءِ پڻ ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ ڪم شروع ڪيو ويندو ۽ 60 ڏينهن اندر اهو منصوبو مڪمل ڪيو ويندو ان منصوبي سان جهانگير روڊ، ضلعي وچولي گرومندر جي رهواسين ۽ ايم اي جناح روڊ ڏانهن اچ وڃ ڪندڙ لکين ماڻهن کي بهتر ۽ معياري سڙڪ جي سهولت ملندي هن چيو ته شاهراهه فيصل تي ٽريفڪ جام خاص طور گلستان جوهر ۽ صفورا ڏانهن ويندڙ ماڻهن کي عسڪري فور ڊالميا، جوهر موڙ ۽ پرفيوم چوڪ تي شديد تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو انهن مسئلن جي حل لاءِ پهلوان گوٺ روڊ کي متبادل رستي طور تيار ڪيو پيو وڃي ان سان گڏ هڪ نئين سڙڪ جي تعمير جو پڻ فيصلو ڪيو ويو آهي جيڪا نتا خان فلائي اوور پرسان شروع ٿي حبيب يونيورسٽي جي پويان ٿيندي پهلوان گوٺ سان ڳنڍجي ويندي هن چيو ته ان متبادل سڙڪ جي تعمير تي 80 ڪروڙ رپيا لاڳت ايندي ۽ اهو منصوبو بلديه عظميٰ ڪراچي مڪمل ڪندي ميئر ڪراچي چيو ته انهن سمورن ترقياتي قدمن جو مقصد شهرين کي بهتر سفري سهولتون مهيا ڪرڻ ۽ ڪراچي جي پراڻن انفرااسٽرڪچر مسئلن کي مستقل بنيادن تي حل ڪرڻ آهي هن چيو ته ساڳيو قانون ۽ ساڳيا اختيار هئڻ باوجود اڄ قيادت مختلف آهي ۽ موجوده قيادت پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي آهي جنهن سبب شهري ترقي کي حقيقي ترجيح ڏني پئي وڃي هن چيو ته بلوچ ڪالوني ايڪسپريس وي جي تعمير 31 جنوري 2026 تائين مڪمل ڪئي ويندي، جنهن ۾ سڙڪ، نيڪال آب ۽ اسٽريٽ لائٽس سميت سڀ بنيادي سهولتون شامل هونديون ان منصوبي تحت قيوم آباد کان شهيد ملت فلائي اوور ۽ اتان جيل چورنگي تائين مڪمل ڪوريڊور عوام لاءِ کوليو ويندو جنهن سان ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽجندو ۽ شهرين کي متبادل رستو ملندو يونيورسٽي روڊ بابت ڳالهائيندي ميئر ڪراچي چيو ته بي آر ٽي منصوبو ماضي ۾ مالي مسئلن سبب سست رفتاري جو شڪار رهيو پر سنڌ حڪومت جي مدد سان اهي رڪاوٽون ختم ڪيون ويون آهن هن وزيراعليٰ سنڌ ۽ صوبائي ڪابينا جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته ٺيڪيدار کي واجبات ادا ڪيا ويا آهن ۽ منصوبو ٻيهر شروع ٿي چڪو آهي هن چيو ته يونيورسٽي روڊ بي آر ٽي منصوبي کي 31 جولاءِ تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي ته جيئن روزانو سفر ڪندڙ لکين ماڻهن کي درپيش تڪليفن ۾ نمايان گهٽتائي اچي ميئر ڪراچي چيو ته ضلعي ڪورنگي ۾ ڪورنگي ڪاز وي تي تعمير ٿيندڙ 1.3 ڪلوميٽر ڊگهي ڇهه لين وارو برج 31 جنوري کان اڳ مڪمل ڪري عوام لاءِ کوليو ويندو جنهن سان ڪورنگي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ٽريفڪ جي رواني بهتر ٿيندي هن چيو ته تاج حيدر برج مڪمل ڪري کوليو ويو آهي جڏهن ته جام صادق برج تي ترقياتي ڪم تيزي سان جاري آهي ملير بابت هن چيو ته مرغي خانه فلائي اوور کي موجوده چار لين مان اٺ لين ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي ۽ اهو منصوبو 31 مارچ تائين مڪمل ڪري عوام لاءِ کوليو ويندو اهڙي طرح مسجد عائشه کان شاهراهه ڀٽو ڏانهن ويندڙ رستو به 23 مارچ تائين مڪمل ڪيو ويندو ته جيئن شهرين کي هڪ ٻيو متبادل سفري رستو ملي سگهي هن چيو ته مينا بازار انڊرپاس تي ڪي اليڪٽرڪ جو ڪم جاري آهي جيڪو ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ مڪمل ٿي ويندو ان کان پوءِ ڪارپيٽنگ ڪئي ويندي ۽ انڊرپاس مڪمل ڪيو ويندو مينا بازار انڊرپاس فيبروري جي پهرين هفتي ۾ عوام لاءِ کوليو ويندو هن چيو ته منور چورنگي انڊرپاس گلستان جوهر جي عوام لاءِ ساڳئي مالي سال اندر مڪمل ڪيو ويندو جڏهن ته شاهه فيصل ڪالوني عظيم پوره ۾ نئين فلائي اوور جي تعمير جو به فيصلو ڪيو ويو آهي ۽ ان منصوبي تي هن ئي مهيني ڪم شروع ڪيو ويندو ميئر ڪراچي چيو ته سندس سوچ واضح آهي ۽ اها سوچ بغير ڪنهن امتياز جي ڪراچي ۽ ڪراچي جي عوام جي خدمت تي ٻڌل آهي اسان جي پاليسي تعصب، تفريق ۽ غير ضروري تنقيد کان مٿي ٿي عملي ڪم ڪري ڏيکارڻ آهي هن چيو ته ڪراچي جون سڀ سياسي جماعتون حڪومت جو حصو آهن جيڪڏهن پاڪستان پيپلزپارٽي وانگر ٻيون جماعتون به ڀرپور نموني ڪم ڪن ته شهر وڌيڪ يڪسوئي ۽ تيزي سان ترقي ڪري سگهي ٿو هن چيو ته جيڪي به ترقياتي منصوبا شروع ڪيا ويا آهن اهي هر صورت ۾ مڪمل ڪيا ويندا، ته جيئن ايندڙ وقت ڪراچي سنڌ صوبي ۽ سڄي پاڪستان جي عوام لاءِ وڌيڪ بهتر ثابت ٿئي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪجهه معاملن ۾ ٽائونز وٽ ميئر کان به وڌيڪ اختيار آهن جيڪڏهن ان جي باوجود هو عوامي مسئلا حل نٿا ڪن ته کين گهر هليو وڃڻ گهرجي هن چيو ته شهر ۾ عملي ڪم پاڪستان پيپلزپارٽي جا جيالا ئي ڪندا ۽ عوام کي رڳو نعرا ۽ دعوائون ڏئي بيوقوف نٿو بڻائي سگهجي هن ٻه ٽوڪ انداز ۾ چيو ته اهو ممڪن ناهي ته بلديه عظميٰ ڪراچي وسيلا فراهم ڪري ۽ زمين تي ڪم نظر نه اچي، عوام نتيجا چاهي ٿي ۽ اسان اهي نتيجا ڏئي رهيا آهيون

بقايا 21 اطمينان جو اظهار

سطح عبور ڪرڻ تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو آهي ته اهو ڪاروباري برادري ۽ سيڙپڪارن جي حڪومت جي پاليسين تي اعتماد جو اظهار آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته ملڪي ترقي جو سفر معاشي ٽيم جي محنت جي ڪري جاري آهي هن معاشي رخ جي بهتري ۽ ملڪ کي ترقي جي سفر تي گامزن ڪرڻ جي لاءِ معاشي ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيو

بقايا 22 حڪومت جوڙڻ جو اعلان

ڪابينا جوڙڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق قانون ساز ۽ مقامي چونڊن کانپوءِ ان ڪابينا ۾ تبديلي تحت گهرو، پرڏيهي معاملن، انصاف، پيٽروليم معيشت ۽ ماليات جي وزارتن ۾ نيون مقرريون ڪيون ويون صدر اڪثر خودمختيار ۽ اهم کاتن ۾ پنهنجن ويجهن ساٿين کي برقرار رکيو آهي نئين ڪابينا ۾ 11 عورتون ۽ 20 مرد شامل آهن گيبون جي آئين مطابق صدر رياست سان گڏوگڏ حڪومت جي سربراهه جا فرض به ادا ڪندو آهي

بقايا 23 اجلاس

اجلاس ۾ مختلف شعبن ۾ جاري تعاون جو جائزو ورتو ويو ۽ اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپن کي وڌيڪ وڌائڻ جي طريقن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي نائب وزيراعظم اهم ترجيحي شعبن ۾ ايران سان لاڳاپن کي سگهه ڏيڻ جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو اجلاس ۾ پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، پرڏيهي سيڪريٽري آمنه بلوچ، پيٽروليم واري سيڪريٽري ۽ پرڏيهي وزارت ۽ ٻين لاڳاپيل وزارتن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي

بقايا 24 دورو

لاڳاپن تي زور ڏنو دوري دوران هن اي پي پي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر محمد عاصم کچي سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ميڊيا جي شعبي ۾ تعاون جي فروغ تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ايراني سفير پاڪستاني عوام جي ايران جي لاءِ محبت کي ساراهيندي چيو ته پاڪستان ۽ ايران مشڪل وقت ۾ هڪ ٻئي جا دوست آهن هن ٻنهي ملڪن جي گڏيل تاريخ جو حوالو ڏيندي چيو ته آزمائش جي گهڙي ۾ ٻنهي ملڪن سدائين هڪ ٻئي جو ساٿ ڏنو آهي سفير رضا اميري پاڪستان سان تعاون جي وسيع امڪانن تي روشني وجهندي چيو ته فوجي مشقن، واپار ۽ ثقافتي مٽاسٽا جي شعبن ۾ حصيداري کي وڌيڪ سگهه ڏئي سگهجي ٿي هن ٻڌايو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ موجوده واپاري ڪاٿو 3.3 ارب ڊالر آهي جنهن کي ساليانو 10 ارب ڊالر تائين وٺي وڃڻ جو ارادو آهي هن ميڊيا تعاون جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته ايراني نيوز ايجنسي (ارنا) ۽ اي پي پي جي وچ ۾ سڌوسنئون خبرن جي مٽاسٽا ٻطرفي لاڳاپن جي فروغ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هن غلط معلومات جي تدارڪ ۽ عوامي سطح تي رابطن کي مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ايراني سفير علائقائي رابطا بهتر بڻائڻ جي لاءِ ايران جي ڪوشش جو ذڪر ڪيو جن ۾ نوان سرحدي رستا کولڻ ۽ اسلام آباد کان تهران جي لاءِ سڌوسنئون اڏامن جي شروعات پڻ شامل آهي. هن پاڪستاني صدر کي جلد ايران جي دوري جي دعوت ڏني اي پي پي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر محمد عاصم کچي خاص طور تي فلسطين جي مسئلي تي ايران جي پاڪستان جي لاءِ حمايت کي ساراهيو هن واپار، ثقافت ۽ ميڊيا جي شعبن ۾ تعاون وڌيڪ وڌائڻ جي عزم جو اظهار ڪندي ٻطرفي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۾ مقدس جاين ۽ زيارتن جي اهم ڪردار کي اجاگر ڪيو ملاقات ۾ اي پي پي جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سبين عثمان خٽڪ، ڊائريڪٽر مارڪيٽنگ علي رضا علوي، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊپلوميٽڪ اينڊ گلوبل افيئرز مدثر اقبال جڏهن ته ايراني سفارتخاني جا ڪميونيڪيشن عهديدار هادي گلريز ۽ حبيب پڻ موجود هئا.

بقايا 25 عبدالغفور حيدري

به هن عهدي تي خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ مسئلا ڳالهين ذريعي حل ٿيڻ گهرجن هن چيو ته اسان جا نوجوان مسلسل دهشتگردي سبب شهيد ٿي رهيا آهن جيڪو وڏي ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي مولانا عبدالغفور حيدري زور ڏنو ته هاڻي دهشتگردي جو ڪو مستقل حل ڳولڻ ناگزير ٿي ويو آهي

بقايا 26 زخمي

پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق افغانستان جي نيشنل ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي جي ترجمان ٻڌايو ته برسات سبب ملڪ جي مرڪزي، اترين، ڏکڻ ۽ اولهه وارن حصن ۾ زندگي جو معمول متاثر ٿيو ۽ ڪيترن ئي ضلعن ۾ ٻوڏ سبب گهرن جي بنيادي ڍانچي ۽ چوپائي مال کي نقصان پهچڻ جو اطلاع مليو آهي ترجمان ٻڌايو ته برسات سبب مجموعي طور تي 1800 خاندان متاثر ٿيا. ريسڪيو ٽيمون پنهنجن ذميوارين ۾ مصروف آهن لاڳاپيل عملدارن کي نقصان جو اندازو لڳائڻ لاءِ سروي جو حڪم ڏنو ويو آهي

بقايا 27 رهيو

رهيو ان دوران بئنڪنگ سيڪٽر جي آمدني ۾ 103.8 سيڪڙو جو نمايان اضافو ٿيو آهي، اهڙي طرح سيمينٽ جي شعبي جي آمدني ۾ 88.1 سيڪڙو، فرٽيلائيزر ۾ 68.5 سيڪڙو ۽ ڪيميڪلز جي شعبي جي آمدني ۾ 58.9 سيڪڙو جو اضافو ٿيو آهي. ڊيٽا بيس مئنيجمينٽ ڪمپني "ذخيره" جي انگن اکرن مطابق گذريل سال دوران ايس اي 100 انڊيڪس جو مجموعي ريٽرن 51.2 سيڪڙو رهيو آهي رپورٽ مطابق قومي معيشت جي مختلف شعبن ۾ بئنڪاري جي شعبي مان حاصل ٿيل منافعو سڀني کان وڌيڪ رهيو آهي ۽ سال دوران بئنڪنگ سيڪٽر جو مجموعي منافعو 103.8 سيڪڙو تائين وڌي ويو جيڪو اسٽاڪ ايڪسچينج جي مجموعي منافعي جو اٽڪل 45 سيڪڙو بڻجي ٿو رپورٽ مطابق 2025ع دوران سيمينٽ جي شعبي تي ڪيل سيڙپڪاري منافعي جي شرح 88.1 سيڪڙو رهي اهڙي طرح ڀاڻ تيار ڪندڙ صنعتن جي شيئرز مان آمدني جي شرح 68.5 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي آهي جڏهن ته پاور سيڪٽر مان 62 سيڪڙو منافعو حاصل ٿيو آهي اهڙي طرح ڪيميڪلز جي شعبي ۾ ڪيل سيڙپڪاري مان سال دوران سيڙپڪارن کي 58.9 سيڪڙو منافعو حاصل ٿيو آهي ٻئي پاسي ٽيڪسٽائل ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبن مان منافعي جي شرح ترتيبوار 27 ۽ 26.5 سيڪڙو رهي آهي جڏهن ته فوڊ ۽ آٽو موبائلز جي منافعي ۾ 20 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي اهڙي طرح تيل ۽ گيس جي ڳولا ۽ پيداوار جي شعبي جي منافعي جي شرح 16.3 سيڪڙو رهي جڏهن ته دوائن جي تياري، آئل اينڊ گيس جي شعبن ۾ سيڙپڪاري مان منافعي جي شرح 9 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي آهي واضح رهي ته هلندڙ سال 2026ع جي پهرين ڏينهن ڪي ايس اي 100 انڊيڪس ۾ 2300 کان وڌيڪ پوائنٽس جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو ۽ ڪاروبار جي پڄاڻي تي مارڪيٽ هڪ لک 76 هزار 355.49 پوائنٽس تي بند ٿيو

بقايا 28 دورو

هيڊڪوارٽرز جو دورو ڪيو ۽ ايران ۽ پاڪستان جي وچ ۾ مضبوط ڀائيواري لاڳاپن تي زور ڏنو دوري دوران هن اي پي پي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر محمد عاصم کچي سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ميڊيا جي شعبي ۾ تعاون جي فروغ تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ايراني سفير پاڪستاني عوام جي ايران جي لاءِ محبت کي ساراهيندي چيو ته پاڪستان ۽ ايران مشڪل وقت ۾ هڪ ٻئي جا دوست آهن هن ٻنهي ملڪن جي گڏيل تاريخ جو حوالو ڏيندي چيو ته آزمائش جي گهڙي ۾ ٻنهي ملڪن سدائين هڪ ٻئي جو ساٿ ڏنو آهي سفير رضا اميري پاڪستان سان تعاون جي وسيع امڪانن تي روشني وجهندي چيو ته فوجي مشقن، واپار ۽ ثقافتي مٽاسٽا جي شعبن ۾ حصيداري کي وڌيڪ سگهه ڏئي سگهجي ٿي هن ٻڌايو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ موجوده واپاري ڪاٿو 3.3 ارب ڊالر آهي جنهن کي ساليانو 10 ارب ڊالر تائين وٺي وڃڻ جو ارادو آهي هن ميڊيا تعاون جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته ايراني نيوز ايجنسي (ارنا) ۽ اي پي پي جي وچ ۾ سڌوسنئون خبرن جي مٽاسٽا ٻطرفي لاڳاپن جي فروغ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هن غلط معلومات جي تدارڪ ۽ عوامي سطح تي رابطن کي مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ايراني سفير علائقائي رابطا بهتر بڻائڻ جي لاءِ ايران جي ڪوشش جو ذڪر ڪيو جن ۾ نوان سرحدي رستا کولڻ ۽ اسلام آباد کان تهران جي لاءِ سڌوسنئون اڏامن جي شروعات پڻ شامل آهي. هن پاڪستاني صدر کي جلد ايران جي دوري جي دعوت ڏني اي پي پي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر محمد عاصم کچي خاص طور تي فلسطين جي مسئلي تي ايران جي پاڪستان جي لاءِ حمايت کي ساراهيو هن واپار، ثقافت ۽ ميڊيا جي شعبن ۾ تعاون وڌيڪ وڌائڻ جي عزم جو اظهار ڪندي ٻطرفي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۾ مقدس جاين ۽ زيارتن جي اهم ڪردار کي اجاگر ڪيو ملاقات ۾ اي پي پي جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سبين عثمان خٽڪ، ڊائريڪٽر مارڪيٽنگ علي رضا علوي، ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊپلوميٽڪ اينڊ گلوبل افيئرز مدثر اقبال جڏهن ته ايراني سفارتخاني جا ڪميونيڪيشن عهديدار هادي گلريز ۽ حبيب پڻ موجود هئا.

بقايا 29 معطل

معطل ڪري ڇڏيو آهي ڪيس سٽي ڪورٽ ڪراچي ۾ پيشيوراڻي ضابطه اخلاق جي ڀڃڪڙي جو مجرم قرار ڏيندي پنجاب بار ڪائونسل جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ميان علي اشفاق ايڊووڪيٽ جي لائسنس جي مستقل منسوخي لاءِ ڪيس کي ڊسپلنري ڪميٽي ڏانهن موڪليو آهي بيان ۾ چيو ويو آهي ته پنجاب بار ڪائونسل سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل وڊيو جي بنياد تي ڪارروائي ڪئي ۽ عدالتي هڙتال دوران ڪراچي سٽي ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻ تي پيشيوراڻي ضابطه اخلاق جي ڀڃڪڙي جو مجرم قرار ڏنو ميان علي اشفاق ايڊووڪيٽ تي قانوني برادري خلاف بيان ڏيڻ جو الزام هو جنهن سان اتحاد ۽ وقار کي نقصان پهتو ۽ پنجاب بار ڪائونسل موجب، هي عمل پيشه ورانه بدانتظامي جي زمري ۾ اچي ٿو پنجاب بار ڪائونسل چيو ته ايگزيڪيوٽو ڪميٽي متفقه طور تي ميان علي اشفاق جو لائسنس فوري طور تي معطل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو سندس عمل کي پاڪستان ليگل پريڪٽيشنرز اينڊ بار ڪائونسل رولز 1976 جي سيڪشن 134 ۽ A-175 جي خلاف ورزي قرار ڏنو

بقايا 30 چيف جسٽس

اڪيڊمي لاهور ۾ 53هين ڪامن ٽريننگ پروگرام تحت تربيت حاصل ڪندڙ پروبيشنري آفيسرن جي سپريم ڪورٽ جي دوري جي موقعي تي منعقد هڪ تعارفي ۽ تربيتي ويهڪ دوران چئي ان موقعي تي 136 پروبيشنري آفيسرن تي ٻڌل وفد ڊائريڪٽر جنرل سول سروسز اڪيڊمي فرحان عزيز خواجه جي اڳواڻيءَ ۾ چيف جسٽس سان مليو اڪيڊمي جا فيڪلٽي ميمبر به وفد سان گڏ هئا. چيف جسٽس پاڪستان جي پارلياماني جمهوري نظام ۽ اختيارن جي ورهاست (ٽرائيڪوٽومي آف پاورز) جي بنيادي اصولن تي روشني وجهندي چيو ته مقننه، انتظاميه ۽ عدليه آئيني حڪمراني ۽ قانون جي بالادستي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هڪٻئي جي مدد ۽ تڪميلي ڪردار ادا ڪن ٿا. اداره جاتي هم آهنگي ۽ سڌارن جي حوالي سان چيف جسٽس نيشنل جوڊيشل (پاليسي ميڪنگ) ڪميٽي (اين جي پي ايم سي) جي ڪردار کي اجاگر ڪندي چيو ته هي فورم انصاف جي شعبي ۾ پاليسي سازي جي اجتماعي فيصلن جو اهم ذريعو آهي وفد کي آگاهه ڪيو ويو ته آگسٽ 2026ع تائين سڄي ملڪ جي عدالتن ۾ شمسي توانائيءَ جي نظام، اي لائبريرين، صاف پاڻيءَ جون سهولتون، عورتن لاءِ خصوصي انفرااسٽرڪچر جي فراهميءَ جو منصوبو آهي جنهن لاءِ ايڪسس ٽو جسٽس ڊيوليپمينٽ فنڊ سان مالي معاونت فراهم ڪئي پئي وڃي چيف جسٽس سپريم ڪورٽ ۾ جاري سڌارا جاتي قدمن کان به آگاهه ڪيو جن ۾ اي فائيلنگ جو نظام، تصديق ٿيل آن لائن نقلن جي جاري ٿيڻ ۽ عوامي سهولت لاءِ ون ونڊو پبلڪ فيسليٽيشن سينٽر جو قيام به شامل آهي جنهن جو مقصد عدالتي معاملن ۾ شفافيت، رفتار ۽ عوامي سهولتن کي هٿي ڏيڻ آهي ڏورانهن علائقن جي پنهنجي دورن جو حوالو ڏيندي چيف جسٽس صبر، همدردي ۽ عوام سان باوقار رويي جي اهميت تي زور ڀريو هن پروبيشنري آفيسرن کي نصيحت ڪئي ته هو پنهنجي پيشيوراڻي زندگيءَ ۾ ديانت، انصاف ۽ قانون جي پابنديءَ کي هميشه معائنون رکن ڇاڪاڻ ته جوابده ۽ مؤثر طرز حڪمراني جي شروعات عوام ۽ قانون ٻنهي جي احترام سان ٿئي ٿي

بقايا 31 لاٿو ويو

سروس مطابق ڪئناڊا جي شهر وينڪوور ۾ ايئر انڊيا جي هڪ عالمي اڏام ان وقت دير جو شڪار ٿي جڏهن ٽيڪ آف کان اڳ هڪ پائليٽ کي نشي جي حالت ۾ هجڻ جي شڪ تي جهاز مان لاٿو ويو پرڏيهي ميڊيا مطابق ايئر انڊيا جي اڏام وينڪوور مان روانگي جي تياري ڪري رهي هئي ايئرپورٽ تي موجود عملي جي هڪ ميمبر پائليٽ کي شراب خريد ڪندي ڏٺو ۽ فوري طور تي ان جو اطلاع لاڳاپيل عملدارن کي ڏنو اختيارين پائليٽ جو معائنو ڪيو پائليٽ مان شراب جي بدبو محسوس ٿيڻ تي ان جو بريٿ اينالائزر ٽيسٽ ڪيو ويو جنهن ۾ لاڳاپيل معيار پورو نه ٿي سگهيو اختيارين پائليٽ جي نشي ۾ هجڻ کي مسافرن جي سلامتي لاءِ خطرو قرار ڏيندي وڌيڪ جاچ لاءِ کيس حراست ۾ وٺي ڇڏيو ايئر انڊيا جي ترجمان مطابق واقعي جي مڪمل جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ پائليٽ کي عارضي طور ڊيوٽي تان هٽايو ويو آهي

بقايا 32 رٽائرڊ ٿي ويو

عطاالرحمان نوڪري جو مدو مڪمل ٿيڻ تي رٽائرڊ ٿي ويو مذهبي معاملن واري وزارت ۾ سندس اعزاز ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مذهبي معاملن بابت ايڊيشنل سيڪريٽري ساجد محمود چوهاڻ، بين المذهبي هم آهنگي بابت سينيئر جوائنٽ سيڪريٽري ڊاڪٽر مرزا علي محسود سميت سينيئر ۽ جونيئر آفيسرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي مذهبي معاملن بابت سيڪريٽري جي عهدي تان رٽائر ٿيل ڊاڪٽر سيد عطاالرحمان ساٿي آفيسرن کي پنهنجن تجربن جي روشني ۾ ڪيترين ئي قيمتي نصيحتون ڪيون ۽ چيو ته حج 2026ع لاءِ حج پانڌيئڙن جي بهترين آگاهي کي يقيني بڻايو وڃي هن چيو ته مذهبي معاملن واري وزارت ۾ فرض انجام ڏيڻ سعادت جي ڳالهه آهي ان کان اڳ ساٿي آفيسرن ڪيترن ئي ڪامياب حج آپريشن عالمي سيرت النبي ڪانفرنس، قرئت جي عالمي مقابلي جهڙن قدمن تي سيڪريٽري کي خراج تحسين پيش ڪيو

بقايا 33 آگاهي

صوبي ۾ امن امان تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان سنڌ جي نئين آءِ جي جاويد عالم اوڍو بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي ۽ صوبي ۾ امن قائم ڪرڻ بابت پنهنجي ايڪشن پلان بابت آگاهه ڪيو

بقايا 34 فوت

ڪائونٽي ڊينوني ۾ ويڪ اينڊ دوران هڪ مقامي پيڊياٽريشن ڪار حادثي جو شڪار ٿي فوت ٿي وئي، جنهن جي سڃاڻپ 75 ورهين جي ڊاڪٽر فائقه آفتاب قريشي طور ٿي ورجينيا پوليس موجب، فائقه قريشي جي ڪار روڊ سان ٽڪرائجي جنهن ڪانپوءِ ان کي باهه وڪوڙي وئي ۽ ڪار ۾ سوار عورت ٿلي تي ئي دم ڏئي ڇڏيو واضح رهي ته فائقه قريشي 1993ع ۾ بارن ڪي دي ڪنگز ڊاٽر اسپتال ۾ فزيشن طور ذميواريون سنڀاليون ۽ پوءِ ڊگهي عرصي تائين ايمرجنسي کاتي جي ميڊيڪل ڊائريڪٽر طور خدمتون انجام ڏيندي رهي ياد رهي ته ڊاڪٽر فائقه ڪنگز ايڊورڊ ميڊيڪل يونيورسٽي لاهور سان 1973ع ۾ گريجوئيشن مڪمل ڪئي ۽ ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ استاد طور پڻ خدمتون انجام ڏيندي رهي.

بقايا 35 بلاول ڀٽو

پيپلز هائوسنگ اسڪيم تحت ساڍا چار هزار متاثر خاندانن کي گهر تعمير ڪري ڏنا پيا وڃن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي آگاهه ڪيو ويو ته گوجر خان پيرو، رحيم يار خان، ڊيرا اسماعيل خان ۽ مظفرڳڙهه ۾ SIUTجي تحت جديد اسپتالون تعمير ڪيون پيون وڃن جنهن سان پنجاب، خيبرپختونخوا جي عوام کي به گردن جي جديد علاج جون سهولتون ميسر ٿينديون بريفنگ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو ته خيبرپختونخوا جي ضلعي مالاڪنڊ جي علائقي بٽ خيل ۾ گرلز ڪاليج ۽ عورتن لاءِ ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر تعمير ڪيو پيو وڃي

بقايا 36 شامل

۾ پرڏيهي سياح پڻ شامل آهن ڪيترن ئي زخمين کي علاج لاءِ پاڙيسري ملڪن ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب سوئٽزرلينڊ جي عملدارن جو چوڻ آهي ته هو حادثي ۾ فوت ٿيلن جي لاشن جي سڃاڻپ کي اولين ترجيح ڏئي رهيا آهن ته جيئن سندن وارثن کي ڊگهي انتظار کان بچائي سگهجي سوئس پوليس موجب فوت ٿيل سمورن ماڻهن جي سڃاڻپ ۾ ڪيترائي هفتا لڳي سگهن ٿا يورپي يونين جي عملدارن جو چوڻ آهي ته هو طبي امداد فراهم ڪرڻ لاءِ سوئس عملدارن سان رابطي ۾ آهن جڏهن ته فرانس جي صدر ايما نوئيل ميڪرون چيو ته ڪجهه زخمين کي فرانس جي اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو آهي جن کي هتي علاج جي سهولت فراهم ڪئي پئي وڃي فرانس جي پرڏيهي وزارت چيو ته زخمين ۾ 9 فرانس جا شهري شامل آهن ۽ 8 اڃان گم آهن اٽلي جي پرڏيهي وزير انتونيو تاجاني ٻڌايو ته باهه ۾ لڳ ڀڳ 15 اٽلي جا شهري زخمي ٿيا ۽ ايترا ئي گم آهن شروعاتي معلومات موجب باهه سبب متاثر ٿيل شراب جو دڪان هڪ فرانس جي جوڙي جو هو جڏهن ته اڃان تائين ان سان رابطو نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 37 پينشن ملي وئي

رپين کان وڌيڪ ڪميوٽڊ پينشن حاصل ڪري ورتي ذريعن موجب، رٽائرڊ ججن کي ماهوار پينشن طور ترتيبوار 11 لک ۽ 12 لک رپين کان وڌيڪ رقم ملندي رهندي قانون واري وزارت هائوس طرفان رينٽ ساڍا ٽي لک، سپيريئر جوڊيشل الائونس 11 لک کان وڌيڪ مقرر ڪيو ويو هو

بقايا 38 اڏام مان لاٿو ويو

هڪ پائليٽ کي نشي جي حالت ۾ هجڻ جي شڪ تي جهاز مان لاٿو ويو پرڏيهي ميڊيا مطابق ايئر انڊيا جي اڏام وينڪوور مان روانگي جي تياري ڪري رهي هئي ايئرپورٽ تي موجود عملي جي هڪ ميمبر پائليٽ کي شراب خريد ڪندي ڏٺو ۽ فوري طور تي ان جو اطلاع لاڳاپيل عملدارن کي ڏنو اختيارين پائليٽ جو معائنو ڪيو پائليٽ مان شراب جي بدبو محسوس ٿيڻ تي ان جو بريٿ اينالائزر ٽيسٽ ڪيو ويو

بقايا 39 فيصلو

۽ شاگردن جي صلاحيتن کي منصفاڻي انداز ۾ پرکي سگهبو تفصيل موجب، اسڪول ايجوڪيشن کاتي طرفان صوبائي وزير جي هدايت تي يونيفارم امتحاني نصاب (Uniform Examination Syllabus — UES)جي باضابطه منظوري کان پوءِ ان جي نفاذ لاءِ اين او سي پڻ جاري ڪئي وئي آهي شروعاتي مرحلي ۾ نائين ۽ ڏهين ڪلاسن لاءِ ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ سنڌ (DCAR) جي جائزي ۽ سفارشن کان پوءِ يونيفارم امتحاني نصاب لاڳو ڪيو ويو آهي جڏهن ته هاڻي ٽيبل آف اسپيسيفڪيشن (Table of Specifications — ToS) تحت امتحاني پرچا تيار ڪيا ويندا TOSامتحاني خاڪو/ رهنمائي وارو جدول هوندو آهي

بقايا 40 ڳالهيون

ٻنهي اڳواڻن علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ياد رهي ته گذريل ڏينهن سعودي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان سان پاڪستان جي وزيراعظم محمد شهباز شريف رابطو ڪيو هيو

بقايا 41 پاڪستان

طاهر اندرابي چيو ته پاڪستان ۽ چين مضبوط دوست ۽ هر موسم جي اسٽريٽيجڪ سهڪار جا ڀائيوار آهن ترجمان چيو ته پاڪستان چين جي بنيادي مفادن سان لاڳاپيل سمورن معاملن سميت تائيوان تي پنهنجي مستقل حمايت جو عزم ورجائي ٿو

بقايا 42 فوت

جنهن جي لاش کي ايڌي رضاڪارن قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال پهچايو ايڌي عملدارن موجب فوت ٿيل جي سڃاڻپ 60 سالن جي نظر محمد طور ڪئي وئي فوتي واٽهڙو ٻڌايو پيو وڃي جڏهن ته حادثو ٽرالر سان ٽڪرائجڻ سبب پيش آيو

بقايا 43 عورت فوت

قائد آباد ٿاڻي جي علائقي لانڍي اسپتال چورنگي ويجهو ڪنٽينرن سان ڀريل تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار عورت موقعي تي فوت ٿي وئي حادثي ۾ موٽرسائيڪل کي سخت نقصان پهتو خوفناڪ حادثي کان پوءِ موقعي تي موجود شهرين ٽرالر تي پٿراءُ ڪيو جنهن سبب ٽرالر جو شيشو ٽٽي پيو جڏهن ته ٽرالر جو ڊرائيور موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو حادثي جي اطلاع ملندي ئي پوليس به واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ حادثي ۾ فوت ٿيل عورت جي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو پوليس فوت ٿيل عورت جي موٽرسائيڪل ۽ ٽريلر کي قبضي ۾ وٺي پوليس ٿاڻي منتقل ڪيو ايس ايڇ او قائد آباد محمد علي شاهه موجب حادثي ۾ فوت ٿيل عورت جي سڃاڻپ 26 سالن جي بشرا جي نالي سان ٿي آهي فوت ٿيل عورت پاڻ موٽرسائيڪل هلائي رهي هئي ۽ ڪنٽينرن سان ڀريل ٽرالر جي ٽڪر ۾ فوت ٿي وئي ايس ايڇ او چيو ته پوليس ڀڄي ويل ٽرالر جي ڊرائيور ۽ مالڪ جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 44 جاچ شروع

آدمجي نگر ۾ پيش آيو جڏهن ته ٻيو واقعو نيو ڪراچي سيڪٽر 11 Gجي ويجهو پيش آيو پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته 75 سالن جي عورت زبيده جيڪا محمد ابراهيم جي زال هئي جي ٽن کان چار ڏينهن پراڻي لاش ڊوراجي آدمجي نگر ۾ هڪ گهر اندر پاڻي جي ٽانڪي مان ملي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته عورت 28 ڊسمبر کان گم هئي جنهن تي گهر وارن پوليس ٿاڻي ۾ گمشدگي جي رپورٽ پڻ داخل ڪرائي هئي ۽ اڄ لاش تڏهن مليو جڏهن گهر جي پاڻي جي ٽانڪي مان بدبوءِ آئي شروعاتي جاچ موجب شڪ آهي ته بزرگ عورت هر روز پاڻي جي جانچ ڪرڻ لاءِ ٽانڪي جو ڍڪ کوليندي هئي ۽ ممڪن طور تي حادثاتي طور تي ٽانڪي ۾ ڪري پئي آفيسرن جو چوڻ آهي ته عورت پنهنجي ڀاڻيجي سان گڏ هڪ حصي ۾ رهندي هئي

بقايا 45 لاش هٿ

شروع ڪري ڏني آهي ٻئي طرف سنڌ جي گهرو وزير سخت نوٽيس ورتو آهي. سنڌ جي گهرو وزير ايس ايس پي ڪيماڙي کان واقعي بابت مڪمل تفصيل فوري طور طلب ڪري ورتيون آهن. هن هدايت ڪئي آهي ته قتل جي پويان موجود سڀني محرڪات ۽ عنصرن جو بارڪ بيني سان جائزو وٺي سچ سامهون آندو وڃي.

بقايا 46 مبارڪباد پيش

ڪرڪيٽر ۽ فاسٽ بالر شاهنواز ڏهاڻي ملاقات ڪئي سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ ٿيل ملاقات دوران شاهنواز ڏهاڻي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو کي عهدي سنڀالڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي ۽ سندس لاءِ نيڪ تمنائن ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

بقايا 47 ڪيئي گم

طرفان سرچ ۽ ريسڪيو آپريشن شروع ڪيو ويو جنهن ۾ 96 پناهگيرن کي بچايو ويو رپورٽ موجب، ٻيڙي ٻڏڻ سبب ڪيئي ماڻهو گم ٿي ويا آهن جن جي ڳولا جاري آهي جڏهن ته هينئر تائين 7 ڄڻن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي آهي

HESCO

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني

اِي واڪ گهربل آهن

ٽينڊر نمبر: GSC-13/2025-26

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (HESCO) جيڪا هڪ پاور ڊسٽريبيوشن ڪمپني آهي، جنهن جو بنيادي فريضو صوبي سنڌ جي 13 ضلعن ۾ بجلي جي فراهمي، تقسيم ۽ وکرو ڪرڻ آهي. هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي لاءِ سنگل اسٽيج ٽو اينوليپ طريقيڪار جي تحت اِي-واڪ گهربل آهن. هي اِي-بڊز انهن ٺيڪيدارن کان گهرائجن ٿا جيڪي PPRA EPADS تي رجسٽرڊ هجن، پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) جو موثر لائسنس رکندڙ هجن، گهٽ ۾ گهٽ 02 عدد ساڳي نوعيت جي ڪمن جو تجربو رکندڙ هجن. سنڌ سيلز ٽيڪس ۽ انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ ۾ رجسٽرڊ هجن ۽ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) جي ايڪٽو ٽيڪس پيئر لسٽ ۾ شامل هجن.

Tender ID	Description of Work	PEC Category with specialization Code	Bid Submission Date & Time	Bid Opening Date & Time
GSC-13/2025-26	CONSTRUCTION OF CONTROL HOUSE BUILDING, ELECTRICAL EQUIPMENT FOUNDATION, CABLE TRENCHES, SWITCH YARD FENCING, SWITCH YARD ELECRIFICATION, SPREADING OF GRAVEL ETC AT 132KV GRID STATION KOTRI-II (NEW)	"C-4", "CE09,CE10 & EE05"	20.01.2026 (11:00 am)	20.01.2026 (11:30 am)

1. شرط ۽ ضابطن جي مطابق E-واڪن جا دستاويز، تفصيلي شرط ۽ ضابطا، وضاحتون ضروريات وغيره تي مشتمل رجسٽرڊ واڪ ڊيندڙن جي لاءِ EPADS (www.eprocure.gov.pk) تي دستياب آهن.
2. اليڪٽرانڪ واڪ مقرر تاريخ ۽ وقت تي EPADS ذريعي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. هٿوهٿ واڪ قبول نه ٿيندا. اليڪٽرانڪ واڪ انهيءَ ڏينهن کوليا ويندا.
3. سمورا E-واڪ سان گڏ بڊنگ دستاويزن ۾ ڄاڻايل واڪ سيڪيورٽي لازمي شامل هئڻ گهرجي. جيڪي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر GSC، حيسڪو حيدرآباد جي نالي ڪنهن به شيڊيولڊ بينڪ آف پاڪستان کان بينڪ گارنٽي/ سي ڊي آر/ بينڪرز چيڪ جي صورت ۾ هئڻ گهرجن. جيڪي 28 ڏينهن تائين ڪارگر هجن. واڪ ڊيندڙ واڪ سيڪيورٽي جي اسڪين ٿيل ڪاپي EPADS تي اپ لوڊ ڪندا. اصل واڪ سيڪيوٽي E-واڪ جي جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت کان اڳ يا ساڳئي وقت پروڪيورنگ ايجنسي کي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. ٻي صورت ۾ E-واڪ رد ڪيا ويندا.
4. واڪ ڊيندڙن حتمي ۽ فڪس قيمتون درج ڪرڻيون پونديون ۽ واڪ کولڻ کانپوءِ لاڳت ۾ اضافي جي ڪابه درخواست قابل قبول نه هوندي.
5. هي اشتهار PPRA جي ويب سائيٽ تي www.ppra.org.pk ۽ حيسڪو جي ويب سائيٽ: www.hesco.gov.pk تي دستياب آهي.

نوٽ: PPRA رولز 2004 جي رول-48 جي لحاظ کان تشڪيل ڪيل GRC جو نوٽيفڪيشن EPADS تي (www.eprocure.gov.pk) تي فراهم ڪيل آهي.

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر GSC حيسڪو حيدرآباد
ٽيليفون نمبر: 022-9260123 فيڪس: 022-9260525
اي ميل: pdgschescohyd@gmail.com
ايڊريس: واٽر ونگ ڪالوني حسين آباد، حيدرآباد

PID(H) 259/2025

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BIDS

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LE-PT-CSR-DOC308130621-2026	FOOD HAMPERS FOR RAMZAN RATION DRIVE	19.01.2026 AT 1130 Hrs
2.	OGDCL-SCM-LD-PT-ADMIN-308105956-2026	DIESEL HYBRID / ELECTRIC BUSES & CHARGING STATION	21.01.2026 AT 1130 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk**.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
5. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL House, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan

ogdcl.com
No. 367/10

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر اياز صادق جون ڍاڪا ۾ اهم ملاقاتون!

صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر

اسان کي نئين سال جي خوشي يا گذريل سال جو سوڳ ملهائڻ کپي؟

صفحو 4

ٽرمپ جي نيو ايئر پارٽي ۽ مهاجرن جي دلين ۾ 2026ع جي دستڪ!

راجا زاهد اختر خانزاده

صفحو 4

مختيار اڄڻ

اڄوڪو ڏينهن 03 جنوري

صفحو 4

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ ڊاڪٽر الطاف علي سيال مستقل وائيس چانسلر مقرر ٿيڻ تي آجياڻو

وڌندڙ آبادي، گھٽجندڙ زميني وسيلا ۽ موسمي تبديليون خوراڪ جي تحفظ لاءِ وڏو چيلينج بڻجي چڪيون آهن: ڊاڪٽر الطاف سيال

سنڌ زرعي يونيورسٽي جا ڊگري پروگرام معاشي تبديلي جو اهم ذريعو آهن. مستقبل ۾ خوراڪ جو تحفظ وڏو چيلينج ثابت ٿيندو

زرعي يونيورسٽي ۾ تدريس ۽ تحقيق کي قومي گهرجن پٽاندڙ هاري دوست ۽ زميني حقيقتن سان جوڙيو ويندو: آجياڻي کي خطاب

ٽنڊوڄام (ن ع) سنڌ زرعي يونيورسٽي جا ڊگري پروگرام معاشي تبديلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. جڏهن ته ايندڙ ڇهن سالن لاءِ نون ترقياتي منصوبن تي عملي ڪم جي شروعات ڪئي ويندي، خوراڪ جو تحفظ مستقبل جو هڪ انتهائي اهم چيلينج آهي ۽ لاباري کان پوءِ ٿيندڙ نقصانن ۽ خوراڪ جي ضايع ٿيڻ کي روڪڻ لاءِ سوسائٽي کي پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. اهڙن خيالن جو اظهار انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي مستقل وائيس چانسلر جو عهدو سنڀالڻ کان پوءِ فيڪلٽي آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالوجي جي ڊين ۽ استادن پاران سندس اعزاز ۾ منعقد ڪيل آجياڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. وائيس چانسلر چيو ته وڌندڙ آبادي، گھٽجندڙ زميني وسيلا ۽ موسمي تبديليون خوراڪ جي تحفظ لاءِ وڏو چيلينج بڻجي چڪيون آهن ان ڪري گهٽ پاڻي ۾ وڌيڪ پيداوار موسمي سهپ رکندڙ نون فصلن جي جنسن جي تياري ۽ چوپائي مال جي موروثي نسلن جي بچاءُ لاءِ ماهرن ۽ سائنسدانن تي وڏي ذميواري لاڳو ٿئي ٿي. هن سڀني حصيدارن تي زور ڏنو ته گڏيل ۽ منظم ڪوشش ذريعي سنڌ زرعي يونيورسٽي کي تدريس، تحقيق ۽ جدت جي ميدان ۾ پاڪستان جي هڪ مثالي يونيورسٽي بڻايو وڃي، ڇاڪاڻ ته دنيا ۾ هاڻي مهارتون رکندڙ گريجوئيٽس جي گهرج وڌي رهي آهي. وائيس چانسلر وڌيڪ چيو ته يونيورسٽي ۾ تدريس ۽ تحقيق کي قومي گهرجن پٽاندڙ هاري دوست ۽ زميني حقيقتن سان جوڙيو ويندو. جڏهن ته اڪيڊميا ۽ انڊسٽري جي وچ ۾ مضبوط لاڳاپا قائم ڪيا ويندا ته جيئن تحقيق جا نتيجا عملي شڪل اختيار ڪري سگهن. ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو ته هو پنهنجي مدي دوران شاگردن لاءِ مارڪيٽ ۽ روزگار سان لهڪندڙ ڊگري پروگرام، اثرائتا انٽرنشپ جا موقعا، ميرٽ ۽ ضرورت جي بنياد تي اسڪالرشپس ۽ انٽرپرينيورشپ جي رجحان کي همٿ ڏني ويندي، ان کان اڳ فيڪلٽي آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جي ڊين انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر منير احمد منگريو پنهنجي آجياڻي واري خطاب ۾ چيو ته فيڪلٽي کي نئين وائيس چانسلر کان وڏيون اميدون وابسته آهن ۽ کيس مڪمل يقين آهي ته پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال پنهنجي قائدانا صلاحيتن سان يونيورسٽي کي نون اوچائين تائين وٺي ويندو. تقريب دوران مختلف شعبن جي چيئرمينن وائيس چانسلر کي سنڌي ثقافت جي علامت اجرڪون پيش ڪيون. تقريب کي ڊاڪٽر فرمان چانڊيو، ڊاڪٽر ظهير احمد خان ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور سيال خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز جي پرنسپل ڊاڪٽر علي رضا شاهه سميت مختلف آفيسرن ۽ ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

ٽنڊوڄام: سنڌ زرعي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال تقريب کي خطاب ڪندي

هالا پوليس پاران چانڊيا برادري جي ماڻهن جي گرفتاريءَ جي صدمي ۾ هڪ شخص جي فوت ٿيڻ وارو معاملو

پوليس جي ظلم خلاف مردن ۽ عورتن نيشنل هاءِ وي هالا ويجهو ٻنيپرا ڦاٽڪ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

هالا پوليس زرعي زمين جي تڪرار ۾ مخالف ڌر جي مدد ڪري بنا جواز سندن ماڻهن کي گرفتار ڪري حراسان ڪيو: مظاهرين

هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي ئي گرفتاريون ڪيون ويون آهن ۽ ڪنهن به ڌر جي مدد نه ڪئي وئي آهي: ايس ايڇ او هالا جو موقف

هالا(ن ع) هالا پرسان خداآباد چانڊيو ڳوٺ ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو ٿيڻ بعد هالا پوليس طرفان نور محمد سميت ٻين چانڊيا برادري جي ماڻهن جي گرفتاريءَ سبب صدمو برداشت نه ڪري جان محمد چانڊيو فوت ٿي ويو جنهن خلاف وارثن ۾ مردن ۽ عورتن نيشنل هاءِ وي هالا ويجهو ٻنيپرا ڦاٽڪ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جنهن سبب ملڪ جي چئن ئي صوبن ڏانهن ويندڙ ٽرئفڪ معطل ٿي وئي ۽ گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون. ڌرڻي سبب مسافرن ۽ ٽرانسپورٽرن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو. مظاهرين الزام لڳايو ته هالا پوليس زرعي زمين جي تڪرار ۾ مخالف ڌر جي مدد ڪري بنا جواز سندن ماڻهن کي گرفتار ڪري حراسان ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ جان محمد چانڊيو صدمي سبب فوت ٿيو. هنن آءِ جي سنڌ پوليس ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان انصاف جي اپيل ڪئي آهي ان موقعي تي ڊي ايس پي هالا يعقوب ٻرڙو مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو ٻئي طرف هالا ٿاڻي جي ايس ايڇ او ٿارو پٺي موقف ڏيندي چيو ته هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي ئي گرفتاريون ڪيون ويون آهن ۽ ڪنهن به ڌر جي مدد نه ڪئي وئي آهي. سندس چوڻ موجب مظاهرين عدالت ۾ داخل ڪيس تحت گرفتار ٿيل جوابدارن کي آزاد ڪرائڻ چاهين ٿا.

هالا: چانڊيا برادري جا ماڻهو پوليس جي ظلم خلاف نيشنل هاءِ وي بلاڪ ڪري احتجاجي ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

حيدرآباد تعلقي ڀهاڙي ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ بيروزگاري غريب طبقي جي زندگي اجيرن بڻائي ڇڏي

روزمره جي استعمال جي شين اٽو، چانور، کنڊ، تيل ۽ گيس سميت بجلي جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا

مهانگائي سبب مزدور، هاري، ڪارخانن جا ملازم ۽ ڏهاڙي مزدوري ڪندڙ ماڻهو سخت ذهني پريشاني جو شڪار بڻجي ويا

حڪومت جون پاليسيون اميرن کي فائدو ۽ غريبن کي نقصان پهچائي رهيون آهن، پورهيت مزاحمتي تحريڪ خاموش نه ويهندي: اشرف نونداڻي

مسوڀرڳڙي (ن ع) ملڪ ۾ تيزي سان وڌندڙ مهانگائي حيدرآباد تعلقي ڀهاڙي ۾ پورهيت طبقي جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي. روزمره جي استعمال جي شين اٽو چانور کنڊ، تيل ۽ گيس سميت بجلي جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن جڏهن ته پورهيت طبقي جي آمدني ۾ واڌ نه ٿيڻ سبب انهن جي خريداري سگهه سخت متاثر ٿي آهي. مزدور، هاري، ڪارخانن جا ملازم ۽ ڏهاڙي مزدوري ڪندڙ ماڻهو سخت ذهني پريشاني جو شڪار بڻجي ويا آهن. پورهيت مزاحمتي تحريڪ پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته موجوده حالتن ۾ پورهيت طبقو به وقت جي ماني لاءِ به جدوجهد ڪري رهيو آهي. مهانگائي وڌڻ سان گڏ بيروزگاري ۾ به اضافو ٿيو آهي جنهن سبب ڪيترائي گهر مالي بحران جو شڪار آهن. تحريڪ جي اڳواڻن ڪامريڊ نثار لغاري، ڪامريڊ دوست علي لغاري، ڪامريڊ محمد اشرف نونداڻي جو چوڻ آهي ته حڪومت جون پاليسيون اميرن کي فائدو ۽ غريبن کي نقصان پهچائي رهيون آهن. پورهيت مزاحمتي تحريڪ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي پورهيت طبقي کي رليف ڏنو وڃي، گهٽ ۾ گهٽ اجرت ۾ حقيقي اضافو ڪيو وڃي، مهانگين شين جي اگهن تي ڪنٽرول آندو وڃي ۽ بجلي گيس ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ رعايت ڏني وڃي. تحريڪ خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن پورهيتن جي مسئلن کي نظرانداز ڪيو ويو ته ملڪ گير احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي. سماجي حلقن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن مهانگائي تي ضابطو نه آندو ويو ۽ پورهيت طبقي جي معاشي مسئلن جو حل نه ڪڍيو ويو ته سماجي بيچيني ۾ وڌيڪ اضافو ٿي سگهي ٿو عوامي حلقا حڪومت کان اميد رکن ٿا ته هو پورهيت طبقي جي حالت بهتر بڻائڻ لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کڻندي.

فريدآباد ۾ وڌندڙ منشيات جي ڪاروبار خلاف احتجاج

سماجي اڳواڻ ڪامريڊ انور ملاح جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

منشيات جو ڪاروبار پوليس سرپرستي ۾ هلي رهيو آهي: ڪامريڊ انور ملاح

فريدآباد(ن ع) فريدآباد، راڌڻ ميهڙ ۽ ٻين شهر ۾ وڌندڙ منشيات جي ڪاروبار خلاف راڌڻ واسي سماجي اڳواڻ ڪامريڊ انور ملاح جي اڳواڻي ۾ چنڊڻ اسٽاپ فريدآباد ميهڙ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو راڌڻ جي منشيات فروشن خلاف سخت نعري بازي، فريدآباد چنڊڻ اسٽاپ تي راڌڻ جي سماجي اڳواڻ ڪامريڊ انور ملاح سعدالله چانڊيو حاجي مزن رشيد ڪوسو شبير چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هن ڄاڻايو ته راڌڻ شهر،ميهڙ ۽ ڀرپاسي ۾ سرعام منشيات جو ڪاروبار پوليس سرپرستي ۾ هلي رهيو آهي پر ڪير به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي منشيات نوجوان نسل لاءِ ناسور بڻيل آهي جنهن کي روڪڻ پوليس ۽ انتظاميا جي ذميواري آهي. سماجي اڳواڻ ڪامريڊ انور ملاح وڌيڪ چيو ته منشيات خلاف احتجاج ڪرڻ تي منشيات فروش مونکي قتل جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن پر مان نوجوان نسل کي بچائڻ خاطر هر طرح جي جدوجهد ڪرڻ ۽ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد،ايس ايس پي دادو ڊي ايس پي ميهڙ کان مطالبو ڪيو ته راڌڻ شهر ۾ هلندڙ منشيات خلاف سخت قدم کڻي منشيات جا اڏا بند ڪيا وڃن.

ڪراچي: گڏاپ جو چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ٻيا تعمير ٿيندڙ روڊ جو معائنو ڪندي

مسوڀرڳڙي لڳ جسقم اڳواڻ آڪاش ملاح جي درگاهه شيخ ٽيئر تي حاضري

مسوڀرڳڙي (ن ع) جسقم اڳواڻ آڪاش ملاح سندس ساٿين سميت درگاهه شيخ ٽيئر تي پهچي گلن جي چادر چاڙهي دعاگهري خبرموجب مسوڀرڳڙي لڳ شيخ ٽيئر تي جسقم بشيرخان قريشي جي وائيس چيئرمين چونڊجڻ تي آڪاش ملاح کي ساٿين سميت جسقم جي پراڻي ڪارڪن منظار پنهور پاران آجياڻو ڏنو ويو جي آيل مهمانن کي اجرڪون پارايون ويون ان موقعي تي آڪاش ملاح چيو ته بشيرخان قريشي وانگي نياز نوڙت رکڻ گهرجي سنڌي وسيلن تي ڌاريا قابض آهن هن وڌيڪ چيو ته 17جنوري تي سائين جي ايم سيد جي سالگرهه ڀرپورنموني ملهائينداسين جهڙي سڄي سنڌمان قومي ڪارڪن سن ۾ پهچندا هن وڌيڪ چيو سنڌي نوجوانن کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جورسالو شيخ اياز جي شاعري ۽ سائين جي ايم سيد جاڪتاب پڙهڻ گهرجن ته جيئن انهن جو شعور وڌي ۽ سنڌ جي آزادي ۽ فڪر کي سمجهي سگهن پروگرام ۾ مرڪزي اڳواڻ صفدرٿيبو،رمضان خاصخيلي،آزاد ڪنير،ذوالفقار ڏيٿو جوائنٽ سيڪريٽري علي انور چانڊيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

سڪرنڊ ۾ گل محمد رند پاران ساليانو همدرد ڪچهريءَ جو اهتمام

مارشلا ۽ ڏاڍيلن واري دور ۾ خوف سبب اوطاقون گهٽجي ويون هيون: مهر ڏٻائي

خوش رهڻ ۽ خوشيون ورهائڻ خانداني طور ورثي ۾ مليل آهي: گل محمد رند جو خطاب

سڪرنڊ (ن ع) همدرد آرگنائيزيشن پاران هر سال جيان هن سال به همدرد هائوس سڪرنڊ تي گل محمد رند جي ميزبانيءَ هيٺ ساليانو همدرد ڪچهريءَ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ مچ ڪچهري، نئين سال جي آجيان مڃتا ايوارڊ ۽ ثقافتي ٺهاڙو شامل هو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ مهر ڏٻائي، منتظر سومرو علي شير لاکو منظور ٻگهيو غلام مصطفيٰ بلوچ، غلام نبي چنه علي شير اڄڻ ۽ تنوير خانزاده سميت ڪئي شخصيتون شامل هيون جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته اسين سڀ کان پهرين ته شڪر گذار آهيون گل محمد رند جا جيڪو هر سال هيڙا پروگرام ڪري خوشيون ورهائيندو آهي هنن وڌيڪ چيو ته همدرد جا ڪوڙ سارا سماجي پاسا آهن پر خاص ڪري سنڌ همدرد فري ايمبولينس سروس انسانيت جي خدمت جو اعليٰ مثال آهي سنڌ جي مشهور مزاحمتي شاعر ڏٻائي مهر ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جون اوطاقون صدين کان قائم آهن بد قسمتيءَ سان مارشلا ۽ ڏاڍيلن واري دور ۾ خوف سبب اوطاقون گهٽجي ويون جڏهن ته ان زماني ۾ مچ ڪچهريون روز جو معمول هوندو هو جيڪو هيٺئر ساليانين ڪچهرين تائين محدود ٿي ويو آهي پر جيڪڏهن گل محمد رند جهڙا ڪردار هوندا ته ڦهڙيون مچ ڪچهريون ۽ اوطاقون ٻيهر پروان چڙهي سگهن ٿيون آخر ۾ گل محمد رند ڳالهائيندي چيو ته خوش رهڻ ۽ خوشيون ورهائڻ خانداني طور ورثي ۾ مليل آهي منهنجو والد مرحوم حاجي غلام نبي رند بهترين مهمان نواز ۽ اوطاقي ڪردار هو جنهن مان گهڻو ڪجهه سکيو آهي اهو ئي سبب آهي جو انهن جي ڏنل تعليم ۽ تربيت موجب زندگي گذاري رهيا آهيون ڪچهريءَ دوران سنڌ جي مشهور گلو ڪاره خوشبوءِ لغاري پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو جنهن تي مهمانن پاران معس گهور گهوري ڪيس داد ڏنو ان موقعي تي سنڌ پريس ڪلب پاران همدرد فري ايمبولينس سروس جي انچارج اقبال رند کي سندس خدمتن عيوض 11 جنوري تي ايوارڊ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو هوڏانهن جن شخصيتن کي ايوارڊ ڏنا ويا انهن ۾ ڏٻائي مهر جي ايم بلوچ، عليشير لاکو غلام حيدر سولنگي غلام نبي ملاح علي اڪبر خاصخيلي ايڊووڪيٽ دانش ٿنيو محمد حنيف سومرو پيرل پياسي حاجي خان خاصخيلي ۽ پائي خان رند شامل هئا جن کي همدرد جي جنرل سيڪريٽري نظير حسين رند ۽ فهيم خان پاهي لنگيون پارايون پروگرام جي پڇاڙيءَ تي سمورن آيل مهمانن لاءِ شاندار مهمان نوازي جو اهتمام ڪيو ويو.

خيرپور لڳ شاهه لطيف ٽاٽي جي حد ۾ بدامني خلاف مظاهرو

بدامني خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

چوري ڦرن جون وارداتون معمول بڻجي ويون آهن، پوليس خاموش آهي: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) خيرپور لڳ شاهه لطيف ٽاٽي جي حد ڳوٺ جاڳڻ ڀوڙ ۾ هٿياربندن منظور ڀوڙ جي گهر جي ڀت ٽوڙي 3 مينهون ڪاهي فرار ٿي ويا جڏهن ته بدامني خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو احتجاج ڪندڙن جي اڳواڻي منظور ڀوڙ فدا حسين ڀوڙ ولي محمد ڀوڙ شڪيل احمد ڀوڙ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته چوري ڦرن جون وارداتون معمول بڻجي ويون آهن ڳوٺاڻا جاڳي گذارڻ تي مجبور آهن پر پوليس ڌوهارين سان هٿ ٺوڪيل آهي

راڻيپور شهر جي معزز شهرين جي وفد جي ايس ايس پي سان ملاقات

ملاقات ۾ راڻيپور ۽ ڀرپاسي علائقن جي امن امان جي مجموعي صورتحال تي ڳالهيون

قانون جي حڪمراني کي هر صورت يقيني بڻايو ويندو: ايس ايس پي خيرپور جي خاطري

خيرپور(ڊ ر) خيرپور لڳ راڻيپور شهر جي معزز شهرين جي وفد پاران ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو سان ملاقات ڪئي وئي، جنهن ۾ راڻيپور ۽ ڀرپاسي علائقن جي امن امان جي مجموعي صورتحال، سماجي مسئلا، نوجوانن جي رهنمائي ۽ عوامي سهولتن جي بهتري بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي وفد ۾ راڻي پور شهر جا معزز شهري غلام اصغر جعفري، غلام حسين ملاح سينيئر صحافي علي جعفري، ظهور احمد ملاح ۽ سينيئر صحافي رضا علي جعفري شامل هئا. هنن ايس ايس پي خيرپور جي اڳواڻي هيٺ پوليس جي ڪوششن کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته ضلعي خيرپور سميت راڻي پور شهر ۾ قانون جي بالادستي وڌيڪ بهتر بڻبي ۽ عوام پاڻ کي محفوظ محسوس ڪندو ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو امن جي قيام، ڏوهن جي روڪٿام، منشيات جي خاتمي ۽ پرامن سماجي ماحول لاءِ پوليس ۽ شهرين جي گڏيل سهڪار کي لازمي قرار ڏنو. هن چيو ته پوليس عوام جي خدمت لاءِ آهي ۽ قانون جي حڪمراني کي هر صورت يقيني بڻايو ويندو.

ميهڙ جي ڳوٺ مسوخان جلباڻي جي رهواسي جو حيدرآباد ۾ احتجاج

معذور واحد بخش پنڌ پائرن پاران پي جي ملڪيت تي قبضي خلاف احتجاج ڪيو ويو

مامري جا ذميوار منهنجا پائر آهن جيڪي مون سان ظلم ڪري رهيا آهن: واحد بخش پنڌ

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ميهڙ جي ڳوٺ مسوخان جلباڻي جي رهواسي معذور واحد بخش پنڌ پائرن پاران پي جي ڇڏيل ملڪيت مان حصو گهرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏيڻ ۽ ذاتي زمين مان زبردستي فصل ڪٽڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو.ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو ته ڪراچي ۾ رهندڙ پائر الهورايو پنڌ ۽ عبدالڪريم پنڌ ملڪيت جي حوس ۾ انڌا ٿي چڪا آهن.پي جي ڇڏيل ڪراچي واري ملڪيت جنهن جي ماليت ڪروڙين رپين ۾ آهي ان تي قبضو ڪري ويٺل آهن جڏهن ته ڳوٺ واري 7ايڪڙ زمين تي زبردستي ڪڻڪ جو فصل پوکيو اٿن جڏهن ته واپاري رمضان چانڊيو مون کان 103من ساريون خريد ڪيون جنهن جي رقم اٽڪل 2لک75هزار500رپيا ٿئي ٿي رقم ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي اهڙي مامري جي حد جي پوليس ٿرڙي محبت کي اطلاع ڏني جنهن هڪ نه ٻڌي ۽ مخالف جي ونگار وهي ويا. هن الزام هنيو ته جاٿايل سموري مامري جا ذميوار سندس پائر آهن جيڪي مون سان ظلم ڪري رهيا آهن. هن وس وارن کان گهر ڪئي ته مامري جو نوٽس وٺي انصاف ڪيو وڃي

سافڪو پاران نئين سال جي تقريب، عالمي مڃتا تي اطمينان، روزگار جا موقعا وڌائڻ جو اعلان

حيدرآباد هيڊ آفيس ۾ تقريب، سافڪو مائيڪروفنانس، سپورٽ فائونڊيشن ۽ ويلفيئر جي مکيه عملي جي شرڪت

ڪو به ملڪ يا ادارو تيستائين ترقي نٿو ڪري جيستائين عورتن کي موقعا نٿا ڏنا وڃن: سليمان جي ابڙو

حيدرآباد (پ ر) سافڪو گروپ طرفان نئين سال 2026 جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سافڪو مائيڪروفنانس ڪمپني، سافڪو سپورٽ فائونڊيشن ۽ سافڪو ويلفيئر جي سماجي ڀلائي ۽ مالياتي خدمتن سميت مختلف شعبن ۾ گروپ جي ڪمن جو جائزو وٺندي نئين سال لاءِ هدفن جو خاڪو پيش ڪيو ويو جڏهن ته سال 2025 دوران عالمي سطح تي مليل مڃتا تي اطمينان جو اظهار ڪيو ويو سافڪو پاران نئين سال جي تقريب هيڊ آفيس حيدرآباد ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ گروپ جي سڀني ادارن جي مکيه عملي شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي سافڪو گروپ جي باني ۽ سرواڻ سليمان جي ابڙو سڀن کي نئين سال جون مبارڪون ڏيندي چيو ته سافڪو سال 2025ع دوران عالمي سطح تي رونما ٿيندڙ تبديلين کي نظر ۾ سافڪو جديد ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال معاشي سرگرمين کي هٿ وٺرائڻ عورتن جي معاشي بهتري، زراعت، چوپائي مال ۽ ننڍن ڪاروبارن سان لاڳاپيل ماڻهن جي خوشحالي ۽ روزگار جا وسيلا وڌائڻ لاءِ سافڪو اهڙا قدم کنيا، جنهن تي ملڪي ۽ عالمي سطح جي ادارن پاران ايوارڊن سان نوازيو ويو آهي ڪاميابيون سمورن ساٿين جي گڏيل ڪوششن ۽ محنتن جو نتيجو آهن سليمان جي ابڙو چيو ته ڪو به ملڪ هجي يا سماجي ۽ مالي ادارو هجي ان جي ترقي تيستائين ممڪن ناهي، معاشري جي اهم حصي عورت کي موقعا نٿا ڏنا وڃن هن پاڪستان سميت ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ۾ سماجي ۽ معاشي ترقي جو حوالو ڏيندي چيو ته ٻين ملڪن ترقي ۽ چئلينجن کي نظر ۾ رکندي ڪاروبار سميت مختلف شعبن ۾ عورتن کي اڳتي اچڻ جا موقعا ڏنا آهن، پر پاڪستان ان حوالي سان اڃا پٺتي آهي هن چيو ته بنگلاديش ۾ ڪجهه عرصي دوران حڪومت ڪم ڪندڙ عورتن جي 21 سيڪڙو کي وڌائي 44 سيڪڙو تائين آندو آهي ۽ اهڙي طرح 3.5 ملين عورتون گارمينٽس ۽ ٽيڪسٽائل جي صنعت ۾ ڪم ڪري رهيون آهن ڍاڪا حڪومت اهڙي پاليسي سافڪو جهڙن ادارن "گرامين بئنڪ" ۽ "برڪ" جي سفارش تي جوڙي ته گارمينٽس، ٽيڪسٽائل ۽ ٻين سرڪاري ۽ نجي شعبن ۾ ڪم عورتن کي موقعا ۽ سهولتون ڏنيون وينديون نيپال ۾ سڀ کان گهڻي صلاحيت آهي پر عورتن کي معاوضو ڏيڻ ۾ تمام گهٽ آهي، پر ڀارت ۾ مختلف شعبن ۾ 85 سيڪڙو عورتون آهن جن کي حڪومت مردن جي برابري تي آڻڻ جي رٿابندي ڪئي آهي هن چيو ته پاڪستان ۾ به عورتن لاءِ سازگار ماحول جوڙڻ ۽ سماجي تحفظ سميت سمورين سهولتن ڏيڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ جي ضرورت آهي جنهن لاءِ حڪومت 2025 ۾ رٿابندي پڻ ڪئي، جنهن تي عمل لاءِ ايشيائي ترقياتي بئنڪ 350 ملين ڊالر پڻ ڏنا آهن سليمان جي ابڙو مڪيش انباڻي، سر هينري فورڊ، لي بينگ چل ۽ ٻين شخصيتن جا مثال ڏيندي چيو ته ادارا ٺاهڻ ۽ انهن کي وڌائي دنيا جي ماڻهن کي فائدو پهچائڻ ئي وڏو ڪارنامو ڪرڻ گهرجي، جنهن مان نسلن تائين فائدو پهچي، تڏهن ئي توهان جو علم ۽ عمل ڪارائتو ٿيندو ان ڪري اسان سافڪو جي سمورن شعبن لاءِ مرحليوار حڪمت عملي جوڙي ان تي عمل ڪنداسين ۽ نوجوانن خاص طور تي عورتن لاءِ روزگار جا موقعا وڌائينداسين سافڪو مائيڪروفنانس جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد سجاد علي شاهه چيو ته چئلينجن کي پائيداريءَ سان منهن ڏيڻو پيو پر ان باوجود سال 2025ع سافڪو جي سڀني ادارن لاءِ بهتر ثابت ٿيو آهي، ملڪي سطح جي مختلف فورمن تي مالياتي ۽ ماحولياتي پاليسين لاءِ صلاح مشورن ۾ سافڪو کي اهميت رهي ناٿي واري وفاقي وزارت هجي يا اسٽيٽ بئنڪ هجي اتي اسان جي آواز جي ڀرپور ترجماني ٿي جڏهن ته ان سال اسان عالمي سطح جي مختلف فورمن تي پاڻ کي بهتر نموني مڃايو آهي ان باوجود ڪجهه چئلينج ضرور پيش آيا، پر اسان چئلينجن کي سدائين موقعن ۾ تبديل ڪندا رهيا آهيون ان موقعي تي بشير احمد ابڙو ذيشان ميمڻ عليشا سومرو هريش ڪمار رميز اقبال ميمڻ فلڪ علي واحد حسين جوڻيجو حبيب الله خلجي ۽ ٻين پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو

Year 2026
Year 2026
حيدرآباد: سافڪو پاران منعقد نئين سال جي تقريب جو ڪيڪ، ٻئي طرف سليمان جي ابڙو ۽ ٻيا خطاب ڪندي

خيرپور ضلعي ۾ ڪرل لورز آرگنائيزيشن جو قيام

پ پ سنڌ ۾ ريڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن: اسفند يار ڪرل

انشاءَالله ملڪ جو ايندڙ وزيراعظم پڻ پيپلز پارٽي جو بلاول ڀٽو زرداري هوندو

سوڀوديرو(ن ع) ضلعي خيرپور جي تڪ پي ايس 30 جي عوام جي خدمت ۽ سندن مسئلن جي حل لاءِ ڪرل لورز آرگنائيزيشن جي نالي سان بنياد رکيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ تنظيم جي اڳواڻ اسفند يار ڪرل روزاني عبرت حيدرآباد جي نمائندي فقير محمد عباسي سان ملاقات دوران ڳالهائيندي چوڻ هيو ته پيپلز پارٽي واحد عوامي جماعت آهي جنهن سنڌ ۾ ريڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن ملڪ جو ايندڙ وزيراعظم پڻ پيپلز پارٽي جو بلاول ڀٽو زرداري هوندو عوام سان ويجهڙائي ۽ هر وقت رابطي ۾ رهڻ جي لاءِ علائقائي سطح تي تنظيم سازي ڪري رهيا آهيون جنهن مان پنهنجي پيل علائقن جي ماڻهن کي تمام گهڻو فائدو پهچندو ۽ سندن مسئلا ترت حل ٿيندا شهيد راڻي بينظير ڀٽو جو عوام جي وچ ۾ رهڻ ۽ مسئلن جي حل وارو مشن پورو ٿيندو جڏهن ته چيف آرگنائيزر ڪرل لورز آرگنائيزيشن انور ڪيمبيو جو چوڻ هيو ته مقامي سطح تي تنظيم سازي جو فائدو سڌو سنئون عوام کي ملندو سندن مسئلا جلد حل ٿي سگهندا

گڏاپ ٽائون چيئرمين پاران زير تعمير روڊ جي ڪم جو دورو

تعميراتي ڪم مقرر مدت اندر مڪمل ڪيو وڃي: طارق عزيز بلوچ

روڊ جي ڪم جي معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ، وائس چيئرمين جام محمد جوکيو ۽ ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر ڪلڪ پروگرام تحت يو سي صالح محمد، گڏاپ ٽائون ۾ زيرِ تعمير روڊ جي ڪم جو دورو ڪيو. دوري دوران لاڳاپيل آفيسرن ترقياتي ڪمن جي رفتار ۽ معيار جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ هدايت ڪئي ته تعميراتي ڪم مقرر مدت اندر مڪمل ڪيو وڃي ۽ معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو وڃي، جيئن عوام کي پائيدار ۽ معياري سهولتون فراهم ڪري سگهجن.ان موقعي تي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت جي هدايتن، پارٽي منشور ۽ ويزن موجب گڏاپ ٽائون ۾ عوامي فلاح ۽ بهبود جا منصوبا ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪيا پيا وڃن. وائس چيئرمين جام محمد جوکيئو چيو ته گڏاپ ٽائون جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي ۽ ڪلڪ پروگرام تحت جاري ترقياتي منصوبا عوام جي زندگي جي معيار ۽ سفري سهولتن کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا. هن چيو ته سڀني منصوبن جي باقاعدہ نگراني ڪئي پئي وڃي ته جيئن شفافيت ۽ معيار کي يقيني بڻائي سگهجي. ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر چيو ته ترقياتي ڪمن دوران ضابطن ۽ فني معيارن جو خاص خيال رکيو پيو وڃي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته تعميراتي ڪمن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي ۽ منصوبا وقت سر مڪمل ڪيا ويندا. گڏاپ ٽائون جي علائقي واسين ترقياتي ڪمن تي اطمينان جو اظهار ڪندي گڏاپ ٽائون انتظاميه جي ڪوشش کي ساراهيو.

ڪراچي: گڏاپ جو چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ٻيا تعمير ٿيندڙ روڊ جو معائنو ڪندي

قلندر لعل شهباز جي نگري ۾ منشيات جو سرعام وڪرو جاري، پوليس ڏوڪڙن عيوض خاموش

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي حڪمن کي سندن ئي چونڊ تڪ جي پوليس عملدارن هوا ۾ اڏائي ڇڏيو

مضر صحت سپاريون، مين پڙهي، گٽڪو، شراب، چرس، هيروئن، آئيس، آفيم ۽ ڀنگ وڪرو جيان دڪانن تي وڪرو ٿيڻ لڳي

منشيات فروشن کي پوليس جي مڪمل سرپرستي حاصل هجڻ ۽ هفتو مقرر هجڻ ڪري منشيات جي وڪري ۾ تيزي سان اضافو ٿيڻ لڳو

سيوهڻ(رپورٽ: اعجاز سولنگي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي حڪمن کي سندن ئي چونڊ تڪ جي پوليس عملدارن هوا ۾ اڏائي ڇڏيو آهي جنهن بعد وڏي وزير ۽ اولياءَ الله قلندر لال شهباز جو شهر سيوهڻ منشيات جي وڪري ۽ واهپي جو ڳڙهه بڻجي ويو آهي ان حوالي سان گڏ ڪيل ڄاڻ موجب سيوهڻ پوليس ۽ 15 مددگار پوليس جي سرپرستي هيٺ شهر جي مختلف علائقن ۾ مضر صحت سپاريون مين پڙهي گٽڪو شراب، چرس هيروئن آئيس آفيم ۽ ڀنگ سميت ٻين منشيات جي شين جي وڪرو سرعام جاري آهي جنهن سبب شهر جا سوين نوجوان ۽ شهري نشي آور شين جا عادي بڻجي ويا آهن ۽ منشيات جي استعمال سبب سوين نوجوانن جون زندگيون خطري ۾ پئجي ويون آهن ۽ نوجوان نسل تيزي سان تباهي طرف وڌي رهيو آهي جڏهن ته ڪيترا نوجوان ڪئنسر جي موذي مرض ۾ مبتلا ٿيڻ بعد موت جي منهن ۾ وڃي چڪا آهن ٻڌايو وڃي ٿو ته منشيات فروشن کي پوليس جي مڪمل سرپرستي حاصل هجڻ ۽ هفتو مقرر هجڻ ڪري منشيات جي وڪري ۾ تيزيءَ سان اضافو رڪارڊ ڪيو پيو وڃي جڏهن ته وڏن سان گڏ شهر جا معصوم ٻار به نشي آور شين جا عادي بڻجي ويا آهن جيڪي اسڪولن ۽ ڪاليجن وڃڻ بدران جوا جي اڏن ميخانن ۽ ڪچي شراب جي ڀٽين تي وقت گذارين ٿا، سيوهڻ پوليس ۽ 15 مددگار پوليس جي نااهلي ۽ ڪرپشن سبب سيوهڻ ٿاڻي پرسان پڻ منشيات جو ڪاروبار سرعام هلي رهيو آهي، پر پوليس هفتيوار وصولين سبب خاموش تماشائي بڻيل آهي، شهر جي اهم شاهراهن ۽ علائقن جهڙوڪ جهاز چوڪ اسٽيشن محلو، بندر محلو، ڪوسا محلو، مڪراڻي محلو، نيو بس اسٽاپ، پراڻو بس اسٽاپ، ڳوٺ لونگ داروخو سميت ٻين علائقن ۾ ڪچي شراب جا اڏا، مين پڙي ۽ گٽڪي جا اڏا، هيروئن آئيس آفيم ڀنگ جا اڏا، مضر صحت سپاريون زيڊ 21، راجا بابو سميت ٻين منشيات جي شين جي سرعام وڪرو جاري آهي جنهن معصوم ٻار عورتون ۽ مرد به اهي شيون وڪرو ڪن ٿا، انهن شين جي استعمال سبب ڪيترائي ماڻهون پيٽ جي بيمارين، ڪينسر ڳلي جي مرض سميت ٻين بيمارين ۾ مبتلا ٿي چڪا آهن ۽ زندگي ۽ موت جي وچ ۾ بيٺل آهن ۽ جڏهن ته غربت سبب علاج ڪرائڻ کان به قاصر آهن. ان حوالي سان سيوهڻ ۾ مقرر ٿيل هڪ پوليس اهلڪار نالو ظاهر نه ڪرڻ جي بنياد تي ٻڌايو ته اهو سچ آهي ته سيوهڻ ۾ پوليس جي سرپرستي هيٺ شراب، مين پڙهي، گٽڪو هيروئن آئيس آفيم ۽ ڀنگ سميت ٻين منشيات جا اڏا هلي رهيا آهن ۽ منشيات سرعام وڪرو ٿي رهي آهي. هن چيو ته اها پوليس جي مجبوري آهي ڇو ته سڄو خرچ اعليٰ عملدارن تائين پهچايو وڃي ٿو ۽ منشيات جو ڪاروبار ٻاهر ماڻهو ڪن ٿا، جيڪڏهن انهن خلاف ڪيس داخل ڪجي ٿو ته اهي عدالت مان آزاد ٿي وڃن ٿا، اسان مجبور آهيون. ان ڪري ٻاهر ماڻهن خلاف ڪيس داخل نٿا ڪري سگهون. ٻئي طرف انڪشاف ٿيو آهي ته سيوهڻ شهر جي مختلف محلن، ڳهٽين ۽ ڪالونين ۾ 20 کان وڌيڪ ڪچي شراب جون ڀٽيون، گٽڪي جا اڏا ۽ مين پڙي جا ڪارخانا هيروئن آئيس آفيم ۽ ڀنگ جا اڏا موجود آهن.

سيوهڻ: انتظاميا جي نااهلي سبب موالي نشو واپرائي رهيا آهن

نوشهروفيروز گرلس ڊگري ڪاليج ڪرپشن جو ڳڙهه بڻجي ويو، هر ٽئين مهيني ايندڙ بجيٽ هڙپ

ويندڙ پرنسپال ۽ هڪ ليب اسسٽنٽ ڪاليج جي بجيٽ اوڏهي وانگر ڳڙڪائڻ لڳا، رڪارڊ ۾ ڪوڙن وورچرن جي ڀرمار

امتحاني فارمن جي مد ۾ پڻ شاگردياڻين کان ٻه سئو روپيا آئي ٽي فيس ٻهاني واڙو وصولي، شهرين جو احتجاج

ڪرپٽ پرنسپال قرات العين جاويد عباسي کي هٽائي ان خلاف جانچ ڪري ايماندار ڪو ايماندار پرنسپال مقرر ڪيو وڃي: شهري

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز گرلس ڊگري ڪاليج ڪرپشن جو ڳڙهه بڻجي ويو هر ٽئين مهيني ايندڙ لکين روپين جي بجيٽ ڪوڙن وورچرن ذريعي هڙپ ٿيڻ لڳي، ويندڙ پرنسپال ۽ هڪ ليب اسسٽنٽ ڪاليج جي بجيٽ اوڏهي وانگر ڳڙڪائڻ لڳا، امتحاني فارمن جي مد ۾ پڻ شاگردياڻين کان ٻه سئو روپيا آئي ٽي فيس ٻهاني واڙو وصولي، شهرين جو احتجاج، ڪرپٽ پرنسپال قرات العين جاويد عباسي هٽائڻ جي گهر. تفصيل موجب نوشهروفيروز جي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن توحيد عباسي، ذوالقرنين پٺو شهمير سولنگي، واجد ٿيبو ۽ ٻين ميڊيا اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج نوشهروفيروز ۾ ويهين گريڊ جي پرنسپال سيٽ تي غيرقانوني طريقي ويٺل اڻويهين گريڊ جي پرنسپال قرات العين جاويد عباسي مڪمل گرلس ڊگري ڪاليج نوشهروفيروز کي ڪرپشن جو ڳڙهه بڻائي ڇڏيو آهي هنن چيو ته هر ٽئين مهيني ڪاليج جي ايندڙ لکين روپين جي ڪانٽيجنسي بجيٽ ڪوڙن وورچرن ذريعي هڙپ ڪري رهي آهي جيڪا هڪ ويندڙ ۽ ليب اسسٽنٽ جي مدد سان اوڏهي وانگر ڳڙڪائي رهي آهي هنن احتجاج ڪندي چيو ته پرنسپال امتحاني فارمن جي مد ۾ پڻ شاگردياڻين کان ٻه سئو روپيا آئي ٽي فيس ٻهاني واڙو وصولي رهي آهي هنن چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ وزير اعليٰ سنڌ کان مطالبو ڪندي چيو ته ڪرپٽ پرنسپال قرات العين جاويد عباسي کي هٽائي ان خلاف جانچ ڪري ايماندار ڪو ايماندار پرنسپال مقرر ڪيو وڃي.

نوشهروفيروز: شهري گرلز ڊگري ڪاليج جي پرنسپال قرت لعين جاويد عباسي خلاف احتجاج ڪندي

چيف سيڪريٽري جي صدارت هيٺ سليڪشن بورڊ ٽو جو اهم اجلاس

اطلاعات کاتي جي سينيئر آفيسر سرور سميجو کي ڊائريڪٽر جي عهدي تي ترقي ڏيڻ جي سفارش

سميجو کي ادبي، فڪري ۽ صحافتي خدمتن جي ڪري صوبائي سطح تي اهم مقام حاصل آهي

ڪراچي(پ ر) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ صوبائي سليڪشن بورڊ ٽو جو اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ اطلاعات کاتي جي سينيئر آفيسر نامور اديب، شاعر ۽ ڪالم نگار سرور سميجو کي گريڊ 19 ۾ ڊائريڪٽر جي عهدي تي ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي. سرور سميجو کي ادبي، فڪري ۽ صحافتي خدمتن جي ڪري صوبائي سطح تي اهم مقام حاصل آهي هن پنهنجي ڊگهي سرڪاري ملازمت دوران عوامي آگاهي، ثقافتي فروغ ۽ سرڪاري پاليسين جي تشهير ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو سندس ترقي کي سندس پيشه ورانه صلاحيت، خلوص نيت ۽ علمي خدمتن جو اعتراف قرار ڏنو پيو وڃي.

ڪوٽڙي ڪبير پرسان ڳوٺ رئيس غلام اڪبر لاشاري ۾ ٻارهين شريف جو پروگرام

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڪوٽڙي ڪبير پرسان ڳوٺ رئيس غلام اڪبر لاشاري ۾ فقير گلزار علي لاشاري جي ميزباني هيٺ ٻارهين شريف پروگرام منعقد ڪيو ويو تقريب کي سيد آصف علي شاهه خصوصي خطاب ڪيو جنهن حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ خطاب ڪري ويٺل مومنن جون دليون منور ڪري ڇڏيون حافظ نعيم ٿيٻو حافظ اياز علي جروار ۽ ڪامل راڄپر ۽ ٻين نعت مقبول صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ بيان ڪري ويٺلن ۾ واهه واهه ڪرائي ڇڏي، جڏهن ته سيد احمد شاهه بخاري خاص مهمان طور پروگرام ۾ شرڪت ڪئي، ڪوٽڙي محمد ڪبير رسول آباد، هنگورجا، محراٻپور ۽ آس پاس جي سوين مومنن پروگرام ۾ شرڪت ڪري ثواب دارين ٿيا، آخر ۾ تبرڪ نياز ڪارايو ويو.

ڪوٽڙي ڪبير: ڳوٺ رئيس غلام اڪبر لاشاري ۾ ٻارهين شريف جو پروگرام ٿي رهيو آهي

حيدرآباد جي قاضي قيوم روڊ جي رهواسي ٻنهي ٽنگن کان معذور جو احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي قاضي قيوم روڊ جي رهواسي ٻنهي ٽنگن کان معذور فاروق احمد معذور ڪوٽا تحت نوڪري نه ملڻ خلاف ڪالهه ٻه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو هن دانهيندي چيو ته هو 2012 کان مسلسل معذور ڪوٽا تحت سرڪاري نوڪري لاءِ سراپا احتجاج آهيان پر هيئنر تائين نوڪري ناهي ملي سگهي معصوم ٻچا گهر ۾ بکون ڪاٽي رهيا آهن بجلي پاڻي ۽ گيس جو بل پڻ ناهي ادا ٿئو ڪري سگهيا. هن چيو ته معذوري ۽ غربت سبب سخت مفلسي ۽ پريشاني واري زندگي گذاري رهيو آهيان هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته کيس روزگار ڏئي ساڻس انصاف ڪيو وڃي

ڪوٽ غلام محمد پرسان گهوڙن جي شاندار ڊوڙ مقابلي جو اهتمام

سنڌ جي مختلف ضلعن مان پنجاهه کان به وڌيڪ ناميارا ۽ مشهور گهوڙا ريس ۾ شامل

ميلي دوران وڏيري محمد خان، مير نجف ٽالپر، مير رضوان ٽالپر ۽ ٻين جا گهوڙا توجهه جو مرڪز رهيا

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ڪوٽ غلام محمد پرسان واقع ڳوٺ رئيس غلام حسين نونداڻي ۾ سنڌ جي قديم ثقافت جي علامت گهوڙن جي شاندار ڊوڙ مقابلي جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن مان پنجاهه کان به وڌيڪ ناميارا ۽ مشهور گهوڙا ريس ۾ شامل ٿيا. گهوڙن جي ڊوڙ مقابلي کي ڏسڻ لاءِ علائقي سميت پري پري کان آيل شوقينن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ريس دوران گهوڙن جي شاندار ڊوڙ رفتار ۽ خوبصورتي تي تاڙيون وڄائي داد ڏنو جڏهن ته شوقينن ڪيترن ئي گهوڙن کي روڪ انعام ڏيڻ تي پڻ مجبور ٿي ويا. مقابلي ۾ ناميارن شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي جن ۾ وڏيرو شاهجهان جوڻيجو مير نجف ٽالپر مير رضوان ٽالپر، مير شان الله ٽالپر علي رضا شاهه علي حيدر شاهه شهمير شاهه صوفي سڄل ڪوسو مراد علي خيبر منظور بلوچ رئيس زاهد نونداڻي گفار دل سيٺ، گبو سامارو ۽ ارسلان قائمخاني شامل هئا. ريس ۾ حصو وٺندڙ گهوڙن ۾ ڪوهه نور ٽين مجنو شهنشاهه، دليپ بادل مستانو ڪبوتر فوجي آزاد، مور معشوق، سنڌ سينگار راهي جهاز سميت ٻيا ڪيترائي گهوڙا شامل هئا، جن پنهنجي شاندار ڊوڙ سان ميدان ۾ ويٺل شوقينن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو گهوڙن جي ريس جي ميدان کي سجائڻ وارن ۾ ماستر گفار دل مظفر نونداڻي علي رضا نونداڻي ۽ بلاول دل شامل هئا، جن بهترين انتظام ڪري ميلي کي يادگار بڻايو ميلي دوران وڏيري محمد خان مير نجف ٽالپر مير رضوان ٽالپر مير شان الله ٽالپر علي حيدر شاهه علي رضا شاهه ۽ گبو سامارو وارن جا برق رفتار ۽ حسين گهوڙا ماڻهن جي خاص توجهه جو مرڪز بڻيل رهيا. آخر ۾ شرڪت ڪندڙ معززن ۽ شوقينن اهڙن ثقافتي مقابلن کي سنڌ جي تهذيب، روايت ۽ ورثي سان جوڙيل قرار ڏيندي مطالبو ڪيو ته اهڙا ميلا هر سال باقاعدگي سان منعقد ڪيا وڃن ته جيئن سنڌ جي قديم ثقافت زندهه رهي

ڪوٽ غلام محمد: گهوڙن جي ڊوڙ جا مقابلا ٿي رهيا آهن

خيرپور پوليس جو ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون جاري

پوليس پاران وڌيڪ 05 جوابدار گرفتار، منشيات ۽ غيرقانوني هٿيار برآمد

امام دين ٿمراڻي کي گرفتار ڪري 1100 گرام چرس برآمد ڪيو ويو ڪيس داخل

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس جو منشيات فروش، اشتهاري، روپوش ۽ ٻين ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون جاري، وڌيڪ 05 جوابدار گرفتار، منشيات ۽ غيرقانوني هٿيار برآمد، الڳ الڳ ڪيس داخل تفصيل موجب ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومروجي هدايتن تي عمل ڪندي خيرپور پوليس طرفان ڪامياب ڪارروايون جاري آهن. ايس ايس پي موجب گمبٽ پوليس گشت دوران ڪلو واري پل پرسان ڪارروائي ڪندي منشيات فروش جوابدار امام دين ٿمراڻي کي گرفتار ڪيو جنهن جي قبضي مان 1100 گرام چرس برآمد ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو جڏهن ته سيٺارجا پوليس گشت دوران ٽوڪير آباد اسٽاپ وٽ ڪارروائي ڪندي منشيات فروش جوابدار عبدالقدير مگنيجو کي گرفتار ڪيو جنهن جي قبضي مان 96 عدد نشي آور سپارين برآمد ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو. سيٺارجا پوليس گشت دوران ڪارروائي ڪندي روپوش جوابدار خدا بخش گوپانگ کي گرفتار ڪري ورتو.جڏهن ته بوزدار وڏا پوليس گشت دوران مد واري پل پرسان ڪارروائي ڪندي منشيات فروش جوابدار **غلام حسين گوپانگ** کي گرفتار ڪيو جنهن جي قبضي مان 04 بوتلون شراب** برآمد ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو جڏهن ته سوراهه پوليس گشت دوران سائيڊو مائينر پرسان ڪارروائي ڪندي غيرقانوني هٿيار رکڻ واري جوابدار نذير ماڇي کي گرفتار ڪيو جنهن جي قبضي مان 01 پسٽل ۽ گوليون برآمد ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو ڪامياب ڪارروايون تي ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو طرفان پوليس پارٽين لاءِ شاباشي جو پيغام جاري ڪيو ويو.

شڪارپور ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر نوادرات جي گڏجاڻي

شڪارپور جو ڪيس پيش ڪندڙ سول سوسائٽي جي نمائندن سان رابطو رکيو وڃي: ظهير جوکيو

گڏجاڻيون ڪري نشاندهي ڪيل مسئلن جي حل لاءِ عملي ڪم جو آغاز ڪيو وڃي

شڪارپور (ڊ ر)صوبائي وزير سياحت، ثقافت ۽ نوادرات سيد ذوالفقار علي شاهه جي هدايتن تي ڊپٽي ڊائريڪٽر نوادرات ظهير جوکيو شڪارپور ميوزيم جي آفيس پهچي گڏجاڻي ڪئي. گڏجاڻي دوران هن ٻڌايو ته وزير سياحت، ثقافت ۽ نوادرات سيد ذوالفقار علي شاهه شڪارپور ۾ ٿيل کليل ڪچهري دوران تاريخي عمارتن جي اهميت ۽ انهن جي تحفظ بابت جيڪي سوال اٿاريا ويا هئا ۽ جيڪو موقف اختيار ڪيو هو ان جي روشني ۾ کاتي کي واضح هدايتون ڏنيون ويون آهن ته شڪارپور جو ڪيس پيش ڪندڙ سول سوسائٽي جي نمائندن سان رابطو رکيو وڃي ۽ گڏجاڻيون ڪري نشاندهي ڪيل مسئلن جي حل لاءِ عملي ڪم جو آغاز ڪيو وڃي. ڊپٽي ڊائريڪٽر نوادرات وڌيڪ چيو ته وزير صاحب جي حڪمن موجب اهو اعلان ڪيو پيو وڃي ته شڪارپور ميوزيم کي پنج مهينن اندر مڪمل طور تي فعال ڪيو ويندو ۽ شڪارپور جي تاريخي، ثقافتي ۽ تهذيبي ورثي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪا به ڪوتاهي نه ڪئي ويندي. گڏجاڻي ۾ شريڪ سماجي اڳواڻ ۽ صحافي سلطان رند، نامور اديب ۽ سماجي اڳواڻ حسام ميمڻ سميت ٻين شرڪت ڪئي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر نوادرات سکر ريجن ظهير جوکيو جي سربراهي ۾ ست رڪني ڪاميٽي جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو ڪاميٽي ۾ سلطان رند، حسام ميمڻ مهدي شاهه، ڪاشف صديقي نوادرات جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر خير محمد قريشي اسسٽنٽ ڪمشنر شڪارپور ۽ اي ايس پي شڪارپور شامل هوندا. گڏجاڻي ۾ شريڪ سلطان رند، حسام ميمڻ ۽ ٻين وزير سياحت، ثقافت ۽ نوادرات سيد ذوالفقار علي شاهه جو ٿورائتو ٿيندي چيو ته اهو هڪ ساراهه جوڳو عمل آهي جو سيد ذوالفقار علي شاهه پنهنجن واعدن تي عمل جي شروعات ڪري دلين کي موهي ورتو آهي. هنن اميد ظاهر ڪئي ته وزير سياحت، ثقافت ۽ نوادرات تاريخي شهر شڪارپور جي تاريخي عمارتن ۽ تاريخ جي تحفظ لاءِ ڀرپور ڪم ڪري نئين تاريخ رقم ڪندو. گڏجاڻي ۾ نوادرات کاتي جا خير محمد قريشي، رشيد الله قلپوٽو ۽ شڪارپور ميوزيم جو انچارج ريحان ڀٽو پڻ شريڪ هئا.

صدر پاڪستان آصف علي زرداري ٽنڊوالهيار جي نجي دوري بعد واپس روانو

آصف علي زرداري ٻه ڏينهن بختاور ڀٽو زرداري هائوس تي قيام ڪيو اڳواڻن سان ملاقاتون

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٻه ڏينهن اڳ صدر پاڪستان ۽ پ پ ڪو چيئرمين آصف علي زرداري نجي دوري تي بائي روڊ ٽنڊوالهيار ويجهو ٽيل موري تي بختاور ڀٽو زرداري هائوس تي پهتو هو صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي ٽنڊوالهيار آمد وقت سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا هئا جڏهن ته اهم ويجهن ذريعن موجب آصف علي زرداري ٻه ڏينهن بختاور ڀٽو زرداري هائوس تي قيام ڪيس ٻئي ڏينهن تي صدر پاڪستان سهيل انور سيال ۽ سيد ذوالفقار علي شاهه سان ملاقات پڻ ڪئي جڏهن ته صدر پاڪستان جا پ پ جي ٻين اهم اڳواڻن سان ملاقات پڻ متوقع هئي ان کان علاوه صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي نجي دوري تي بختاور هائوس پهچڻ تي پيپلز پارٽي تعلقه چمبڙ جي صدر محمد رمضان مري سوين پي پي ورڪرن سان گڏ سندس استقبال ڪيو ۽ گلن جي ورکا پڻ ڪئي صدر پاڪستان ۽ پ پ ڪو چيئرمين آصف علي زرداري ٻن ڏينهن جي نجي دوري بعد واپس روانو ٿي ويو.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پبلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 03 جنوري 2026ع

قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر اياز صادق جون ڍاڪا ۾ اهم ملاقاتون!

ڀارت سان لاڳاپيل اهم ترين مسئلو هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ طاس معاهدي جي حوالي سان اجاگر ٿيو آهي. پاڪستان واضح لفظن ۾ چئي ڇڏيو آهي ته نئين دهلي، اسلام آباد کي اعتماد ۾ ورتڻ کانسواءِ مغربي درياهن تي ڪو به منصوبو نٿو ٺاهي سگهي. سنڌ طاس معاهدو رڳو هڪ پاڻيءَ جي ورڇ جو معاهدو ناهي، پر ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تڪرارن کي روڪڻ لاءِ هڪ قانوني ۽ بين الاقوامي ضمانت پڻ آهي. ڀارت جي طرفان دولهستي اسٽيٽ پراجيڪٽ بابت ايندڙ رپورٽن تي پاڪستان جي ڳڻتي جائز آهي، ڇو ته ماضيءَ ۾ به اهڙا منصوبا تڪرارن جو سبب بڻيا آهن. پاڪستاني انڊس واٽر ڪمشنر پاران موڪليل سوالن جا بروقت ۽ تسلي بخش جواب نه ڏيڻ، ڀارت جي نيت تي سوال اٿاري ٿو. جيڪڏهن ڀارت واقعي خطي ۾ امن چاهي ٿو ته کيس معاهدن جي مڪمل پاسداري ڪرڻي پوندي. ساڳئي وقت، ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ قيدين جي فهرستن ۽ جوهري تنصيبات جي سالياني مٽاسٽا اهو ثابت ڪري ٿي ته شديد سياسي ڇڪتاڻ جي باوجود به ڪجهه سفارتي چينل کليل آهن. 257 ڀارتي قيدين جي فهرست جي حوالي ٿيڻ انساني ۽ قانوني ذميوارين جي ادائگيءَ جي هڪ مثال آهي. اهڙن قدمن کي وڌائي، ٻنهي ملڪن کي قيدين جي آزادي ۽ انساني بنيادن تي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌڻ گهرجي.

ڍاڪا ۾ قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر اياز صادق ۽ ڀارتي پرڏيهي وزير جي ايس جي شنڪر جي هٿ ملائڻ واري تصوير تي پيدا ٿيل بحث پڻ هن ڳالهه جو ثبوت آهي ته اسان جي خطي ۾ علامتي ملاقاتن کي به شڪ جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. اياز صادق جي وضاحت کان پوءِ وڌيڪ قياس آرائين جي گنجائش نٿي رهي. سفارتي فورمن تي اهڙيون ملاقاتون غيرمعمولي ناهن، پر اصل اهميت پاليسين ۽ عملن جي هوندي آهي، نه ڪي تصويرن جي. افغانستان بابت پاڪستان جو موقف به بريفنگ ۾ چٽو نظر آيو. افغان علمن جي فتويٰ ۽ قيادت جي بيانن کي مثبت اڳڀرائي قرار ڏيڻ پاڪستان جي تعميري سوچ جو اظهار آهي، پر ساڳئي وقت عملي ضمانتن جي گهرج به بلڪل درست آهي. ماضيءَ جا تجربا ٻڌائن ٿا ته رڳو بيانن تي ڀروسو ڪرڻ سان سيڪيورٽي جا مسئلا حل نٿا ٿين. پاڪستان جو اهو مطالبو ته افغان سرزمين ڪنهن به صورت ۾ پاڪستان خلاف استعمال نه ٿئي، علائقائي امن لاءِ بنيادي شرط آهي. انساني امداد جي قافلي کي روڪڻ وارو واقعو به افسوسناڪ آهي، ڇو ته انساني همدردي کي سياسي تڪرارن کان مٿانهون هئڻ گهرجي.

يمن جي تڪرار بابت پاڪستان جو پُرامن حل جي حمايت ڪرڻ وارو موقف، هڪ ذميوار اسلامي ملڪ جي حيثيت سان سامهون اچي ٿو. خطي ۾ استحڪام لاءِ جاري سفارتي ڪوششن جي آجيان، پاڪستان جي غير جانبدار ۽ متوازن پاليسيءَ جو ثبوت آهي. اهڙي سوچ سان ئي وچ اوڀر جهڙي حساس خطي ۾ تڪرارن کي گهٽائي سگهجي ٿو. پاڪ-چين لاڳاپن بابت به بريفنگ دوران واضح ڪيو ويو ته پاڪستان تائيوان سميت سڀني بنيادي ۽ حساس معاملن تي چين جي مڪمل حمايت ڪري ٿو. 4 جنوري کان بيجنگ ۾ ٿيندڙ پاڪ-چين اسٽريٽجڪ ڳالهين مان اميد رکي وڃي ٿي ته اقتصادي، دفاعي ۽ سفارتي شعبن ۾ سهڪار وڌيڪ مضبوط ٿيندو. چين سان لاڳاپا پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو اهم ستون آهن ۽ هن اتحاد کي خطي ۾ طاقت جي توازن لاءِ به اهم سمجهيو وڃي ٿو. مجموعي طور تي ڏٺو وڃي ته پاڪستان نئين سال جي شروعات تي واضح پيغام ڏئي رهيو آهي: معاهدن جي پاسداري، سفارتي ڳالهه ٻولهه، انساني همدردي ۽ خطي ۾ امن. پر سوال اهو آهي ته ڇا ٻيون لاڳاپيل ڌريون به اهڙي سنجيدگي ڏيکارينديون؟ خاص طور ڀارت ۽ افغانستان سان لاڳاپيل معاملن ۾ عملي قدمن کانسواءِ اعتماد بحال نٿو ٿي سگهي. پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي موقف کي عالمي فورمن تي به وڌيڪ اثرائتي نموني اجاگر ڪري، جيئن خطي ۾ وڌندڙ تڪرارن کي روڪي سگهجي ۽ عوام کي امن، استحڪام ۽ ترقي جو ماحول ملي سگهي.

مشهور ولي الله حضرت ڪنڀات فقير جي روحاني شخصيتن سان عقيدت!

نور سنڌي

(قسط 4)

آئون جڏهن ستين ڪلاس جو شاگرد هئس، ان دور ۾ ريڊيو جو رواج عام هوندو هو. ان وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي مخدوم طالب المولىٰ جا مختلف فنڪارن جي آواز ۾ ڳايل ڪلامن جي ڌوم هوندي هئي ۽ آئون اهي ڪلام شوق سان ٻڌندو هئس. ايتري قدر جو مخدوم طالب المولىٰ جا ڪلام ٻڌڻ جي شوق ۾ مون کي پنهنجو ريڊيو خريد ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي مهينن جون خرچيون گڏ ڪرڻيون پيون. ريڊيو جي دور بعد چينجر فونن جو دور شروع ٿيو. ان کان اڳ چابيءَ تي هلندڙ گرام فونا هوندا هئا. چينجر سيلن تي به هلندو هو ته بيٽريءَ تي به. ان زماني ۾ منهنجي سؤٽ حاجي خالد ملاح، جنهن جو ملدسي ڳوٺ ۾ هوٽل هو جتي بيٽريءَ تي وڄندڙ چينجر گرام فونو ۽ ايمپلي فائر آندو. مون ٻڪر ڪپائي شهدادپور مان رُونا ليليٰ جي آواز ۾ مخدوم طالب المولىٰ جي ڳايل ڪلامن وارو فوني وارا وڏا رڪارڊ وٺي آيس، جنهن جي ٻنهي پاسي شايد 10 ڪلام ڀريل هوندا هئا ۽ روزانو شام جو هوٽل جي دخل تي ويهي، اهو رڪارڊ هلائيندو هئس. ان وقت ايترو شعور نه هو. منهنجو به ٻاراڻو ذهن هو ان جي باوجود مخدوم طالب المولىٰ جي لافاني شاعري رُونا ليليٰ جي جادوءَ واري آواز ۾ ڳايل ڪلام ٻڌندي وجد طاري ٿي ويندو هو. مخدوم طالب المولىٰ جي ڪلامن جو لفظ لفظ معنيٰ خيز هو. مون تي مخدوم طالب المولىٰ جي شاعريءَ جو ايترو ته اثر ٿيو جو رات جو سمهڻ وقت به سندس ڪلام ذهن ۾ پيا گهمندا هئا ۽ ڪڏهن خواب ۾ به اهي ڪلام ٻڌندو هئس. مخدوم طالب المولىٰ جي ان امر ۽ دلڪش شاعريءَ کي رُونا ليليٰ وڌيڪ امر بڻائي ڇڏيو. اهي ڪلام نه صرف ملدسيءَ جي رهواسين ۾ مشهور ٿيا، پر آسپاس جي ڳوٺن جن ۾ ان وقت هوٽلون نه هونديون هيون، اتان جا ماڻهو به واندڪائيءَ دوران ڏينهن يا ڪو مهمان هنن وٽ ايندو هو ته انهن کي وٺي ملدسيءَ جي هوٽلن تي ايندا هئا. انهن ۾ به مخدوم طالب المولىٰ جا ڪلام مشهور هئا ۽ اهي ماڻهو به مخدوم طالب المولىٰ جا اهي بيت ۾ سؤڪاريون وجهندڙ دل دماغ تي ڇانئجي ويندڙ سدا بهار ڪلام وڄائڻ جي فرمائش ڪندا هئا. گرام فونن بعد جڏهن ٽيپ رڪارڊر آيا ته بابا منهنجي ضد تي ٽيپ رڪارڊر وٺي ڏنو ۽ منهنجي ٽيپ رڪارڊر وٺڻ جو مقصد ئي مخدوم طالب المولىٰ جو ڪلام ٻڌڻ هو. ٽيپ رڪارڊر وٺڻ بعد وري خرچيون گڏ ڪري مخدوم طالب المولىٰ جا رُونا ليليٰ، حسين بخش خادم، عابده پروين، قوتو زرداري ۽ مصري فقير جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل ڪئسٽون خريد ڪرڻ شروع ڪيون. اسڪول کان پوءِ ٻنيءَ ٻاري تي ويندي به ٽيپ رڪارڊر هٿ ۾ هوندو هو ان ئي زماني ۾ مخدوم طالب المولىٰ جا ٻه ڪتاب "يادِ رفتگان" ۽ "ڇپر ۾ چڙيون" مون کي پڙهڻ لاءِ مليا هئا. اهي پڙهڻ بعد ان وقت منهنجي ڪچي ذهن تي مخدوم طالب المولىٰ جن جي شاعري ۽ لکڻين ايترو ته اثر ڪيو جو وٽن حاضري ڪرڻ لاءِ دل ۾ چاهت پيدا ٿي ۽ ان جو اظهار والد صاحب سان ڪيم. جنهن منهنجي چاچا حاجي محمود ملاح، جيڪو مخدوم طالب المولىٰ جن جو خاص ماڻهو هو، خليفو نه هئڻ جي باوجود سندس مخدوم طالب المولىٰ جن وٽ خليفي يا خاص ماڻهو جيتري عزت هئي، ان سان گڏ زيارت لاءِ مخدوم هائوس تي پهتس پر بدقسمتيءَ سان ان ڏينهن مخدوم طالب المولىٰ ڪجهه مصروف هئا، ان ڪري حاضري نه ٿي سگهي. ان بعد حضرت مخدوم سرور نوح رح جن جو سالياني عرس مبارڪ، يعني سُهائو سومار هو ۽ بابا، چاچا ۽ آئون گڏجي گهوڙن تي سوار ٿي هالا پهتاسين. حضرت مخدوم نوح سرور جي مزار تي حاضري ڀري، فُل پڙهي دعا گهري مخدوم هائوس تي پهتاسين. جتي به ميلو متل هو. مخدوم طالب المولىٰ جن جي زيارت ۽ حاضريءَ لاءِ سڄي ملڪ مان ماڻهن جو وڏو انگ آيل هو. جن ۾ هزارين عورتون، ٻار ۽ پيرسن به شامل هئا ۽ مون اتي پهريون دفعو ڌمر ڳائيندي ٻڌو. ڏگهي انتظار بعد مخدوم طالب المولىٰ جن سان ملاقات ٿي. ان دوران پهريون دفعو جڏهن مون کي مخدوم طالب المولىٰ ڏٺو ته سندس چهري ۾ نور نظر آيو. اتان کان آئي بنگلي تي مخدوم امين فهيم ۽ خانگاهه ۾ مخدوم خليق الزمان جن وٽ به حاضري ڪري واپس ڳوٺ آياسين. ان وقت جي ذهن جي ڪري اها ملاقات ٿيڻ تي خوشي ٿي هئي، پر ان سان گڏ جيڪو ڏک ٿيو اهو ان ڳالهه جو ته آئون ذهن ناهي ويو هئس ته مخدم طالب المولىٰ صاحب جن کي اهو ٻڌائيندس ته سندن شاعري مون کي بيحد وڻي ٿي ۽ سندس ڪلام چاهه سان ٻڌندو آهيان. بلڪ اهو چوندس ته آئون پاڻ به شاعري ڪرڻ چاهيان ٿو ان لاءِ اوهان رهنمائي ڪندا...! پر اهڙو موقعو نه مليو. هئي سال 1976ع ۾ سنڌو درياهه ۾ خطرناڪ چاڙهه آيو ۽ سڄي سنڌ ۾ ٻوڏ جو خطرو

اسان کي نئين سال جي خوشي يا گذريل سال جو سوڳ ملهائڻ کپي؟

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون گوتميءَ جي هڪڙي چوڻيءَ کان شروع ڪريان ٿو ڇاڪاڻ ته گوتميءَ جي اها چوڻي مون کي وڌيڪ هاڻوڪي ڏاريندڙ سچ جيان لڳي ٿي. هو چوي ٿو ته، 'انهن کان وڏو غلام ڪير به نه آهي، جن کي اهو دوکو آهي ته اهي آزاد آهن' يعني گوتميءَ جي هن چوڻي مطابق اسان معاشري ۾ صاحبان حيثيت جي اڳيان آزاد غلام آهيون ۽ پوءِ آزاد غلامن کي معاشري ۾ نئين سال جي خوشي ملهائڻ کان بهتر آهي ته پوئين سال جو سوڳ ملهائڻ کپي. نئون سال شروع ٿي چڪو آهي. ڪجهه ڏينهن تائين سڀ ڪجهه نئون نظر ايندو پوءِ اها ساڳئي ڪيفيت ۽ هڪجهڙائي جيڪا اسان محسوس ڪندا آهيون اها هر سال جيان ٻيهر اسان جي روزمره زندگيءَ ۾ شامل ٿي ويندي. آئون عرض ڪريان نئين سال جي لاءِ ڀليڪار جا خواب اکين ۾ سجائي اسان نئين سال ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر نين اميدن سان داخل ٿي چڪا آهيون. اها سوچڻ جي ڳالهه ناهي ته ايندڙ نئين سال ۾ اسان ڇا ڪنداسين پر اها ضرور سوچڻ جي ڳالهه آهي ته گذريل سال ۾ اسان ڇا وڃايو ۽ ڇا حاصل ڪيو؟ اسان ڪنهن جي مدد ڪئي يا اسان ٻين جي حقن جو خيال رکيو؟ حقيقت ۾ ڪيتريون ئي شيون اسان جي وس کان ٻاهر آهن. اسان سوچيندا ڪجهه آهيون ۽ ڪندا ڪجهه ٻيو آهيون، جنهن ڪري نتيجو هميشه ابتڙ نڪرندو آهي. انهيءَ ڪري اسان کي پنهنجي ناڪامين جو ٻيهر جائزو وٺي نئين سال ۾ انهن کي درست ڪرڻ جي لاءِ اپاءَ وٺڻ گهرجن. نئون سال اسان جي زندگيءَ ۾ مستقبل جي لاءِ بهترين اميدن سان داخل ٿي چڪو آهي. انهيءَ ڪري اسان کي نه رڳو نئين سال جي لاءِ سٺا سٺا خيال رکڻ گهرجن. بلڪي ماضيءَ جو تنقيدي جائزو به وٺڻ گهرجي ته ڪٿي اسان کان غلطيون ٿيون ۽ ڪٿي اسان کان غفلت ٿي.

جيڪڏهن اسان ماضيءَ جي انهيءَ ڪارڪردگيءَ کي سامهون رکي پنهنجي مستقبل جي حڪمت عملي ڪي جوڙيون ته هي سال اسان جي لاءِ يقيناً بهترين ثابت ٿيندو. ياد رکو، هن نئين سال ۾ اسان پنهنجو پاڻ سان اهڙا واعدا ڪريون جيڪي اسان پاڻ نڀائي به سگهون. ڪڏهن سوچيو آهي ته آخر ڪهڙو سبب آهي جو هر سال جي آخر ۾ اسان پاڻ سان وڏا وڏا واعدا ڪريون ٿا پر ٽن چئن هفتن کانپوءِ اهي ساڳيون ٻي ڍنگيون خصلتون، اهي ساڳيان ٻي ڍنگا رسم و رواج جيڪي ماضيءَ کان ڪندا اچون. اسان سال جي شروعات ۾ پنهنجي اندر ۾ جيڪو جوش ۽ جذبو محسوس ڪندا آهيون اهو ڪجهه ئي ڏينهن يا هفتن جي اندر ئي ختم ٿي ويندو آهي. شروعاتي ڏينهن ۾ اسان سڀ پُرجوش هوندا آهيون. پاڻ لاءِ نوان مقصد چونڊيندا آهيون. ڪجهه ڏينهن انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ به ڪم ڪندا آهيون پوءِ آهستي آهستي پنهنجي ساڳي ڪيفيت ڏانهن موٽي ايندا آهيون. اوهان ڪڏهن غور ڪيو آهي ته ائين ڇو ٿو ٿئي؟ غور ڪريو ته سال جي شروعات ۾ اسان جيڪو جوش محسوس ڪندا آهيون اهو ڏينهن يا هفتن ۾ ختم ڇو ٿيندو آهي؟ انهيءَ جو سبب اِهو آهي ته اسان پنهنجو پاڻ مان اهڙيون اميدون رکون ٿا جن کي پورو ڪرڻ جي سگهه اسان وٽ ناهي هوندي، پوءِ ڪجهه ڏينهن اسين انهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ محنت ڪندا آهيون پر پوءِ اسان جي همت ساٿ ڏيڻ ڇڏيو ڏي ۽ پوءِ اسان اڄ جو ڪم سڀاڻي تائين ملتوي ڪرڻ واري پراڻي ٻيل اسان ۾ عادت ٻيهر اسان جي مٿان حاوي ٿيو وڃي ۽ پوءِ اسان جا رهيل ڪم، اسان جون مثبت سوچون ڏينهن، هفتن، مهينن تائين التوا جو شڪار ٿيو وڃن، جنهن جو اسان کي اندازو ئي ناهي هوندو. انهيءَ سبب جي ڪري ماضيءَ جيان نتيجو اهو ئي نڪرندو آهي، يعني ٻيهر سال جي آخر ۾ اسان پاڻ کي اتي ئي ڏسندا آهيون، جتي اسان گذريل سال هئاسين. منهنجا پڙهندڙ نوجوانو اوهان کي خبر آهي ته اوهان ڇا ڪري سگهو ٿا. انهيءَ جي مطابق پاڻ جي لاءِ حدف مقرر ڪريو، اهو حدف جيڪو اوهان حاصل ڪري سگهو ٿي صورت ۾ نئين سال جي آخر ۾ اوهان جي حالت ساڳي رهندي، جهڙي گذريل سال جي آخر ۾ هئي. آئون عرض ڪريان ته هر شخص جي زندگيءَ ۾ مايوسين جا ڏينهن به اچن ٿا، اهو سڀ قدرتي عمل آهي پر اهڙا احساس تڏهن نقصان پهچائيندا آهن جڏهن اوهان پنهنجو پاڻ کي انهن خيالن جي اڳيان زير ڪري ڇڏيو ٿا ۽ پوءِ انهن مان نڪرڻ نٿا چاهيو. ياد رکو بهتر کان بهتر ڪري ڏيکارڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي مايوسي ۽ نااميدي وارن اهڙن خيالن مان ڪڍ سگهو. انهيءَ ڪري جو جڏهن دنيا جا اوهان جهڙو جسم، اوهان جهڙو دماغ رکندڙ ٻيا ماڻهو پنهنجن خوابن کي حاصل ڪري سگهن ٿا ته پوءِ اوهان اهو سڀ ڇو نٿا حاصل ڪري سگهو؟ ڇو اوهان پنهنجي ڏٺل خوابن کي حقيقت جو لباس نٿا پارائي سگهو؟ اوهان کي به پنهنجي منزل، پنهنجا خواب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

ياد رکو ضرورت صرف مثبت سوچ ۽ منظم طريقيڪار جي آهي. آئون عرض ڪريان ته 2025ع هاڻ تاريخ جو حصو بڻجي چڪو آهي ۽ اسان 2026ع جي راهن جا رولاڪ بڻجي چڪا آهيون. پهرين عالمي جنگ پنهنجا 100 سال پورا ڪري چڪي ۽ ٻي عالمي جنگ پنهنجا 100 سال پورا ڪرڻ جي ويجهو ٿيندي وڃي پر انهن ٻنهي جنگين جا ڏنل زخم اڄ به انسانيت جي وجود تي نمايا نظر اچي رهيا آهن. اسان کي ماضيءَ جي ڏنل پنهنجي پاڻ کي انهن زخم مان گهڻو ڪجهه سکڻ کپي ها پر افسوس جو اسان صرف ڏينهن ملهائڻ جي حڪمت عملي ناهڻ تي ئي پنهنجون توانائيون وڃايو ڇڏيون. هاڻي ضرورت انهيءَ امر جي آهي ته اسان پنهنجي جوڙاري جو جائزو وٺي پنهنجي نوجوانن جي مستقبل جو تعين ڪريون ۽ پوءِ پنهنجي ذهنن ۾ ايندڙ انهيءَ سوال جو جواب ڳوليون ته حالات ۽ واقعات اسان کي ڪهڙي طرف وٺي وڃي رهيا آهن؟ ڇا دنيا هڪ دفعو ٻيهر وري انهيءَ المناڪ ۽ وحشتناڪ انجام ڏانهن ته نه پئي وڃي؟ اهڙي طرح جا ٻيا بيشمار خدشات انسانيت جي بقا تي سواليه نشان بڻجي تسلي بخش جوابن جا منتظر آهن. بظاهر ميدانِ ڪارزار تبديل ٿي چڪو آهي.

اسان جا نئين دور جا صاحبانِ حيثيت ڪٿي اسان جي نوجوانن کي ترقي جا خواب ڏيکاري بُک ۽ بيروزگاري واري دور ۾ ٻيهر وٺي ته نه وڃي رهيا آهن؟ هاڻ اسان جي ڊگري يافته نوجوانن کي بُک ۽ بيروزگاري واري انهيءَ ميدانِ ڪارزار جو حصو بڻجڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، هن کي هاڻ اِهو سوچڻ کپي ته بُک ۽ بيروزگاري ئي شڪست جي لاءِ وڏو هٿيار آهي، جنهن جي مثال ماضيءَ ۾ ايٽمي ملڪ هجڻ جي باوجود يو ايس ايس آر جو ٽٽڻ آهي. انهيءَ مان واضح ٿئي ٿو ته هاڻ ميدانِ جنگ جي حڪمت عملي تبديل ٿي چڪي آهي. آئون عرض ڪريان ته ابراهم لنڪن چوي ٿو ته: 'جيڪي ٻين کي آزاديءَ کان محروم ڪن ٿا، اهي پنهنجي لاءِ به انهيءَ جو حق نٿا رکن.' پر ڏٺو وڃي ته اسان جي معاشري جو نوجوان پنهنجو پاڻ کي ائين ٿو پيش ڪري جڻ ته هن غلاميءَ جون زنجيرون لاهي اڇلائي ڇڏيون هجن. 2026ع ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ اسان جي نوجوانن کي ياد رکڻ گهرجي ته ذهني غلامي وڌيڪ خطرناڪ هوندي آهي، پنهنجي معاشري جي لاءِ، ڇاڪاڻ ته اها غلامي پنهنجي ايندڙ نسلن کي به ڪيترائي صدين تائين هر دور جي صاحبانِ حيثيت جو غلام بڻائي ڇڏيندي آهي. ياد رکو اڄ جي دور ۾ اِها ڏنل غلامي معاشرتي نظام جو حصو بڻجي چڪي آهي، جنهن جي ڪري اسان جو نوجوان پنهنجي ناڪامين جي ذميداري نظام جي خرابي ۽ ڪڏهن معاشري جي معاشي ۽ سماجي ناهموارين جي نالي ڪريو ڇڏي پر هُو ماضي جي ورق گرداني نٿو ڪري. اسان جي بدنصيبي اِها آهي ته هر دور ۾ غلامي ڪنهن نه ڪنهن انداز ۾ اسان جي معاشري ۾ پنهنجو وجود زنده رکندي اچي. ياد رکو هاڻ اسان کي بُک ۽ بيروزگاري مان نڪرڻ جو ڪو به رستو نظر نه پيو اچي ۽ پري پري تائين ڪا به اسان جي ذهن ۾ منصوبابندي نه آهي. اسان وٽ بيروزگاريءَ جو وڏو سبب هميشه صاحبانِ حيثيت جي سوچ رهي آهي.

محسوس اسان کي انهيءَ ڪري نٿو ٿئي جو هاڻي غلامن جا زيور تبديل ٿي ويا آهن. مثال اڳي غلامن جي هٿن ۾ هٿڪڙيون، پيرن ۾ بيڙيون ۽ ڳچي ۾ طوق وڌا ويندا هئا. انهيءَ ڪري جو اهو غلام نوجوان اڻ پڙهيل هو هُو انهن کي لوهه جا ڳهه سمجهندو هو پر اڄ جو نوجوان پڙهيل لکيل ڊگري يافته نوجوان انهن لوهه جي زيورن کي پنهنجي توهين ٿو سمجهي، تنهن ڪري چالاڪ آقا اهي زيور تبديل ڪري هاڻ ڊگري يافته پنهنجي غلام کي بهترين ڪاٽن جو وڳو پارائي هٿ پير ۽ ڳچي ته ڇڏيو پر سڄي جسم کي ڪاٽن جي هن زيور سان قيد ڪريو ويٺو آهي. اهو ڪاٽن جو وڳو هن ڊگري يافته نوجوانن کي اِهو احساس ٿيڻ به ناهي ڏيندو ته آئون غلام آهيان. پوءِ ڀلي هُو نوجوان نعرن ۽ نغمن تي نچندو وتي پر جيڪڏهن منهنجو مخاطب نوجوان کليل دل سان ۽ ٿڌي دماغ سان ماضيءَ جي تاريخ کي پڙهندو ۽ حال جي حقيقت تي غور ڪندو ته هُو پاڻ اهو تسليم ڪندو ته ساڳي غلامي اڄ به موجود آهي. فرق صرف اِهو آهي ته اڳيون غلام اڻ پڙهيل هو هاڻوڪو غلام ڊگري يافته آهي. ياد رکو جيڪڏهن اوهان ايندڙ دور ۾ انهيءَ غلاميءَ کي معاشري مان پاڙان ڪڍڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اوهان کي نيلسن منڊيلا جي انهن لفظن تي عمل ڪرڻو پوندو ته، 'سڀ کان ڏکيو ڪم معاشري کي تبديل ڪرڻ نه پر پنهنجي ذات کي تبديل ڪرڻ آهي.' جڏهن اوهان پنهنجي ذات ۾ تبديلي آڻيندا ته پوءِ ازخود غلاميءَ جو وجود اوهان جي معاشري مان ختم ٿي ويندو پر تبديلي زباني نه عملي هجي. زندگي منظم ٿيڻ گهرجي پر اهڙي طريقي سان جيڪا سمجهه ۾ اچي ۽ قابل عمل هجي. هن پيغام سان توهان سڀني کي منهنجي طرفان نئون سال مبارڪ هجي، منهنجي دعا آهي ته هي نئون سال توهان جي لاءِ تمام گهڻيون خوشيون آڻي ۽ توهان ٻين جي لاءِ خوشيون آڻڻ جو سبب بڻجو. آمين!

ٽرمپ جي نيو ايئر پارٽي ۽ مهاجرن جي دلين ۾ 2026ع جي دستڪ!

راجا زاهد اختر خانزادو

آمريڪا، جنهن کي ڏهاڪن کان خوابن جي سرزمين سڏيو ويندو آهي جتي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماڻهو بهتر مستقبل جي اميد سان پهچن ٿا، اِهوئي آمريڪا ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن ئي خواب ڏسندڙن لاءِ خاموش خوف جي علامت بڻجي وڃي ٿو. اهڙو ئي هڪ لمحو صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي نيو ايئر ايوا پارٽي جي صورت ۾ سامهون آيو جڏهن فلوريڊا جي شاندار پام بيچ ڪلب مارا لاگو ۾ جشن جاري هو روشنين سان سينگاريل بال روم، بليڪ ٽاءِ لباس، طاقت ۽ اختيار جا نشان ۽ پس منظر ۾ موسيقي گونجي رهي هئي هن تقريب ۾ ميگا دنيا جي ڪيترن ئي اهم شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ نيويارڪ سٽي جو اڳوڻو ميئر روڊي جولياني، مائي پلو ڪمپني جو سي اي او مائيڪ لنڊل ۽ آمريڪي اٽارني جينين پيرو شامل هئا. صدر ٽرمپ جا ٽئي پٽ، خاتونِ اول ميلانيا ٽرمپ ۽ اسرائيلي وزيراعظم بينجمن نيتن ياهو پڻ هن شاهانه تقريب ۾ موجود هئا. اهي سڀ آمريڪا جي سياسي، معاشي ۽ سفارتي طاقت جا نمائنده چهرا هئا. پر انهيءَ ئي تقريب ۾ هڪ اهڙو لمحو به آيو، جنهن جشن کي هڪ علامت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. پارٽي دوران وائيٽ هائوس جي ڊپٽي چيف آف اسٽاف اسٽيفن ملر ۽ هوم لينڊ سيڪيورٽي جي سيڪريٽري ڪرسٽي نوئم کي مشهور گيت 'آئس آئس بيبي' تي ناچ ڪندي ڏٺو ويو. ظاهر ۾ اها رڳو موسيقي هئي، رڳو هڪ پراڻو پاپ گانو. پر آمريڪا ۾ رهندڙ لکين مهاجرن جي دلين لاءِ اهو گيت هڪ اشارو بڻجي ويو. اِهو اشارو ان ڪري هو جو اسٽيفن ملر ۽ ڪرسٽي نوئم اهي نالا آهن جن کي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي سخت ترين مهاجرت پاليسين جو چهرو ۽ دماغ سمجهيو وڃي ٿو ۽ انهيءَ علامتي لفظ 'آئس' جي چالو هيٽ سندن ناچ هڪ اهڙي پيغام جي صورت اختيار ڪري ويو، جيڪو لفظن کان وڌيڪ تيز وڌيڪ ٿلهو ۽ وڌيڪ ڊگهي عرصي تائين اثر ڇڏيندڙ محسوس ٿيو.

هتي اهو سمجهڻ ضروري آهي ته 'آئس' رڳو هڪ لفظ يا گيت جو حصو ناهي آئس اصل ۾ اميگريشن اينڊ ڪسٽمز انفورسمينٽ جو مخفف آهي، جيڪو آمريڪا جو هڪ وفاقي ادارو آهي ۽ هوم لينڊ سيڪيورٽي کاتي جي ماتحت ڪم ڪري ٿو. هن اداري جي ذميواري آمريڪا جي مهاجرت قانونن تي عمل ڪرائڻ، غيرقانوني طور رهندڙ ماڻهن جي سڃاڻپ، گرفتاري، حراست ۽ ڪن حالتن ۾ ملڪ بدري آهي. دنيا جي ڪيترن حصن ۾ جتي مهاجرت کي قانوني عمل سمجهيو وڃي ٿو، آمريڪا ۾ 'آئس' جو نالو خوف جي علامت بڻجي چڪو آهي ڇاڪاڻ ته هن اداري جون ڪاروايون اڪثر گهرن، ڪم جي جڳهن ۽ عدالتن کان ٻاهر ٿينديون آهن انهن ڪاروائين جي نتيجي ۾ خاندان ٽٽندا آهن ٻار والدين کان الڳ ٿي ويندا آهن ۽ سالن کان آمريڪا ۾ رهندڙ ماڻهو اوچتو بي يقيني جي اونداهه ۾ هليا ويندا آهن انهيءَ سبب 'آئس' هاڻي رڳو هڪ ادارو نه رهيو آهي، پر مهاجر برادرين لاءِ هڪ نفسياتي خوف جي علامت بڻجي چڪو آهي.

اهڙي پس منظر ۾ مارا لاگو جي اها وڊيو رڳو هڪ تفريحي ڪلپ نه رهي وڊيو ۾ اسٽيفن ملر نسبتاً بي اثر انداز ۾ لفظن جي نقل ڪندي نظر اچي ٿو، پوءِ ڪيمرا ڦري ڪرسٽي نوئم ڏانهن اچي ٿي، جيڪا هٿ هوا ۾ ڪئي زور سان 'آئس آئس بيبي' چوي ٿي هن مختصر ڪلپ کي اسٽيفن ملر جي زال ۽ پوڊڪاسٽ ميزبان ڪيٽي ملر سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي پوسٽ ڪيوءِ اِهي 11 سيڪنڊ مهاجرت جي سڄي بحث ۾ هڪ نئين علامت بڻجي ڦهلجي ويا.

سوشل ميڊيا تي ردعمل اهو ئي آيو، جيڪو طاقت جي جشن ۽ عوام جي بي وسي جي وچ واري فاصلي مان جنم وٺندو آهي. ڪنهن لکيو: 'هي اهو منظر آهي جيڪو مان دوزخ بابت تصور ڪندو آهيان' ڪنهن ان کي 'ڪرنج' چيو. هڪ صارف لکيو: 'مان انٽرنيٽ جي شروعات کان هتي آهيان، ان کان وڌيڪ شرمناڪ شيءِ ڪڏهن نه ڏٺي' ڪنهن ياد ڏياريو ته ماضيءَ ۾ طاقتور حڪومتي عملدار عوام جي نظرن کان لڪل رهندا هئا ۽ هاڻي اهڙا منظر ڏسي اندازو ٿئي ٿو ته اقتدار ۾ ويٺل ماڻهو ڪيترا غيرسنجيده ٿي چڪا آهن. ڪنهن تلخي سان لکيو: 'جڏهن آمريڪي عوام مشڪلاتن ۾ آهي، توهان پارٽيون ڪندا رهو' پر انهيءَ هجوم ۾ هڪ ٻيو هجوم به هو. اهي ماڻهو جن چيو ته اها رڳو تفريح آهي، خوشي ملهائڻ آهي ۽ لبرلز کي به ڪڏهن 'مزا ڪرڻ' گهرجن هي دفاع به پنهنجي جاءِ تي هڪ حقيقت کوليندو آهي ته جديد سياست ۾ پاليسي هاڻي رڳو فائلن ۽ قانونن تائين محدود نه رهي آهي، پر تصويرن، وڊيوز، ناچن ۽ وائرل ڪليپس جي صورت ۾ به سامهون اچي ٿي.

اها رات رڳو هڪ وڊيو نه هئي، پر هڪ مڪمل اسٽيج هئي، جڏهن هڪ مهاجر ملڪ جي اشرافيه هڪ ئي هال ۾ گڏ هجي ۽ انهيءَ هال ۾ 'آئس' جو نعرو گونجي، ته اهو رڳو اتفاق نٿو لڳي، خاص طور تي انهن ماڻهن لاءِ، جن جي زندگي جو هر نئون سال انهيءَ خوف سان شروع ٿئي ٿو ته ڪٿي نئين سال جي پهرين صبح ڪنهن دستڪ جي پهرين آواز ۾ تبديل نه ٿي وڃي ساڳئي تقريب ۾ خيرات لاءِ نيلامي به ٿي، جتي مسيحي فنڪاره وينيشا هورابوئينا حضرت عيسىٰ جي خيالي تصوير تيزيءَ سان ٺاهي، جيڪا 2.75 ملين ڊالرن ۾ وڪرو ٿي صدر ٽرمپ موجب، اها رقم سينٽ جوڊ اسپتال ۽ مقامي شيرف جي آفيس کي ڏني ويندي اها خيرات پنهنجي جاءِ تي هڪ حقيقت آهي پر اها حقيقت به قائم رهي ٿي ته هڪ ئي ملڪ ۾ نيڪيءَ جي فن پارن جي نيلامي ۽ خوف جي نظام جي واڌ ويجهه ساڳئي وقت ٿي سگهي ٿي هاڻي سوال اهو ناهي ته ناچ ڪرڻ ڏوهه آهي يا نه اصل سوال اِهو آهي ته ناچ ڪهڙيءَ جي سامهون آهي، ڪنهن جي تڪليف مٿان آهي ۽ ڪنهن جي خوف جي وچ ۾ آهي اسٽيفن ملر ۽ ڪرسٽي نوئم جي علامتي حيثيت ان ڪري ڳري آهي جو 2025ع ۾ جيڪي ڪجهه ٿيو، اهو رڳو سرحدن تي نه ٿيو، پر آمريڪا جي اندر به ٿيو.

اعداد و شمار ٻڌائن ٿا ته 30 نومبر 2025ع تي آئس جي حراست ۾ 65 هزار 735 ماڻهو موجود هئا، جن مان 73.6 سيڪڙو وٽ ڪو به ڏوهن وارو رڪارڊ نه هو يعني لڳ ڀڳ ٽي پاڱي چار ماڻهو مجرم نه هئا، پر رڳو مهاجرتي ڪاغذن جي مسئلن يا قانوني ڪمزورين جي سزا ڪاٽي رهيا هئا. پرزن پاليسي انيشئيٽو جي تحقيق موجب، جون 2025ع ۾ آئس جي حراست ۾ موجود 56 هزار کان وڌيڪ ماڻهن مان 73 سيڪڙو وٽ ڪو به مجرمانه رڪارڊ نه هو جڏهن ته رڳو 3 سيڪڙو اهڙا هئا، جن تي انتهائي پُرتشدد ڏوهن جا الزام هئا. اهي انگ اکر ان بيانيي کي للڪارين ٿا، جيڪو هر گرفتاري کي 'خطري وارو ڏوهاري' قرار ڏئي جائز ٺهرائي ٿو. (هلندڙ)

اڄوڪو ڏينهن 03 جنوري

ڪيرت ٻاٻاڻي

ڪيرت چوڙرام ٻاٻاڻي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ وڏو اديب ۽ آزاديءَ واري هلچل جو هڪ سرگرم ڪارڪن هو. سندس جنم جو هنڌ تعلقي سڪرنڊ جو ڳوٺ موريو لاکو هو، جتي هن 3 جنوري 1922ع تي جنم ورتو. اڃا چئن سالن جو مس هو ته سندس والد پرلوڪ پڌاري ويو، سندس خاندان ڳوٺ ڇڏي پهرين صابو راهو ۽ ان کان پوءِ نواب شاهه ۾ اچي آباد ٿيو. ڪيرت مئٽرڪ تائين تعليم نواب شاهه ۾ حاصل ڪئي هو ننڍي هوندي کان ئي نهايت هونهار شاگرد هو ۽ اسڪول ۾ ڪلاس مانيٽر رهيو. هن اسڪول پاران منعقد ڪرايل هڪ مزاحيه اسٽيج ڊرامي ۾ هڪ پوڙهي ماڻهوءَ جو ڪردار ادا ڪيو. ڊرامي جو نالو هو 'پوڙهي جو پرڻو' حب الوطني ننڍپڻ کان ئي سندس سنڌ سنڌ ۾ سمايل هئي 1942ع ۾ مهاتما گانڌيءَ جڏهن 'هندستان ڇڏيو' تحريڪ جو بنياد وڌو ته ڪيرت به انهيءَ تحريڪ جو حصو بڻجي ويو ۽ نواب شاهه ۾ شاگردن جي جلوس جي سرواڻي ڪيائين هن کي گرفتار ڪري پهرين حيدرآباد جيل ۽ پوءِ سکر جيل ۾ رکيو ويو. ٻارهن مهينا جيل ڪاٽڻ بعد مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين هن وڌيڪ تعليم لاءِ ڪراچيءَ جي ڊي جي ڪاليج ۾ داخلا ورتي ڪراچيءَ ۾ به هو آزاديءَ واري تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن رهيو هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ مٿس ڪوڙا الزام لڳائي جيل ۾ بند ڪيو ويو ۽ ٻارهن مهينن کان پوءِ انهيءَ شرط تي آزاد ڪيو ويو ته هو 24 ڪلاڪن اندر سنڌ جي سرزمين کي ڇڏي هندستان ويندو هو ڪجهه وقت مرحوم حيدر بخش جتوئيءَ وٽ رهيو پر نيٺ مئي 1949ع ۾ پنهنجو اباڻو ڏيهه ڇڏي ممبئي روانو ٿي ويو. هن ممبئي ۾ بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون هندستان ۾ هي اديبن جي انهيءَ سٽ جو حصو رهيو جن جي ڪوشش سان سنڌي ٻوليءَ کي هندستان جي قومي ٻولين ۾ شامل ڪيو ويو. هو 18 سالن تائين اکل ڀارت ۽ ساهت سڀا جو صدر رهيو هن 15 ڪتاب لکيا جن ۾ ڪهاڻيون، ترجما، سفرناما، شاعري، ناٽڪ ۽ مقالا شامل آهن هن 1991ع کان ماهوار رسالو 'سنڌ سجاڳ' (سنڌيءَ ۾) ۽ 'سنڌ رائزز' جاري ڪيا سنڌي ٻوليءَ جو هي املهه ماڻڪ 7 مئي 2015ع تي اسان کان موڪلائي ويو.

شوڪت سنڌي



شوڪت سنڌي پنهنجي دور جو مشهور ليکڪ ۽ دادو ضلعي جو نامور سياسي ۽ سماجي اڳواڻ هو هن جو پورو نالو شوڪت علي ولد محب علي قريشي هو ۽ سندس جنم 3 جنوري 1939ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ امينائيءَ ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم دادوءَ ۾ حاصل ڪئي ۽ ايم اي ۽ ايل ايل بي تائين تعليم حاصل ڪيائين هو دادو شهر جي سنڌي ادبي سنگت شاخ جي باني ميمبرن مان هڪ هو ۽ انهيءَ شاخ جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو هن دادوءَ ۾ پنهنجي هم خيال دوستن جي ساٿ سان 'اداره سماجي ڀهبود' نالي هڪ سماجي تنظيم جو بنياد وڌو ۽ انهيءَ تنظيم پاران هڪ لائبريري قائم ڪئي 1968ع ۾ دادوءَ جي ميونسپل ڪاميٽيءَ جو ميمبر چونڊجي ڪيترائي سماجي ۽ ترقياتي ڪم ڪرايائين هو دادوءَ ۾ سنڌ متحده محاذ، سنڌي عوامي محاذ، نيشنل عوامي پارٽي ۽ جيئي سنڌ محاذ جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو هن ون يونٽ خلاف هلندڙ تحريڪ، سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ واري تحريڪ، ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپرائڻ واري تحريڪ ۽ اهڙين ٻين سنڌ دوست تحريڪن ۾ ڀرپور ڀاڱو ورتو. شوڪت سنڌي 30 جون 2002ع تي وفات

شروع ڪيو سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻوڪي مهراڻ يونيورسٽي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي) مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪرڻ بعد آمريڪا روانو ٿي ويو، جتي هارورڊ يونيورسٽيءَ مان بي بي اي ۽ ڪيليفورنيا ڪوسٽ يونيورسٽيءَ مان ايم بي اي جون سندون حاصل ڪيائين. پاڻ هڪ ڏگهي عرصي تائين آمريڪا جي بزنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ وارن شعبن ۾ هڪ معاشي ماهر طور خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو آهي اقبال ترين پنهنجي شاگرديءَ واري دور ۾ هڪ سرگرم شاگرد اڳواڻ طور ياد ڪيو وڃي ٿو. پاڻ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو پهريون باني صدر رهيو. پاڻ 'سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا' ۽ 'فورم فار جسٽس اينڊ ڊيموڪريسي ان پاڪستان' جو صدر پڻ رهي چڪو آهي.

ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ انتظامي سربراهه ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي پاڻ سنڌ جي برک اديب ۽ دانشور مرحوم سراج ميمڻ جو فرزند آهي ۽ سندس جنم 3 جنوري 1963ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو ابتدائي تعليم ڪراچيءَ ۽ جي حبيب پبلڪ اسڪول مان حاصل ڪيائين ان بعد ڪيڊٽ ڪاليج حيدرآباد مان علم جي اڃ اجهائي ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيائين اڳتي هلي ڊائو ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) مان 1988ع ۾ ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪيائين ان بعد رائل ڪاليج آف سرجنس ايڊنبرا مان ايف سي آر ايس ڪيائين عملي زندگيءَ جي ابتدا ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪيائين پنهنجي محنت ۽ لياقت سان ترقي ڪري 2007ع ۾ پروفيسر آف سرجري ۽ 1917ع ۾ پروفيسر ايمريٽس جهڙا اهم عهدا ماڻيائين هن انهيءَ يونيورسٽيءَ جي سرجريءَ واري شعبي جي چيئرمين ۽ سرجريءَ واري فيڪلٽيءَ جي ڊين طور پڻ ڪم ڪيو 2021ع تي کيس جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو ادبي دنيا ۾ به هن سراهه جوڳو ڪردار ادا ڪيو آهي هن ڪيترائي ڪتاب سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ۽ انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن پاڪستان سرڪار کيس 'ستاره امتياز' جي تمغي سان نوازيو.

شهلا گل



اڄ مشهور ماڊل اداڪاره ۽ گلوڪاره شهلا گل جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 3 جنوري 1985ع تي مٽياريءَ ۾ ٿيو هن ثلف عليءَ جي گيت 'جاني مونکي ماري وڌو' ۾ پهريون ڀيرو ماڊلنگ ڪئي ان بعد هن ٻين گيتن تي به ماڊلنگ ڪئي هن ڳائڻ جي سکيا پنهنجي والد کان حاصل ڪئي راڳ جي راڻي عابده پروين کان به موسيقيءَ جا ڪجهه سبق ورتائين هن ٽيليويزن جي ڪافي ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا آهن هڪ نجي ٽيليويزن چئنل تي ميزبانيءَ جا فرض به سرانجام ڏنا اٿس هن جا ڪيترائي وڊيو گيت رڪارڊ ٿي چڪا آهن جن کي چڱي مقبوليت حاصل ٿي آهي هن جو 25 آڪٽوبر 2010ع تي ڪاشف آگاٿيءَ سان وهانءُ ٿيو کيس بهترين فيمل سنگر ۽ بيسٽ هوسٽ جا ايوارڊ ملي چڪا آهن.


مختيار اٿر

سيپٽمبر 1915ع تي خيرپور ميرس ۾ ٿيو. کيس ڪوڏائي طور 'ادي ٻيبي' ڪوٺيو ويندو هو. سندس گهر وارو جسٽس فيروز نانا سنڌ جو مشهور قانوندان هو شيرين فيروز نانا ڪيترن ئي ٻولين جي ڄاڻو هئي. کيس سنڌي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين تي عبور حاصل هو اطالوي، جرمن، ترڪي ۽ روسي ٻولين جي به چڱي ڄاڻ حاصل هئس. ڪتابن ۽ زيورن جو خاص شوق هئس. سنڌي ڀرت ۽ هٿ جي هنرن جي به سٺي ڄاڻ هئس. هن ٻه ڪتاب لکيا: سنڌي ايمبرائڊري ۽ ليٽرس ٽو ايملي هن 3 جنوري 1996ع تي لاڏاڻو ڪيو.

آسانند جيئانند اتمچنداڻي

آسانند جيئانند اتمچنداڻي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ڀلوڙ قلمڪار، نقاد، صحافي ۽ محقق هو. کيس ادبي دنيا ۾ 'ڪي جي آتم' جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو هو 1941ع کان 2005ع تائين لاڳيتو لکندو رهيو. کيس سنڌي ادب جي هلندڙ گهمندڙ انسائيڪلوپيڊيا ڪوٺيو ويندو هو. هن سنڌي ٻوليءَ کي هندستان جي قومي ٻولين ۾ شامل ڪرائڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو ۽ 1959ع کان 1963ع تائين اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سڀا جو جنرل سيڪريٽري رهيو. هن ماهوار 'نئين دنيا'، هفتيوار 'سنڌو ڌارا' ۽ روزاني 'سنڌو سماچار' ۽ 'سنڌو سنسار' جي ايڊيٽر طور سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ لافاني خدمتون سرانجام ڏنيون. سنڌي ادب جي مايه ناز ليکڪا سنڌري اتمچنداڻي سندس گهر واري هئي. سنڌي ادب جي هن انمول هيري 16 ڊسمبر 1923ع تي سنڌ جي مٺڙي واري شهر حيدرآباد ۾ پنهنجي حياتيءَ جي سفر جي ابتدا ڪئي. هو حيدرآباد جي مشهور ڊي جي نيشنل ڪاليج (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) ۾ پڙهيو جتي شاگرد يونين جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو. هن مهاتما گانڌيءَ جي 'هندستان ڇڏيو' تحريڪ ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي. انهيءَ تحريڪ ۾ حصي وٺڻ جي ڏوهه ۾ انگريز سرڪار کيس هڪ سال قيد جي سزا ڏني. لکڻ جي شروعات 1941ع ڌاري ڪيائين. سندس شروع واريون لکڻيون ڪاليج جي ميگزين 'ڦليلي' ۾ ڇپيون هو ڪجهه وقت انهيءَ ميگزين جو ايڊيٽر پڻ رهيو. هن 25 کان به وڌيڪ ڪتاب لکيا. ٻوليءَ ۽ ادب جي خدمت جي مڃتا طور کيس ڪيترائي ايوارڊ مليا. تاريخ 3 جنوري 2005ع تي ادب جي دنيا هن عظيم ليکڪ کان هميشه لاءِ محروم ٿي وئي.

نياز همايوني

اڄ سنڌ جي قادرالڪلام شاعر ۽ مترجم مرحوم نياز همايونيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو پهرين اپريل 1930ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ همايون ۾ ڄائو سندس اصل نالو مشتاق علي نيازالدين ڪوري هو پر ادبي افق تي نياز همايوني جي نالي سان وهڪتو تارو بڻجي ٽڪري نروار ٿيو سندس والد قائم الدين همايوني هڪ غريب هاري هو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ان بعد فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم مختلف مدرسن مان حاصل ڪرڻ بعد حڪمت جو پيشو اختيار ڪيائين اڳتي هلي شڪارپور ڇڏي حيدرآباد اچي

هن حڪمت تي ٻه ڪتاب لکيا. سندس شاعريءَ جي مجموعن مان 'ڪرتيءَ جا گيت' ۽ 'ساڻيهه جي ساک' سنڌ ۾ گهڻو مقبول ٿيا. هن جي شاعريءَ ۾ غزل، گيت، لوڪ گيت، وايون، ڪافيون، دوها ۽ ٻيون صنفون شامل آهن ڪجهه ڪتاب سنڌيءَ مان اردوءَ ۾ به ترجمو ڪيائين هن سرموڙ ساهتڪار 3 جنوري 2003ع تي حيدرآباد ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

وفا ناٿن شاهي

وفا ناٿن شاهي غزل جو هڪ بهترين شاعر هو. سندس اصل نالو مشتاق علي ولد خيرات علي قريشي هو. سندس جنم هندستاني پنجاب جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪڪڙاوالا پنڊيالا ۾ 15 مئي 1943ع تي ٿيو. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ 1947ع ۾ سندس خاندان خيرپور ناٿن شاهه جي پرسان ڳوٺ گوزو ۾ اچي رهيو. پنج درجا ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان پڙهي مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول خيرپور ناٿن شاهه مان پاس ڪيائين. بي اي ۽ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جون سندون پرائيويٽ شاگرد طور حاصل ڪيائين. خيرپور ناٿن شاهه پنهنجي ادبي سرگرمين جي ڪري ڪافي مشهور رهيو آهي. هن جڏهن هتان جي مشاعرن ۾ وڃڻ شروع ڪيو ته سندس ملاقات محسن ڪڪڙائي ۽ نشتر ناٿن شاهيءَ جهڙن قادرالڪلام شاعرن سان ٿي ۽ ايئن شاعريءَ جو رنگ سندس مٿان چڙهي ويو. نشتر ناٿن شاهيءَ هن جو ادبي نالو 'وفا ناٿن شاهي' تجويز ڪيو ۽ پوءِ اهو ئي نالو هن جي سڃاڻپ بڻجي ويو. محسن ڪڪڙائيءَ هن جي شاعريءَ کي پختو ۽ پڪو بڻائڻ ۾ مدد ڪئي. هن 3000 جي لڳ ڀڳ غزل، قطعا، رباعيون، نظم، ٽيڙو، دوها، بيت ۽ گيت لکيا. ڪجهه شاعري اردو ۽ پنجابيءَ ۾ به ڪيائين پر سندس سڃاڻپ سنڌي شاعري ئي آهي. سنڌ جي مشهور قلمڪار راشد مورائيءَ وفا ناٿن شاهيءَ کي درد، ديس ۽ دل جي ايمان جو شاعر سڏيو آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ غربت، مفلسي ۽ بيوسيءَ جا چٽ به چٽيا آهن ته حسن، عشق، سڪ ۽ سوز جي جذبن کي به خوبصورتيءَ سان لفظن جو روپ ڏنو آهي. سندس شاعريءَ جا ٻه مجموعا 'اکين ۾ الماس' ۽ 'وفا' ڇپجي چڪا آهن. هن ڀلوڙ شاعر 3 جنوري 2005ع ۾ وفات ڪئي.

حميد سنڌي



اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي نامور اديب، انتظامي سربراهه ۽ تعليمي ماهر مرحوم حميد سنڌيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. حميد سنڌيءَ جو جنم 12 آڪٽوبر 1939ع ۾ محمد اسماعيل ميمڻ جي گهر ۾ ٿيو. مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي اباڻي شهر نوشهروفيروز مان حاصل ڪيائين. هن زرعي معاشيات ۾ ايم ڦل ۽ وڪالت جون سندون پڻ حاصل ڪيون. 1961ع کان 1966ع تائين مختلف بينڪن ۾ مينيجر طور ڪم ڪيائين. 1966ع کان 1970ع تائين وڪالت جي پريڪٽس ڪيائين. ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ امتحانن جي ڪنٽرولر، رجسٽرار ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنائين. پاڻ ڪاليجن جي ڊائريڪٽر ۽ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي پرنسپال طور پڻ ڪم ڪيو. هو سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس جو وائيس چانسلر، بيورو آف ڪريڪيولم جو ڊائريڪٽر، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو چيئرمين ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو چيئرمين به رهيو. حميد

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر121 سال 2025

(1) مسمات نينا زال اظهر عباس ذيء بادل (2) عائشه بي بي (عمر اٽڪل 07 سال)، (3) عزادار ماستر (عمر اٽڪل 05 سال) (4) پکيه بي بي (عمر اٽڪل 2.5 سال) سڀ پٽ ڌيئرون اظهر عباس مسلم مائنر معرفت ماءُ پلينٽف نمبر 01 سڀ رهندڙ هائوسنگ ڪڇي آبادي گنج بخش ڪالوني سٽي نئوڪوٽ ويجهو سول هاسپيٽل نئوڪوٽ تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص ....پلينٽف...خلاف: اظهر عباس پٽ غلام عباس مسلم بالغ رهندڙ ڪلرڪ آف مختيارڪار آفيس روينيو ڊپارٽمينٽ سنجهورو ضلعو سانگهڙ سيل نمبر: 0303-3460037 ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايف سي سوٽ نمبر324 سال 2025

غلام شبير پٽ غلام خان ذات ڀهراڻي رهندڙ ڳوٺ لال فقير ڀهراڻي تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار....پلينٽف...خلاف: (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) جنرل مئنيجر نادرا ڪراچي (3) ڊپٽي مئنيجر نادرا يونٽ نمبر 08 لطيف آباد حيدرآباد (4) اسسٽنٽ مئنيجر نادرا سندس آفيس ويجهو پوسٽ آفيس ڪورٽ روڊ ٽنڊوالهيار (5) پبلڪ ايٽ لارج...ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن اينڊ ڪريڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 05-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر635 سال 2025

مسمات قربان ذيءِ ولي محمد جمالي رهندڙ نيو سبزي منڊي نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: مختيار علي پٽ دوست محمد ٻرڙو رهندڙ ڳوٺ رفيق شر تعلقو رتوديرو ضلعو لاڙڪاڻو سيل نمبر: 0334-4129886....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 05-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر634 سال 2025

مسمات رائي زال آفتاب احمد خاصخيلي ذيءِ علي مراد رهندڙ ڳوٺ مير جان محمد خاصخيلي تعلقو نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: آفتاب پٽ سڪندر خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ مير جان محمد خاصخيلي تعلقو نوابشاهه ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 07-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر627 سال 2025

(1) مسمات نصيبا زال محراب علي (2) عاليه (3) چگلي (4) علي شير سڀ پٽ ڌيئرون محراب علي مائنر رهندڙ محلا منوآباد نوابشاهه پلينٽف..خلاف: محراب علي پٽ الهداد رهندڙ ڳوٺ جمعون ڪوسو ديهه-18 داد پي/و نوابشاهه ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 07-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر1589 سال 2025

شازم حسين پٽ رکيو پرهياڙ رهندڙ ڳوٺ احمد پرهار ديهه ناريجاڻي تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد...خلاف: (1) سيڪريٽري بورڊ آف روينيو سنڌ شهباز بلڊنگ حيدرآباد (2) سب رجسٽرار سٽي-II حيدرآباد (3) مائڪرو فلمنگ اينڊ رجسٽريشن آفيس حيدرآباد (4) اي سي (رورل) حيدرآباد (5) مختيارڪار تعلقو حيدرآباد (رورل) (6) سپروائيزنگ ٽپيدار مختيارڪار آفيس تعلقو حيدرآباد (رورل) (7) صوبيدار خان درس پٽ محمد يوسف درس رهندڙ ايس ڪي درس محلا درس وارڊ نمبر 06 عمرڪوٽ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ نمبر07 ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن ڪينسليشن آف ڊاڪيومينٽس اينڊ پرمننٽ انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول ڪورٽ حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر312 سال 2025

مسمات رابعه بي بي..پلينٽف..خلاف: علي نواز شورو پٽ محبوب علي بالغ مسلم ذات شورو رهندڙ ڄانو پاڙو ڪانپور روڊ ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 05-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ ڄامشورو

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص ماڻهن جي سڌ لاءِ پڌرو ٿو ڪجي ته اسان کي نالي نذير ميمڻ ولد علي محمد ميمڻ درخواست ڏني آهي ته سندس مامو نالي الهه بخش ولد محمد صالح سٽي سروي نمبر 343، 342 Bوارڊ 449 وارڊ-A ايراضي...... داخل ٿيل آهي. جيئن مرحوم سال 28-09-2019 تي فاني دنيا مان لاڏائو ڪري ويو آهي. مرڻ کانپوءِ سندس هيٺيان وارث آهن: (1) صاحبزادي ذيءِ محمد صالح (ڀيڻ) (2) امام زادي ذيءِ محمد صالح (ڀيڻ). (3) ان بعد مسمات صاحبزادي ذيءِ محمد صالح زال علي محمد جيڪا تاريخ 21-06-2020 تي وفات ڪري وئي جنهن جا وارث هر هڪ نالي: (1) غلام رسول (پٽ) (2) ظهور الدين (پٽ) (3) نذير ميمڻ (پٽ) (4) ساجد (پٽ) (5) امجد (پٽ) (6) فوزيه (ذيءَ)، (7) ساجده عرف شازيه (ذيءَ) آهن. انهن کانسواءِ ٻيو ڪوبه وارث نه آهي ۽ اهڙي گواهي ٻه عدد شاهدن پڻ ڏني آهي ۽ شاهدي پڻ رڪارڊ ڪئي وئي آهي انهي سبب جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي هن وارث جي وارثي تي ڪنهن به قسم جو ڪوبه اعتراض آهي ته هن اشتهار جي اشاعت جي 08 ڏينهن جي اندر پهچي پنهنجو اعتراض هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ سندس ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه هوندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪرڻ بنسبت تحرڪ وٺڻ ۾ ايندو

سٽي سروي آفيسر مٽياري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج-III حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 134 سال 2025

(1) توفيق احمد ميراڻي...پلينٽف...خلاف: (1) الزهرا هائيٽس بلڊرز اينڊ ڊولپرز آفيس ايٽ Al-ASR معمار آفيس الزهرا ٽاور، سيڪٽر-Z-II گلشن معمار ڪراچي بي ايبريس: حيدرآباد سائيٽ آفيس مين حيدرآباد ٻاءِ پاس ساهمون ٻٽ ڪواهي هالا ناڪو حيدرآباد (2) مختيارڪار تعلقو رورل حيدرآباد (3) سب رجسٽرار تعلقو قاسم آباد (4) سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي آفيس سندس آفيس واقع سوڪ سينٽر ٿڌي سڙڪ حيدرآباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سول ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن يو/او 21 رول سي پي سي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 05-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ٿرڊ سينئر سول جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II ميرپورخاص
(روبرو جناب عبدالقادر ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر171 سال 2025

مسمات اختري ذيءِ صابر زال محمد اسلام ذات راجپوت رهندڙ ويجهو رباني مسجد گلشن ڪالوني تعلقو ۽ ضلعو ميرپورخاص بي ايس سيٽلائيٽ ٽائون سيل نمبر: 0320-8387479...پلينٽف...خلاف: محمد اسلام مسلم بالغ ذات راجپوت رهندڙ ڇمڙا چورنگي بنگالي پاڙو عباسي نگر ڪراچي سيل نمبر 0318-2826374...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 05-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر209 سال 2025

مسمات شهناز (فوتي) ذيءِ حيدر بخش زال روشن علي معرفت قانوني وارث (a) عنايت (b) مسمات مهوش (c) ثناء الله (d) مسمات مهڪ پلينٽف نمبر a,b,d معرفت اسپيشل اٽارني پلينٽف نمبر C. پلينٽف. بخلاف. (7) محمد علي ولد حيدر بخش ذات سمون رهندڙ گهر نمبر 26 فياض ڪالوني ٽنڊو الهيار (8) مسمات فيض النساء ذيءِ الله بخش ذات منگوريو رهندڙ نمبر 2014/A هيرا آباد حيدرآباد... ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن ۽ پارٽيشن ۽ پرمننٽ انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي مسمات صاحبزادي ذيءِ محمد صالح ميمڻ ويٺل مير حسن محلا مٽياري تعلقو مٽياري اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس ڀاءُ نالي الهه بخش ولد محمد صالح ميمڻ جيڪو تاريخ 28-09-2019 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه مٽياري تپو مٽياري تعلقو مٽياري ۾ آهي. جنهن جو هيٺين جائز وارثن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) مسمات صاحبزادي (ڀيڻ)، (2) امام زادي (ڀيڻ). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد، والد فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) سمير حسين ولد غلام حسين ميمڻ (2) حسنين ولد تسليم ميمڻ جن شهر مٽياري ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري. مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي عبدالمجيد پنهور ولد محمد يوسف رهندڙ ڳوٺ حاجي دريا خان پنهور حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد يوسف ولد دريا خان پنهور تاريخ 18-12-2024 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 264، 302/B، 270، 268 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه سڪيور ٽپو هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي. (1) عبدالعزيز (پٽ) (2) ذوالفقار علي (پٽ) (3) عبدالمجيد (پٽ) (4) عبداللطيف (پٽ) (5) امير زادي (ذيءَ)، (6) مائي ڀاڳي حاڪمزادي (ذيءَ) (7) شهزادي (ذيءَ). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجي جي دعوي ڪري يا ڪوبه ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

بقايا 1 مطالبو

علي شير خاصخيلي دريا خان خاصخيلي ۽ عبدالله خاصخيلي اسان جي گهر جام صاحب اچن ٿا ۽ منهنجي ساهرن ۽ مونکي حراسان ڪري مختلف طريقن سان تنگ ڪيو پيو وڃي ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته پنهنجي مڙس کان طلاق وٺ ۽ اسان سان گڏ هل ٻي صورت ۾ توکي زبردستي به کڻي ويندا سين انهن جي سس صدوري چيو ته اسان انصاف لاءِ ڪورٽ جو در کڙڪايو بعد ۾ حد جي پوليس کي پڻ ڏنيون پر وياسين عدالت سڳوري اسان کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ نوٽيس پڻ جاري ڪيو آهي.

بقايا 2 بدين

تحت ڏوهاري عنصرن منشيات فروشن، منظم ڏوهاري گينگز رپوش ۽ اشتهاري جوابدارن خلاف اثرائتو ڪريڪ ڊائون ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ٿيون 10 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ماليت جي منشيات برآمد 2 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ماليت جي چوري ۽ ڦرلٽ ٿيل ملڪيت برآمد 119 غيرقانوني پسٽلن 13 بندوقون 08 ريپيٽرز 1200 عدد ايمونيشن برآمد 312 مسروقه موبائل فونز ٽريس ڪري مالڪن حوالي 13ڏوهاري گينگز جا 27 اهم جوابدار گرفتار 297 رپوش ۽ 96 اشتهاري جوابدار گرفتار 1790 منشيات فروش ۽ 85 جواري گرفتار منشيات خلاف سخت ۽ بنا امتياز ڪارروائيون بدين پوليس منشيات جي خلاف سخت بنا امتياز ۽ تسلسل سان ڪارروائيون ڪندي 1303 ايف آءِ آرز داخل ڪيون.

بقايا 3 چونڊجي ويو

جسڪاڻي پيار علي نهڙي موجود هئا ان موقعي تي نئون ڪوٽ پريس ڪلب جي چونڊيل صدر محمد حنيف گرگيز خطاب ڪندي چيو ته نئون ڪوٽ پريس ڪلب جي ساٿين جو انتهائي بيحد ٿورائتو آهيان جن مون تي اعتماد ڪيو آهي ته آئون بنا متيبد جي غريب مظلوم طبقن جي ماڻهن جو آواز اعليٰ ايوان تائين پهچائيندس

بقايا 4 ڪري روتي

آهن ۽ ذڪراه زينب جهڙيون باصلاحيت نياڻيون ملڪ جو روشن مستقبل آهن هن چيو ته اسان کي ذڪراه زينب تي فخر آهي، جيڪا تعليم سان گڏ تخليقي صلاحيتن ۾ به نمايان حيثيت رکي ٿي پرنسپل وڌيڪ چيو ته انشاءالله ذڪراه زينب مستقبل ۾ ڊرائنگ ۽ فنون لطيفه جي ميدان ۾ وڌيڪ اڳتي وڌي ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪندي

بقايا 5 خيرپور

آهن ۽ ذڪراه زينب جهڙيون باصلاحيت نياڻيون ملڪ جو روشن مستقبل آهن هن چيو ته اسان کي ذڪراه زينب تي فخر آهي، جيڪا تعليم سان گڏ تخليقي صلاحيتن ۾ به نمايان حيثيت رکي ٿي پرنسپل وڌيڪ چيو ته انشاءالله ذڪراه زينب مستقبل ۾ ڊرائنگ ۽ فنون لطيفه جي ميدان ۾ وڌيڪ اڳتي وڌي ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪندي

بقايا 6 مرڻ لڳا

پراسرار بيماري سبب اٺ مرڻ لڳا، سوين اٺ بيماري ۾ مبتلا آهن اٺن ۾ پيدا ٿيل پراسرار بيماري سبب اٺن جون حمل واريون مادي اٺيون پنهنجا ٻچا ڪيرايو ڇڏين ٿيون ڪيترائي اٺ پراسرار بيماري ۾ مبتلا ٿي ويا، جڏهن ته دوائن جو به اثر نه ٿيڻ جو سلسلو ۾ لالو لاشاري، طيب لاشاري، شير لاشاري ۽ ٻين اٺن ۾ پراسرار بيماري پکڙجڻ کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اٺن ۾ پراسرار بيماري لڳڻ سبب ڀاڳيا سخت پريشان آهن ڪافي اٺ مري رهيا آهن جڏهن ته اٺن جون ماديون پنهنجا ٻچا ڪيرائي رهيون آهن.

بقايا 7 باهه

سڪندر نهڙيو موجب ته اسان جي اسڪول ۾ سمورو رڪارڊ ٽوڙي انرجي ڊپارٽمينٽ پاران ڏنل سولر سسٽم سڙي تباهه ٿي ويو 25 پرائمري اسڪولن جا ڪاغذ جي سميت سمورو رڪارڊ سڙي رک ٿي ويو آهي

بقايا 8 عرس شروع

ميلي جي رسمن جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي، ٽن ڏينهن واري ميلي جي ڏهاڙي تي درگاهه جي اڱڻ ۾ صبح کان شام تائين صوفيائي راڳ جو سلسلو جاري رکيو ويندو ۽ جڏهن ته ٻيپلار ڪالوني پرسان صوفي بزرگ اوليا اڪرام سخي پير شارفو شاهه جي ميلي جي پڻ شروعات ۾ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري، پ پ يوٿ جي سيد سلال شاهه بخاري ۽ ٻين درگاهه تي چادر چاڙهي ميلي جو افتتاح ڪيو

بقايا 9 ڪري ڇڏيو

ٺري ميرواهه اسپتال سان ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر وزير علي ٻوزدار جي رٽائر ٿيڻ کان پوءِ سندس عهدو خالي هو جنهن سان پوءِ صحت کاتي جي اختيارين 19 هين گريڊ جي ڊاڪٽر جوتو مل کي ٺري ميرواهه اسپتال جو نئون ايم ايس مقرر ڪري ڇڏيو آهي جيڪو سپاتي اڄ عهدي جي چارج وٺي ڪم سنڀاليندو

بقايا 10 ڦري

شهر جا ڪاروباري ۽ عام شهري پاڻ کي غير محفوظ سمجهن ٿا. هن چيو ته جيڪڏهن رنج شهر ۾ به ساڙهو محفوظ ناهن ته پوءِ ٻيا علائقا ڪيئن محفوظ هوندا عبدالحميد ناريجو ۽ هادي بخش ناريجو ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦر ۾ ملوث هٿيارٻندن کي فوري گرفتار ڪري ڦريل موٽر سائيڪل، نقد رقم ۽ ٻيو سامان واپس ڪرايو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 11 ڌرڻو

شهدادڪوٽ لڳ ڳوٺ الله رکيو جوڻيجا ۾ جوابدارن پاران جوڻيجا برادري جي گهرن تي هٿيارٻندن ۽ هينڊ گرنيڊ بمن سان حملو ڪيو ويو جنهن ۾ جوڻيجا برادري جي عورتن مردن ۽ ٻارڙن سميت 8 ڄڻا زخمي ٿيا هئا. جوابدارن نصير ڪلهوڙو، واحد بخش، صدام ۽ معشوق معان حملي جو ڪيس داخل ٿيل آهي.

بقايا 12 مهم

مسئلن جي حل ۽ ڀلائي لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو آهي ڳالهيون هن ڳوٺ آباد ۾ نوجوان امتياز علي مهر طرفان ڏنل آجياڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو بئريسٽر ٻيرم خان مهر وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته ڳوٺ آباد ۾ ماضي ۾ به ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا ويا آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ به بنيادي سهولتن جي فراهمي روڊن، نيڪال ۽ ٻين عوامي ضرورتن لاءِ ترقياتي منصوبا جاري رکيا ويندا. هن وڌيڪ چيو ته پيپلزپارٽي جي حڪومت هميشه غريب ۽ محنت ڪش ماڻهن کي اوليت ڏني آهي. جنهن جو ثبوت بينظير انڪم سپورٽ پروگرام، بزرگن لاءِ نئون پروگرام شروع ڪيو ويو آهي

بقايا 13 ڪارروائي

ريڙها، ڪيبن کي هٽايو ويو آهي شهر جي مختلف روڊن ۽ رستن تي ڪنهن به قسم جي غير قانوني قبضن کي برداشت نه ڪيو ويندو عوام کي محفوظ ۽ آسان ٽريفڪ سهولتون فراهم ڪرڻ انتظاميا جي فرض آهي. انڪروچيمنٽ عملي ٻڌايو ته فوٽ پاٿ اصل ۾ پيادل ماڻهن لاءِ مخصوص آهن پر انڪروچيمنٽ سبب عام شهري، خاص ڪري عورتون، ٻار ۽ بزرگ سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا هئا جنهن ڪري ڊي سي خيرپور جي هدايتن تي مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪيون ويون آهن هن چيو ته دڪاندارن ۽ ريڙها هلائيندڙن کي هدايتون ڪيون آهيان ته هو قانوني حدن اندر رهي پنهنجو ڪاروبار ڪن ٻي صورت ۾ غير قانوني انڪروچيمنٽ ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 14 عزم

امير عبدالڪريم چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿيو، جڏهن ته سيف الله فاروقي ميزبان طور شرڪت ڪئي، تربيتي ڪنوينشن ۾ مولانا اظهارالحق صديقي، مولانا نوازالله الحسيني، مولانا انور ڪوهارو، غلام رسول ڪوهارو، امدادالله سنڌي، سردار چانڊيو، عبدالله سميت ڪيترن ئي مذهبي ۽ سياسي اڳواڻن شرڪت ڪئي.

بقايا 15 ٽيسٽون

سي ۽ 8ڄڻن کي هيپاٽائيٽس بي ظاهر ٿي جڏهن ته ايچ آءِ وي ٽيسٽ ۾ پوليس اهلڪار محفوظ رهيا ان موقعي تي ڊائريڪٽر سمس اسپتال ڊاڪٽر بشير احمد جمالي ڊي ايس پي شهدادپور مير جاويد ٽالپر ڪئمپ جو دورو ڪيو ۽ ايڊيشنل ڊي ايچ او سانگهڙ ڊاڪٽر اسلم چنو ڊاڪٽر عرفان ڳرواڙ ۽ سندن ٽيم پوليس اهلڪارن جون ٽيسٽون ڪيون

بقايا 16 اچانڪ دورو

وڏي ۾ وڏو مسئلو ڪاري ڪڏ تان ڊسپوزل رسيلي پاڻي کيڏيو ويندو ۽شهرين لاءِ پبلڪ پارڪ مردن ۽ عورتن لاءِ الڳ الڳ پروشن ٺاهيو ويندوڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي ترقياتي ڪمن جي رفتار شفافيت ۽ معيار تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته معياري ۽ جاري عوامي منصوبا عوامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي تيار ڪيا ويا آهن.

بقايا 17 گرفتار

جي ارادي سان بيٺل ڏوهارين سان مقابلو ٿي پيو فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ بدنام ڏوهاري غلام مصطفيٰ ڪوراٽي کي پستل سميت گرفتار ڪيو آهي گرفتار ڏوهاري ڪنڌيارو ٿاڻو سورو ٿاڻو ۽ ٻين ٿاڻن تي ڪيترائي چورين ڦرن جا ڪيس داخل ٿيل آهن ۽ هن علائقي ۾ ڌوڙن چورين ڦرن جو ماسٽر مائينڊ آهي ايس ايچ او درس امتياز کهاوڙ وڌيڪ چيو ته ڏوهاري ڪيڏو به ٻاٿر ڇو نه هجي ان سان تر برابر رعائت نه ڪبي

بقايا 18 دليل پيش

جي وڪيلن لڳ ڀڳ ڇهه ڪلاڪ حتمي دليل پيش ڪيا، جنهن کان پوءِ سماعت سڀاڻي تائين ملتوي ڪئي وئي، هي واقعو 17 جنوري 2018ع تي شهر ميهڙ ۾ پيش آيو جتي هٿيارٻندن فائرنگ ڪري فائرنگ جي نتيجي ۾ ام رباب چانڊيو جا والد ڏاڏو ۽ چاچو فوت ٿي پيا هئا.

بقايا 19 ڪهرام

ٿي ويا نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 20 گرفتار

جي ڪجهه دير بعد ميونسپل ڪميٽي آفيس اندر ٻنهي ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺين ۽ مڪون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا ماڻهو معمولي زخمي ٿي پيا واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي ويئي جنهن ٻنهي جوابدارن کي واقعي واري هنڌان گرفتار ڪري ورتو ۽ اهڙي واقعي کان پوءِ ميونسپل جي ملازمن پاران آفيسن جي تالا بندي ڪري هڙتال ڪئي ويئي بعد ميونسپل ملازم جانب علي چلڳري جي فرياد تي ٻنهي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 21 ايس ايس پي

ايس ايس پي ۽ آفيس ۾ آجياڻو ڏيندي ڪيو. ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو پاران پريس ڪلب جي سرپرست اعليٰ گل محمد جکراڻي ـ صدر دليپ ڪمار ڏاڪر، جنرل سيڪريٽري علي حسن ملڪ، سينيئرنائب غلام رسول ميراڻي ـ خزانچي نصير منگي،نائب صدر غلام ياسين آرگهائي ـ جوائنٽ سيڪريٽري حضور بخش منگي،ڊپٽي جنرل سيڪريٽري غلام مصطفى نندواڻي ـ پريس سيڪريٽري ڪليم الله خلجي ـ آفيس سيڪريٽري عبدالغفار منگي ـ رابطا سيڪريٽري نظير ميراڻي ـ لائيبرري انچارج احمد مغل ـ عبداللطيف ميراڻي ۽ سينئر صحافين مسعود عالم سومرو ـ ٻقا محمد بنگوار سليم ميراڻي جي اڳرڪ جا تحفا پيش ڪندي مبارڪباد پيش ڪئي

بقايا 22 دورو

او خيرپور ڊاڪٽر مسرور الحسن شاهه چيو ته ملازمن جي ڪوتاهي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي هن چيو ته سمورا ملازم پنهنجي ڊيوٽين تي وقت سر پهچن ۽ غير حاضر رهندڙ ملازمن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي دوري دوران ڊي ايچ او خيرپور پاران اسپتال جي مختلف شعبن ۽ مريضن کان سهولتن متعلق ڄاڻ ورتي

بقايا 23 ٻه زخمي

سوين آلين اکين سان آبائي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس جنازي نماز ۾ سياسي سماجي ڌرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 24 کي باهه

سڙي ويو ۽ ڪميونيڪيشن جي واري دڪان ۾ پيل روڪ رقم سان گڏ پورو دڪان سڙي ويو جڏهن ته ٻئي دڪان مڪمل طور سڙي ويا ان ۾ پيل لکين رپين جا ڪپڙا ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي ويو جڏهن ته ٽائون ڪميٽي بلڙي شاهه ڪريم ۾ فائربريگيڊ نه هجڻ ڪري ٻاهر وسائل نه ڪو وسيلو ته ويو جنهن ڪري اکين آڳيان سڀ ڪجهه سڙي ويو هن چيو ته ٽائون ڪميٽي ۾ فائربريگيڊ جو نه هجڻ هتي جي چونڊيل نمائندن جي نااهلي آهي جڏهن ته نقصان جو ڪاٿو لکين رپيا ٻڌايو پيو وڃي

بقايا 25 احتجاج

الزام لڳايو آهي ته مڙس ضمير منگنيجو مسلسل تشدد ڪندو رهيو آهي ان کان تنگ ٿي پنج مهينا اڳ گهران نڪري پنهنجن ٻارن سان هنگورجا ۾ رهڻ ٿي پر ان جي باوجود مون کي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي منهنجي زندگي کي خطرو آهي ظالم مڙس کان منهنجي جان آجي ڪرائي وڃي هن چيو ته علائقي جي وڏيري حبيب الله منگنيجو معان ڪوڙا الزام لڳايا پيا وڃن ان سان منهنجو ڪوب واسطو ناهي باقي هوڏائين همدردي رهندو هن چيو ته ضمير حسين منگنيجو کان مون کي تحفظ فراهم ڪري ان خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مڙس سان هاڻي مان گڏ رهي نٿي سگهان ان کي ڪري مان ان کان طلاق وٺندس. هن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته مون کي ۽ منهنجي ٻارن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 26 حوالي

فوت ٿي ويل نوجوان شهزاد پٽ نظير احمد جرروار جو مڙهه ڏهه ڏينهن کان پوءِ پاڪستان پهتو ۽ اڄ ڳوٺ مبارڪ جرروار ۾ شهزاد جرروار جي جنازي نماز پڙهي وئي جنازي ۾ اڳوڻو ضلعي ڪائونسل ٽنڊوالهيار جو چيئرمين مخدوم ميون علي محمد ولهاري حاجي خان جرروار ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري يوسي بيگڻ جرروار جي چيئرمين شادمان جرروار عبدالرزاق عمراڻي سميت سياسي سماجي اڳواڻن ۽ ضلعي جي مختلف آفيسرن سميت علائقي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي جنهن بعد ڪيس سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو نوجوان شهزاد جرروار آمريڪا جي شهر انڊيانا ۾ ڪافي سالن کان پنهنجو ذاتي جنرل اسٽور هلائيندو هو اسٽور تي ڪم ڪرڻ دوران دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو فوتي نوجوان شهزاد جرروار جي شادي 15مهينا اڳ ٿي هئي

بقايا 27 واقعو

ڪالوني جي رهواسي سجڻ ۽ خادم شر پريس ڪلب گهوٽڪي پهچي احتجاج ڪندي ٻڌايو ته ڳوٺ ڪالو سانگي جا رهواسي باثر بانهون سانگي ۽ ضمير سانگي فصل ۾ رڍ اچڻ تي ڪهاڙي سان وار ڪري رڍ جي جنگ ڪٽي ڇڏي معاشر رڍ جي مالڪ کي چڙهه ۽ ٿي واقعي بعد گهوٽڪي پوليس هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪيو آهي جڏهن ته اصل ۾ باثر جوابدار اڃا تائين گرفتار نه ڪيو ويو آهي هنن الزام لڳايو ته باثر هئڻ سبب پوليس مڪمل ڪارروائي کان پاسو ڪري رهي آهي معاشر ڊي ايس پي گهوٽڪي کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي رڍ تي ظلم ڪندڙ باثر جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 28 چانيل

ويو جڏهن ته ساڳي ڳوٺ جو ٻيو نوجوان ڪريم بخش گندرو پڻ ڪافي وقت بيمار رهڻ بعد فوت ٿي ويو ٻنهي نوجوانن جا لاش هڪ ئي ڳوٺ سان ڪجڻ تي هر اک آلي ٿي ويئي، ٻنهي نوجوانن جي جنازي نماز گڏ ادا ڪرڻ بعد ڪين مڪلي جي شيخ عالي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندن جنازن ۾ اڳوڻو ضلعي ناظم سيد شفقت حسين شاهه شيرازي، سيد الطاف حسين شاهه شيرازي، ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو صحافي محمد ايوب ملاح، سردار لقمان خان پالاڙي، عبدالحميد ميمڻ حاجي حنيف ميمڻ، ممتاز علي چند ميمڻ حاجي فاروق آرائين الهڏنو پٽي حاجي شفيع محمد کهيس اڳوڻو سيڪريٽري محمد حسن سولنگي، عبدالغني قريشي، صحافي اقبال جاکري، اڪبر دلوائي، شيراز واريو، غلام حيدر سمون، محمد خان ملاح، نانا گندرو خان محمد هيلايا ايس ايچ او اميربخش ڪوس نثار احمد گندرو حاجي سومار گندرو سيٺ حاجي صديق ميمڻ سميت سوين ماڻهن شرڪت ڪئي. مرحومن جو ٽئڙو ڳوٺ وڏيرو محمد عرس گندرو ۾ رکيو ويو آهي جتي وڏيرو محمد عرس گندرو الهوسايو گندرو ۽ ٻين سان تعزيتن جو سلسلو جاري آهي

بقايا 29 پهتيون

ميلي جون 2 ڏينهن واريون تقريبون پڄاڻي تي پهتيون ميلي جي ٻي رات ۾ صوفيائي راڳ جي محفل مچائي ويئي جنهن ۾ صوفي راڳين برڪت جمال فقير ـ مظهر فقير ـ سارنگ فقير ـ محب فقير ـ الهڏنو فقير خاصخيلي ۽ ٻين راڳين صوفيائو ڪلام ڳائي داد وصول ڪيو ميلي جي ٻي ڏينهن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن کان پانديئڙن جي اچڻ جو سلسلو جاري رهيو صوبائي وزير سرفراز راڄڙ، چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي ڪيرو امتياز حسن درس ۽ ٻين سياسي سماجي اڳواڻن ليکڪن اديبن شاعرن ميلي ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 30 فيصلو

ويو ميٽنگ سان گڏ شهيد فاضل راهو جي ياد کي تازو ڪري شهيد فاضل راهو جي عظيم قربانين کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي ميٽنگ ۾ تقريب ۾ صوبائي وزير ۽ شهيد فاضل راهو جي پٽ اسماعيل راهو يادگار ڪميٽي جي ڪنوينر اسلم راهو اقليتن جي ايم پي اي ڊاڪٽر شام سندر اڏواڻي سميت شهيد فاضل راهو جي وارثن چاهيندڙن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي مقررن شهيد عوام محمد فاضل راهو جي سياسي، سماجي ۽ جمهوري جدوجهد تي تفصيلي روشني وڌي هنن چيو ته شهيد فاضل راهو سنڌ جي مظلوم عوام، هارين پورهيتن ۽ اقليتن جي حقن لاءِ بي مثال جدوجهد ڪئي ۽ پنهنجي جان قربان ڪري تاريخ ۾ امر ٿي ويو.

بقايا 31 مظاهرو

ٺٽي پائرن ۽ پيٽرن جو پيٽ پاليندو هو صبح جو سوير جو هر روز جيان معمول مطابق ڪهڙان لوڊر رڪشا ڪڍي سبزي خريد ڪرڻ لاءِ سبزي منڊي ٺٽو آدم وڃي رهيو هو ته ڪيس بيراڻي ٿاڻي جي حد ڇهو پٿر وٽ قرجي ارادي سان بيٺل نامعلوم هٿيارٻندن گوليون هڻي بيدرديءَ سان قتل ڪري ڇڏيو سنڌ پوليس جي روائتي سستي سبب ڏرٻلي مهر جي بيگناهه قتل کي 3 سال گذري ويا پر قاتل قانون جي گرفت کان آجا ٻڌيل آهن آخر ڪيسدائين اهڙا ڪونڌر ڪسندا رهندا اختر علي عرف ڊولو مهر جي ٻڍڙي پي ۽ امڙ هنجو هاريندي چيو ته اسان جي ملڪ ادارا اسان جي جان ۽ مال جا محافظ آهن اهي ڪهڙي وقت اسان سان انصاف ناهين ڪرائي سگهيا اسان آئي جي سنڌ، ايس پي سانگهڙ عابد بلوچ ۽ ٻين اعلي آفيسر کان مطالبو ڪيون ٿا ته اسان جي بيگناهه پٽ جي قاتل کي گرفتار ڪري اسان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 32 تياريون

گهوٽڪي آمد جي حوالي سان تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو گڏجاڻي ۾ ضلعي صدر عامر چنه نائب صدر مسرت علي مهر ظفر احمد صديقي جاويد ڪوس يونس پتو فريد ملڪ ظفر پٽو عبدالحليم لارا مهي نذير لاڳاهه حفيظ ابڙو ياسين ابڙو امجد علي ڪلوڙ اسد گهنيس محمد يوسف منگي سميت ٻين صحافين شرڪت ڪئي.

بقايا 33 جلوس

قبيلائي تڪرار سماج لاءِ ناسور بڻجي چڪا آهن قبيلائي تڪرارن جي آڙ ۾ معصوم ٻارڙن عورتن سميت نوجوان ڳهوٽ ڪسجي رهيا آهن هنن چيو ته قبيلائي تڪرارن سبب سنڌ جا شهزادا نوجوان تعليم جهڙي سوني زيور کان محروم بڻجيو پيا وڃن سنڌ حڪومت جي رٽ ڪمزور هجڻ ڪري تڪرار ختم ٿيڻ بدران هر روز وڌي رهيا آهن هنن گهر ڪندي چيو ته سنڌ مان قبيلائي تڪرارن جو خاتمي لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا 34 اهم اجلاس

احمد چاچڙ چيو ته ضلعي ۽ شهر ۾ ٽرانسپورٽ جا مسئلا حل ڪرڻ اسانجي اخلاقي سرڪاري ۽ ذاتي ذميواري آهي قانون موجب ٽرانسپورٽ جا مسئلا حل ڪيا ويندا. ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ اي سي ڪوٽ ڏيجي، آر ٽي اي، پوليس جي ڊي ايس پي سٽي گڏيل طور سڀاڻي دورو ڪري رپورٽ ڏيندا. ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ ٽريفڪ سارجنٽ مختيارڪار ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته سڀاڻي کان ئي غير قانوني اسٽاپ خلاف ڪارروائي جو آغاز ڪن ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان جاري ڪيل هدايتن موجب ٽرانسپورٽ جا مسئلا حل ڪرڻ ويگن ۽ بس اسٽاپ جي حوالي سان ماڻهن کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ اپائن تي اوليت جي بنياد تي عملدرآمد ڪيو ويندو اجلاس ۾ آر ٽي اي رياض سولنگي ٻڌايو ته مهراڻ هاءِ وي، ٻبرلو، ٽنگريجا، مريم ٽوپ، پنج هٽي تي غيرقانوني اسٽاپ آهن جنهن تي هاءِ ڪورٽ طرفان واضح طور سخت هدايتون آهن ته سموري ٽرانسپورٽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بس ٽرمينل تي اسٽاپ، پڪ اينڊ ڊراپ ڪئي وڃي.

بقايا 35 مظاهرو

اڳواڻن ۾ مظاهرو ۽ پريس ڪانفرنس، خطاب ڪندي شبير ٻنگ ۽ ٻين اڳواڻن الزام هڻندي چيو ته وڏي افسوس سان ٿو چوڻو پوي ته اسان جنهن اداري ۾ ڪم ڪيون ٿا اهو ادارو ملازمن کي ڪا اهميت نه ٿو ڏيئي ملازمن جي بار بار احتجاجن سان ڪو ڪڙ تيل نه ٿو نڪري ملازم ذهني مريض ٿي ويا آهن ، اداري اندر ويٺل اهوفيصلو نه ڪري سگهيا آهن ته ڪو مازمن کي پگهارون به ڏيڻيون آهن هنن چيو ته 9 کان 14 مهينن جون پگهارون ٿي ويون آهن مازمن جي گهرن جون حالتون بدتر آهن ملازم جي گهرن ۾ صورتحال فاقا ڪشي سان گڏ گهرن اندر ٿيندڙ بيمارين شادين جا سڏ ،اسڪول جون فيسون ڪپڙا لٽا ڪرايا پاڙا ڪٿان اچن ملازم پنهنجي گهرن اندر مهمانن جي لاءِ به پئسا ڪين آهي ڪٿان اچن پر اداري اندر ويٺل بالا آفيسر شاهي خود ته لکين رپين جي ڪرپشن ڪري اداري کي تباهه ڪري رهيا آهن موٽ ۾ جواب اهو ملي ٿو ته ادارو خساري ۾ آهي پوءِ جنهن اداري ۾ ڪرپشن هوندي جنهن اداري ۾ بيماني هوندي اهو ادارو ڪٿي ٿو اڀري سگهي . ادارو تباهه ٿيندي ڏسي لاڳاپيل ادارا خاموش آهن تحرڪ ۾ اچي ڪو جانچ ڪري اداري جي تباهه ڪاري جو نوٽيس وٺي هنن چيو ته جيستائين اداري اندر جزا ۽سزا جو عمل نه ٿيندو ادارو ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندو هنن الزام هڻندي چيو ته جيڪو به ڊي جي اچي ٿو انتظاميا کي لکين رپيا ڏيئي ٿو پر جيڪڏهن صحيح عمل سان رڪوري ڪئي وڃي ته ادارو هلي سگهي ٿو هنن چيو ته اداري کي بدعنواني ،ڪرپشن ڪائي ڪوڪلو ڪري ڇڏيو جو اڄ اداري جا ملازم بکون ڪاٽي رهيا آهن . ڊي جي کي جڏهن به عدالت گهرايو ويو آهي ته اداري ۾ پئسا هجڻ جو نهانو ڪيو ويندو آهي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن اسان جا جائز مطالبا مڃي اسان کي پگهار رهيل نه ڏني ويئي ته اسان بک هڙتال ڪنداسين گهر ۾ مرڻ کان بهتر آهي ته پنهنجا حق گهرندي وڙهي مرون

بقايا 36 گرفتار

اڳ سيوهڻ جي ڳوٺ جان محمد برهماڻي ۾ مخالف ڌر جي گهرن تي چڙهائي ڪري فائرنگ ڪري هڪ ڄڻي امتياز برهماڻي کي زخمي ڪرڻ بعد برهماڻي برادري جي 3 عورتن ثمينا، سونيا ۽ نغما برهماڻي کي اغوا ڪري فرار ٿي ويا هئا جنهن جو ڪيس 48 ڪلاڪ گذرڻ باوجود پوليس داخل نه ڪيو آهي پوليس ڌرين جو چوڻ آهي ته ڪجهه وقت اڳ نوجوان گلزار برهماڻي چانڊيا برادري جي ناريءَ سان پسند جي شادي ڪئي هئي جنهن تان ٻنهي ڌرين ۾ سنگاوتي تڪرار تيز ٿي ويو آهي ٻئي طرف اهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ بعد علائقي ۾ خوف جي لهر ڇانئجي وئي آهي ۽ ڪنهن بعد وقت وڌيڪ جهيڙي جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ٻئي طرف ايس ايس پي ڄامشورو محمد ظفر صديق ڇانگا پاران سيوهڻ مان 3 عورتن جي اغوا ٿيڻ واري واقعي جو نوٽيس وٺڻ بعد پوليس ڪارروائي ڪندي چانڊيا برادري جي ٻن ڄڻن مثل چانڊيو ۽ شرجيل چانڊيو کي گرفتار ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي پوليس موجب اغوا ٿيل عورتن جي بازيابي لاءِ پوليس ڪارروائيون ڪري رهي آهي.

بقايا 37 بادهه

ريڙها، ڪيبن کي هٽايو ويو آهي شهر جي مختلف روڊن ۽ رستن تي ڪنهن به قسم جي غير قانوني قبضن کي برداشت نه ڪيو ويندو عوام کي محفوظ ۽ آسان ٽريفڪ سهولتون فراهم ڪرڻ انتظاميا جي فرض آهي. انڪروچيمنٽ عملي ٻڌايو ته فوٽ پاٿ اصل ۾ پيادل ماڻهن لاءِ مخصوص آهن پر انڪروچيمنٽ سبب عام شهري، خاص ڪري عورتون، ٻار ۽ بزرگ سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا هئا جنهن ڪري ڊي سي خيرپور جي هدايتن تي مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪيون ويون آهن هن چيو ته دڪاندارن ۽ ريڙها هلائيندڙن کي هدايتون ڪيون آهيان ته هو قانوني حدن اندر رهي پنهنجو ڪاروبار ڪن ٻي صورت ۾ غير قانوني انڪروچيمنٽ ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 38 قريشي

زبردستي پوليس موبائل ۾ رکي ٿاڻي تي کڻي ويا ۽ هڪ ڪوڙي ساک جي نالي تي اسٽامپ پيپر تي صحيحون ڪرائي مون کي پلاٽ جي مالڪي تان هٿ ڪڍايو ويو. هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽس وٺي پلاٽ واپس ڪرايو وڃي ۽ تحفظ ڏنو وڃي

بقايا 39 ملهائي وئي

شڪر گزار آهيان سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر غلام حيدر سولنگي ۽ جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح جو جن مان ڏئي محبتي ميڊيا آهن سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر غلام حيدر سولنگي ۽ جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته حاجي عبدالله مگسي کي سندس جنم ڏينهن تي مبارڪون ڏيڻ سان گڏ اها اميد ٿا ڪريون ته هو سڪرنڊ پريس ڪلب لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهندو ان موقعي تي صحافين پاران حاجي عبدالله کي اجرڪن ۽ هارن جا تحفا پيش ڪيا ويا ان کان اڳ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو تقريب جي پڄاڻي تي حاجي عبدالله مگسي جي جنم ڏينهن جي حوالي سان ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو پروگرام ۾ رضا محمد سيال، ولي محمد پٽي، ذيشان سومرو عدنان خانزاده، منصور لغاري، رمضان مگسي سجاد مگسي ۽ بشير لاشاري پڻ موجود هئا .

بقايا 40 گڏجاڻي

چيئرمين ذوالفقار علي خان ڪماريو کي آگاهي ڏني ته ايس ايس ڊبليو اي هڪ اهڙو ادارو آهي جيڪو بزرگ فردن جي ڀلائي لاءِ جوڙيو ويو آهي معاشري اندر پيرسن مختلف مسئلن جو شڪار رهن ٿا جنهن ڪري هن اداري جوڙڻ جي اهم ضرورت هئي

بقايا 41 واڌ

سال جي شروعات سان گڏ سردي جي شدت ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو آهي پر تعليم کاتي موسم جي صورتحال کي نظرانداز ڪندي تعليمي ادارا کولڻ جو فيصلو ڪيو جيڪو شاگردن جي صحت لاءِ خطرو بڻجي رهيو آهي. سماجي حلقن موجب شديد سردي سبب شاگردن ۾ بخار، زڪام، فلو کنگهه ساهه جون تڪليفون ۽ ٻيون موسمي بيماريون پکڙجڻ جو خدشو آهي،سول سوسائٽي شاگرد تنظيمن سميت سياسي سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن تعليم کاتي جي فيصلي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ڪرپٽ آفيسرن جي غلط پاليسين سبب شاگردن کي تڪليف ۾ وڌو ويو آهي. اڳواڻن مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ جي وڏي وزيرتعليم واري وزيرسيدسردار شاهه ۽سيڪريٽري تعليم فوري نوٽيس وٺن ۽ شاگردن جي ڀلائي خاطر سياري جي موڪلن ۾ واڌ ڪئي وڃي.

بقايا 42 ڪري ورتو

جيئن جي سجاڳ ڪري ٿو جنهن سان مدافعتي نظام کي ترتيب ڏيڻ ۽ بيماري جي بار بار ٿيڻ کي روڪڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ويڪسينز کي فعال ڪيو ويندو آهي ڪيم چيو ته مريض جي ٽيومر مان حاصل ڪيل پروٽين جا ٽڪرا ويڪسين ذريعي مدافعتي نظام کي ترتيب ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا جڏهن ته موجوده ويڪسين ۾ فوري طور تي سائٽوٽوڪسڪ ٽي سيلز کي فعال ڪرڻ تي ڌيان ڏنو وڃي ٿو

بقايا 43 راڻا تنوير

اظهار هن قومي زرعي تحقيقاتي اداري (اين اي آر سي) جي دوري جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته زراعت قومي معيشت ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي، وفاقي وزير چيو ته ملڪي آبادي ۾ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي جنهن سبب ملڪ جي زرعي پيداوار ۾ واڌارو اهم آهي. راڻا تنوير حسين چيو ته حڪومت زراعت کي هٿي ڏيڻ آبادگار طبقي جي خوشحالي ۽ زرعي تحقيق کي هٿي ڏيڻ لاءِ سمورا امڪاني وسيلا فراهم ڪندي

بقايا 44 اهم حڪم جاري

آهي عدالت حڪومت سنڌ، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٺٽو ۽ ڊائريڪٽر ٽيڪس کي 25 فيبروري لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن درخواستگذار جي وڪيل صلاح الدين گنڊاپور ايڊووڪيٽ عدالت کي ٻڌايو ته ٺٽو اڪنامڪ زون پاڪ-چين معاهدي تحت سال 2020ع ۾ قائم ڪيو ويو هو جنهن ۾ 60 سيڪڙو سيڙپڪاري چين جي آهي وڪيل موجب قانوني طور ڊسٽرڪٽ ڪائونسل کي اڪنامڪ زون مان ٽيڪس وصول ڪرڻ جو ڪو به اختيار حاصل ناهي جڏهن ته ڊسٽرڪٽ ڪائونسل درخواستگذارن کان 200 رپيا في مربع فٽ ٽيڪس جو مطالبو ڪري رهي آهي ۽ 2020ع کان ٽيڪس گهري رهي آهي عدالت وڌيڪ ڪارروائي ايندڙ ٻڌڻي تي ڪندي

آفيس آف دي چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي
انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ _ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن

ڪيمپ آفيس نمبر.01 پويان دائود انجنيئرنگ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ، K.M.C مسلم آباد ڪراچي
No: CPC/ED/KMC/2025-26/66/Karachi
Dated: 02-01-2026

ٽينڊرن گهرائڻ لاءِ نوٽيس

(خريد جو طريقو: سنگل اسٽيج - ٻه لفافا طريقو)

هيٺ ڏنل تفصيلن مطابق، SPPRA جي اي-پروڪيورمينٽ جمع ڪرائڻ جي گهرجن جي مطابق، اهل واڪ ڏيندڙن کان سنگل اسٽيج ٽو اينويلپ پروسيجر تي "EPADS" جي نئين طريقي سان اي-واڪ جي درخواست ڪئي وئي آهي:

سيريل نمبر	اسڪيم جو نالو	ڪٿيل لاڳت	واڪ سيڪيورٽي	ٽينڊر لاڳت (رپيا)	PEC ڪئٽيگري سان ڪوڊس
01	ڪراچي جي ٽريفڪ ڪوريڊورن جي بحالي ۽ بهتري. (ADP#1942/2025-26)				
اي)	**راشد منهاس روڊ:** شاهراهِ عثمان K-4 چورنگي کان ڊرگ روڊ (شاهراهِ فيصل) کان ناگن چورنگي تائين (پيڪيج-01).	1128534805	ڪٿيل لاڳت جو 5%	5000	ڪيٽيگري C-1 يا ان کان مٿي ۾ ڪارگر PEC لائسنس، اسپيشلائيزيشن ڪوڊ CE01، CE02(i)، CE09، CE10، EE06 جي شعبن سان گڏ.
بي)	**ايس اير توفيق روڊ:** لياقت آباد فلائي اوور کان تين هٽي پل تائين (پيڪيج-02).	429090895	ڪٿيل لاڳت جو 5%	5000	ڪيٽيگري C-3 يا ان کان مٿي ۾ ڪارگر PEC لائسنس، اسپيشلائيزيشن ڪوڊ CE01، CE02، CE09، CE10، EE06 جي شعبن سان گڏ.
سي)	**سر شاهه محمد سليمان روڊ:** ڪارساز (شاهراهِ فيصل) کان ناظم آباد (حبيب بئنڪ چورنگي) تائين (پيڪيج-03).	574878900	ڪٿيل لاڳت جو 5%	5000	ڪيٽيگري C-2 يا ان کان مٿي ۾ ڪارگر PEC لائسنس، اسپيشلائيزيشن ڪوڊ CE01، CE02، CE09، CE10، EE06 جي شعبن سان گڏ.
ڊي)	**پهلوان ڳوٺ روڊ:** حبيب يونيورسٽي کان ريس ڪورس روڊ صفوران تائين (پيڪيج-04).	1998034280	ڪٿيل لاڳت جو 5%	5000	ڪيٽيگري C-1 يا ان کان مٿي ۾ ڪارگر PEC لائسنس، اسپيشلائيزيشن ڪوڊ CE01، CE09، CE10، EE06، CE11(vii) جي شعبن سان گڏ.

لازمي گهرجون:

a. شرڪت ڪندڙن کي پنهنجا ريٽ لفظن ۽ انگن ۾ ٻڌائڻ گهرجن.
b. واڪ تي ڪمپني جي مهر سان گڏ صحيح هجڻ گهرجن.
c. واڪ سيڪيورٽي / سوٽي رقم شرڪت ڪندڙ جي ڪمپني / فرم جي اڪائونٽ مان ڪٽي وڃي.
d. واڪ سيڪيورٽي جي بينڪ گارنٽي يا پي آرڊر واڪ سان گڏ "EPADS SPPRA Sindh" جي ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ڪيو ويندو ۽ واڪ کولڻ کان اڳ جسماني طور تي چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي، انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ KMC جي آفيس ۾، دائود انجنيئرنگ يونيورسٽي جي پويان، نيو ايم اي جناح روڊ مسلم آباد ڪراچي ۾ جمع ڪرايو ويندو.
e. 200 رپين جي اسٽيمپ پيپر تي انٽيگريٽي پيڪٽ.
f. واڪ ڏيندڙ کي کولڻ کان اڳ اين آءِ ٽي ۾ بيان ڪيل ناقابل واپسي ٽينڊر جي قيمت ڪنهن به شيڊيول بينڪ آف پاڪستان کان ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جي حق ۾ پي آرڊر جي صورت ۾ جمع ڪرائڻي پوندي.

قابليت جو معيار:

a. شناختي ڪارڊ جي ڪاپي.
b. ڪارگر پي اي سي ۽ ڪيٽيگري لاڳاپيل فيلڊ آف اسپيشلائيزيشن ڪوڊس (جتي لاڳو ٿئي).
c. ڪارگر اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ (واڪ ڏيندڙ فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ لسٽ تي هوندو).
d. ڪارگر ايس آر بي رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ. (واڪ ڏيندڙ کي سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ لسٽ تي هجڻ گهرجي).
e. ڪارگر پيشيور ٽيڪس سرٽيفڪيٽ.
f. تجويز ڪيل تعميراتي شيڊيول: واڪ ڏيندڙ کي ضميمه-اي جي مطابق بار چارٽ ۾ تعميراتي شيڊيول مهيا ڪرڻ گهرجي (جيئن گهربل ۽ واڪ دستاويزن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي).
g. سنڌ حڪومت (ڪراچي علائقي) کان ڪارگر اليڪٽريڪل لائسنس.
h. فرم بابت حلف نامو / انڊرٽيڪنگ جيڪا گذريل پنجن سالن کان ڪڏهن به بليڪ لسٽ نه ڪئي وئي هجي يا ڪنهن به سرڪاري / نيم سرڪاري کاتي سان ڪنهن به عدالتي ڪيس / مقدمي ۾ ملوث نه هجي.
i. گهٽ ۾ گهٽ سراسري ساليانو ٽرن اوور:
1. پيڪيج.01 گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / منصوبي جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 1128.534 ملين رپيا.
2. پيڪيج.02 گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / منصوبي جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 429.090 ملين رپيا.
3. پيڪيج.03 گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / منصوبي جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 574.878 ملين رپيا.
4. پيڪيج.04 گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / منصوبي جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 2000.00 ملين رپيا.
j. (ICAP) رجسٽريشن آڊٽ فرمن کان گذريل پنجن سالن جي سالياني آڊٽ رپورٽ. (ICAP)رجسٽرڊ آڊٽ فرمن کان سواءِ جاري ڪيل آڊٽ رپورٽ قبول نه ڪئي ويندي.
k. مشينري ۽ سامان جي فهرست جيڪا ان جي ملڪيت / ليز / ڪرائي تي ڏنل دستاويزي ثبوت سان گڏ موجود آهي (جيئن گهربل ۽ واڪ دستاويزن ۾ ذڪر ڪيل آهي).
l. واڪ ڏيندڙ پاران جمع ڪرايل/اپ لوڊ ڪيل سڀئي دستاويز واڪ ڏيندڙ پاران تصديق ٿيل هجڻ گهرجن.
m. گذريل پنجن سالن دوران ڪيل ساڳئي نوعيت جي ڪم (ڪمن) ۾ مخصوص تعميراتي تجربو، مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽن سان گڏ (100% جي طور تي).
1. گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙي نوعيت جو ڪم جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت ڪم جي اندازي مطابق قيمت جو 80% هجي: يا
2. گهٽ ۾ گهٽ ٻه ساڳي نوعيت جا ڪم جن مان هر هڪ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت اندازي مطابق قيمت جو 50% هجي:
n. فرم سان ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي بايو ڊيٽا جيڪو ضرورت مطابق ۽ واڪ دستاويزن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

شرط ۽ ضابطا:

1. واڪ / ٽينڊر دستاويز: واڪ دستاويز ايس پي پي آر اي سنڌ جي (http://portalsindh.eprocurement.gov.pk) "EPADS" جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪيا ويندا.
2. جمع ڪرائڻ جي تاريخ:
سڀئي واڪ (ٽيڪنيڪل ۽ مالي) صرف SPPRA اي-پروڪيورمينٽ سسٽم (http://portalsindh.eprocurement.gov.pk) "EPADS" ذريعي آن لائين جمع ڪرائڻ گهرجن. ٽيڪنيڪل ۽ مالي تجويز ٻئي لاڳاپيل سيڪشن ۾ جمع / اپ لوڊ ڪيون وينديون ۽ دستي جسماني جمع ڪرائڻ قبول نه ڪئي ويندي.
واڪ 22-01-2026 تي يا ان کان اڳ صبح جو 11:00 وڳي تائين آن لائين جمع ڪرايو ويندو ۽ صرف ٽيڪنيڪل واڪ شروعاتي طور تي 22-01-2026 تي صبح جو 11:30 وڳي چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ڪي ايم سي جي آفيس ۾ پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي موجودگي ۾ ۽ دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن يا انهن جي نمائندن جي موجودگي ۾ کوليو ويندو.
3. پراونشل اي ڊي پي (26-2025) ذريعي فنڊ ڪيل.
4. واڪ جو ڪارگر مدو: 90 ڏينهن
5. هيٺين شرطن جي تحت واڪ رد ڪيو ويندو:
i. واڪ جي هارڊ ڪاپي يا هٿ سان واڪ قبول نه ڪيو ويندو.
ii. مشروط واڪ قبول نه ڪيو ويندو.
iii. مخصوص تاريخ ۽ وقت کانپوءِ اپ لوڊ ٿيل/جمع ٿيل واڪ.
iv. بليڪ لسٽ ٿيل فرمون.
v. جمع ڪرايل دستاويز جيڪڏهن ڪنهن به مرحلي تي جعلي ثابت ٿين ٿا.
vi. واڪ سيڪيورٽي جو پي آرڊر کولڻ جي تاريخ کان اڳ هٿوهٿ طور تي جمع ڪرايو ويو.
6. مجاز اختياري کي SPPRA ضابطن جي لاڳاپيل شق جي تابع ڪنهن به يا سڀني تجويزن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.
7. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کي گذارش آهي ته اهي اي-واڪ جمع ڪرائڻ لاءِ پنهنجي فرم (فرمن) / ڪمپني (ڪمپنين) کي "EPADS" جي SPPRA ويب سائيٽ (http://portalsindh.eprocurement.gov.pk)تي رجسٽر ڪرائين.
8. واڪ ڏيندڙن پاران جمع ڪرايل ٽيڪنيڪل تجويزن جو جائزو خريداري ڪميٽي پاران تشخيصي معيار ۽ ٽيڪنيڪل تجويز ۾ ڏنل لازمي گهرجن مطابق ورتو ويندو ۽ ان کان پوءِ ٽيڪنيڪل طور تي قابليت رکندڙ واڪن جون مالي تجويزون ساڳئي ڪميٽي پاران ان تاريخ ۽ وقت تي کوليون وينديون جيڪي ٽيڪنيڪل طور تي قابليت رکندڙ واڪ ڏيندڙن کي ٻڌايو ويندو.
9. واڪ جون مالي تجويزون، جيڪي ٽيڪنيڪل طور تي موٽ نه ملي آهي، لاڳاپيل واڪ ڏيندڙن کي بغير کولڻ جي واپس ڪيون وينديون.
10. جيڪڏهن ڪنهن به سبب جي ڪري سرڪاري موڪل يا ڪم نه ڪندڙ ڏينهن جي تاريخ يا وڪري جي آخري تاريخ کي سرڪاري موڪل قرار ڏنو وڃي ٿو ته ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن کي وڪري جي آخري تاريخ ۽ ٽينڊر جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ سمجهيو ويندو. وقت ۽ جڳهه ساڳي رهندي.
11. واڪ سيڪيورٽي: واڪ سيڪيورٽي جيئن مٿي ذڪر ڪيل آهي، پي آرڊر يا بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ (مخصوص ڪارڪردگي تي) ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جي حق ۾ ٽيڪنيڪل آڇ سان ڳنڍيل هيٺ ڏنل طريقي سان شامل ڪيو ويندو:

پيڪيج.01
a. 20.00 ملين رپيا ٽيڪنيڪل آفر لفافي سان واڪ سيڪيورٽي جي حصي طور شامل ڪيا ويندا. ٻي صورت ۾ واڪ جو جائزو نه ورتو ويندو.
b. 20.00 ملين رپيا ڪٽوتي ڪرڻ کان پوءِ واڪ سيڪيورٽي جي باقي رقم کي مالي آڇ واري لفافي سان گڏ ڪيو ويندو.
c. قابليت رکندڙ ۽ غير قابليت رکندڙ ٻنهي جي واڪ سيڪيورٽي ڪم جي ايوارڊ کي حتمي شڪل ڏيڻ تائين برقرار رکي ويندي.

پيڪيج.02
a. 10.00 ملين رپيا ٽيڪنيڪل آفر لفافي سان واڪ سيڪيورٽي جي حصي طور شامل ڪيا ويندا. ٻي صورت ۾ واڪ جو جائزو نه ورتو ويندو.
b. 10.00 ملين رپيا ڪٽوتي ڪرڻ کان پوءِ واڪ سيڪيورٽي جي باقي رقم کي مالي آڇ واري لفافي سان گڏ ڪيو ويندو.
c. قابليت رکندڙ ۽ غير قابليت رکندڙ ٻنهي جي واڪ سيڪيورٽي ڪم جي ايوارڊ کي حتمي شڪل ڏيڻ تائين برقرار رکي ويندي.

پيڪيج.03
a. 10.00 ملين رپيا ٽيڪنيڪل آفر لفافي سان واڪ سيڪيورٽي جي حصي طور شامل ڪيا ويندا. ٻي صورت ۾ واڪ جو جائزو نه ورتو ويندو.
b. 10.00 ملين رپيا ڪٽوتي ڪرڻ کان پوءِ واڪ سيڪيورٽي جي باقي رقم کي مالي آڇ واري لفافي سان گڏ ڪيو ويندو.
c. قابليت رکندڙ ۽ غير قابليت رکندڙ ٻنهي جي واڪ سيڪيورٽي ڪم جي ايوارڊ کي حتمي شڪل ڏيڻ تائين برقرار رکي ويندي.

پيڪيج.04
a. 40.00 ملين رپيا ٽيڪنيڪل آفر لفافي سان واڪ سيڪيورٽي جي حصي طور شامل ڪيا ويندا. ٻي صورت ۾ واڪ جو جائزو نه ورتو ويندو.
b. 40.00 ملين رپيا ڪٽوتي ڪرڻ کان پوءِ واڪ سيڪيورٽي جي باقي رقم کي مالي آڇ واري لفافي سان گڏ ڪيو ويندو.
c. قابليت رکندڙ ۽ غير قابليت رکندڙ ٻنهي جي واڪ سيڪيورٽي ڪم جي ايوارڊ کي حتمي شڪل ڏيڻ تائين برقرار رکي ويندي.

12. ٽينڊرنگ جي سلسلي ۾ سفارش سختي سان منع آهي ۽ ٺيڪيدارن پاران پيش ڪيل تجويزون جيڪي سفارش ۾ شامل هجڻ جي رپورٽ ڪئي وئي آهي، رد ڪرڻ جي لائق آهن.
13. جوائنٽ وينچر (JV) جي اجازت نه هوندي.
14. ايس پي پي آر اي جي سڀني قاعدن / نوٽيفڪيشن تي عمل ڪرڻ لازمي آهي.

چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي،
انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ - ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن

INF/MM/111/2025

سنڌ گيس پرائيويٽ لميٽيڊ

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص کي آگاهه ڪجي ٿو ته آئل گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) جي ليٽر مطابق **جنوري 2026** کان صارفين لاءِ LPG جي گيس جون قيمتون هي ٿي سگهن ٿيون. لوڪل/ امپورٽ گيس صارفين جي لاءِ 11.8KG سلينڊر جي قيمت 2592.19 روپيا مٿي ڄاڻايل قيمتون حيدرآباد، نوابشاهه، مٽي، مورو، ٻگهڙ، ڪنڊي، سکر، جيڪب آباد، ڏيرا مراد جمالي، (بلوچستان)، سنڌ گيس پرائيويٽ لميٽيڊ ڊسٽريبيوٽرس کي پابند ڪري ٿي ته مٿي ڄاڻايل قيمتن تي LPG مهيا نه ٿي ته هيٺ ڄاڻايل فون نمبرن تي اطلاع ڪن. مٿي ڄاڻايل قيمتون مارڪيٽ جي لاهن چاڙهن ۽ اوگرا قانون جي مناسبت سان تبديل ٿي سگهن ٿيون.

مارڪيٽ سيلز ڊپارٽمينٽ: 03233762122 ،03125903419

بدين پوليس جي سال 2025ع جي ڪارڪردگي رپورٽ جاري، 1790 منشيات فروش گرفتار

منشيات ۽ منظم ڏوهاري گينگز خلاف اثرائتو ڪريڪ ڊائون، 10 ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جي منشيات برآمد

ڊڪيتين، اسٽريٽ ڪرائيمز ۽ پراپرٽي ڪرائمز ۾ اهم ڪاميابيون، 297 روپوش، 96 اشتهاري ۽ 69 قتل جا جوابدار گرفتار

سماجي برائين جوا ۽ اخلاقي ڏوهن خلاف ڪارروايون، 312 مسروقه موبائل فونز مالڪن حوالي، عوامي شڪايتن جا 2238 مسئلا حل

بدين (ڊ ر) بدين پوليس جي ساليانيءَ ڪارڪردگي ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس حيدرآباد رينج طارق رزاق ڌاريجو جي جامع اڳواڻي ۽ پيشاورانه پاليسي هدايتن جي روشني ۾، ۽ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي ڊسٽرڪٽ پوليس بدين سال 2025ع دوران ضلعي اندر ڏوهن جي مڪمل خاتمي امن امان جي قيام منشيات ۽ سماجي برائين جي روڪٿام ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم، منظم ۽ نتيجه خيز قدم کنيا. سال 2025ع دوران بدين پوليس جا سمورا 15 ٿاڻا سميت سي آءِ اي پوليسبدين گڏيل حڪمت عملي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٻلڙي شاهه ڪريم: شارٽ سرڪٽ سبب ٻن دڪانن کي لڳل باهه جو ڏيک

مٽي ۾ جوڻيجا ويلفيئر آرگنائيزيشن جي سڏ تي احتجاجي ڌرڻو

شهدادڪوٽ ۾ جوابدارن جوڻيجا برادري جي گهرن تي بمن سان حملو ڪيو:مظاهرين

بااثر جي حملي ۾ 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جوابدارن کي پوليس پٺڀرائي حاصل آهي

مٽي (ڊ-ر) ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ جوڻيجا برادري جي گهرن تي حملي خلاف مٽي ۾ جوڻيجا ويلفيئر آرگنائيزيشن جي سڏ تي ڌرڻو هنيو ويو مٽي ۾ جوڻيجا ويلفيئر آرگنائيزيشن سنڌ جي صدر برڪت جوڻيجو نائب صدر احمد علي جوڻيجو ضلعي صدر اسلم جوڻيجو ۽ اوپايو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي ڪشمير چوڪ تي ڌرڻو هنيو .ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته هنن اڳ قمبر

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

پيپلزپارٽي هر دور ۾ عوام جي ڀرپور ۽ بي لوث خدمت ڪئي آهي: ويرم خان مهر

منهنجي والد جي دور کان وٺي اسان جو خاندان عوامي ڀلائي لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو آهي

ڳوٺ آباد ۾ ماضي ۾ به ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا ۽ ايندڙ وقت به منصوبا جاري رکيا ويندا

لکي غلام شاهه(ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي سکر جي جنرل سيڪريٽري بئريسٽر ويرم خان مهر چيو آهي ته پيپلزپارٽي هر دور ۾ عوام جي ڀرپور ۽ بي لوث خدمت ڪئي آهي ۽ اسان جي خاندان جي سياست به هميشه عوامي خدمت جي محور تي رهي آهي هن چيو ته منهنجي والد مرحوم حاجي انور خان مهر جي دور کان وٺي اسان جو خاندان عوامي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: بااثر ڪهاڙي هڻي رڍ جي ٽنگ ڪٽي ڇڏي، رڍ جو مالڪ بااثر خلاف احتجاج ڪندي

مٽياري ۾ ترقياتي منصوبن جو ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد پاران اچانڪ دورو

فياض حسين عباسي پارڪ، مسافر خاني آڊيٽوريم اسڪيمن جو معائنو ڪيو

مٽياري ۾ جاري منصوبا عوامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي تيار ڪيا ويا آهن:فياض حسين

مٽياري (ڊ ر) ڊويزنل ڪمشنر حيدر آباد فياض حسين عباسي ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ سان گڏ اچانڪ مٽياري جي ترقياتي اسڪيمن جو دورو ڪيو ڪمشنر حيدر آباد فياض حسين عباسي مردن ۽عورتن لاءِ مسافر خانو سيف سٽي ڪنٽرول روم عورتن لاءِ پارڪ گورنمينٽ بوائز ايم ڊي ايم هاءِ اسڪول ۾ آڊيٽوريم ۽ جيڪو مٽياري ۾

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

صحافين جي رپورٽنگ سان پوليس کي حقيقتن کان آگاهه ڪيو ويندو آهي:ايس ايس پي

ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو جي ڪنڌڪوٽ جي صحافين سان ملاقات، نون عهديدارن کي مبارڪباد

صحافين جا مسئلا فوري حل، هر شهري لاءِ دروازا کليل آهن، پريس ڪلب سان مڪمل سهڪار جاري

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌ ڪوٽ ايس ايس پي ڪشمور ڪنڌڪوٽ محمد مراد گهانگهرو جو چوڻ آهي ته صحافت سماج جو آئينو آهي صحافين پاران حقيقي رپورٽنگ ڪرڻ سان پوليس کي حقيقتن کان آگاهه ڪيو ويندو آهي هن اهڙو اظهار ڪنڌڪوٽ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جي سال 2026 جي چونڊن ۾ بنا مقابلي نون چونڊجي آيل عهديدار صحافين جي سان ۾

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

جام صاحب عورت جو پنهنجي مائٽن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

جام صاحب(ن ع) شهر جي بس اسٽاپ پرسان مجيدانا محله جي رهواسڻ مسمات امام زادي پنهنجي مائٽن پاران مختلف طريقن سان حراسان ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو. مجيدانا محله جي رهواسڻ امام زادي زال مير مرتضيٰ مجيدانو پنهنجي پنج سالن جي معصوم پٽ ڪٽي پريس ڪلب جام صاحب پهچي دانهيندي چيو ته مهنجو ويڳو ولد الله رکيو خاصخيلي، چاچو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو ڪوٽ پريس ڪلب جي چونڊ، محمد حنيف گرگير صدر چونڊجي ويو

ٽنڊو ڪوٽ (ن ع) ٽنڊو ڪوٽ پريس ڪلب جي ساليانيءَ چونڊ اڳوڻي صدر پيار علي نهڙيو جي صدارت هيٺ ٿي گذري، جنهن ۾ سمورن ميمبرن اتفاق راءِ سان سال 2026ع لاءِ صدر محمد حنيف گرگير، نائب سعيد خان چانڊيو، جنرل سيڪريٽري محمد الياس جوڻيجو ، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالرزاق نهڙيو خزانچي نور محمد ڪوڪ انفارميشن سيڪريٽري محمد مريد ساهڙ آفيس سيڪريٽري آفتاب ميمڻ کي چونڊيو ويو جڏهن ته ميمبرن ۾ شفقت قائمخاني آسن ميگهواڙ مولابخش

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ هٿيارٻندن ڏينهن ڏٺي شهري کان موٽر سائيڪل، 20 هزار روڪ رقم ڦر ڪري

خيرپور(ڊ ر) خيرپور بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ڏينهن ڏٺي جو ڦر ،تفصيل موجب خيرپورجي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد لقمان جي رهواسين ڪاروباري ساٿين عبدالحميد ناريجو ۽ هادي بخش ناريجو سان وچ شهر لقمان ڦاٽڪ وٽ چار هٿياربندن هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل 20 هزار رپيا نقد ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا.متاثرن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وچ شهر ۾ اهڙي سرعام ڦر پوليس جي نااهليءَ جو کليل ثبوت آهي جنهن سبب

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

مورو: درس پوليس ڪارروائي، پسٽل ۽ گولين سميت هڪ ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار

مورو (ن ع) مورو جي درس پوليس جو گذريل رات گشت دوران درس شاخ وٽ ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڌاڙيلن سان مبينا مقابلو فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڏوهاري غلام مصطفيٰ ولد صالح ڪوراڻي ويٺل ڳوٺ رحيم چنڊ زخمي حالت ۾ پسٽل ۽ گولين سميت گرفتار 2 ڏوهاري فرار زخمي ڏوهاري کي علاج لاءِ اسپتال داخل ڪيو ويو ايس ايڇ او درس پوليس ٿاڻو امتياز علي ڪهاوڙ رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته اسان معمول مطابق گشت ڪري رهيا هئا سين ته درس شاخ وٽ ڏوهه

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ٻاٻرلوءِ ۾ حضرت علي عه جن ولادت جي موقعي تي جشن مولود ڪعبه ملهايو ويو

ٻاٻرلوءِ (رپورٽر) ٻاٻرلوءِ جي ڪوڪر محلا ۾ جشن مولود ڪعبه حضرت علي عليه السلام جن جي ولادت باسعادت جي موقعي تي شيعه علماءِ ڪائونسل پاران عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو جشن واري تقريب ۾ شيعه علماءِ ڪائونسل لاڙڪاڻي ڊويزن جي صدر ذاڪر حسين بگهيو ۽ تعلقي صدر ارشاد علي بگهيو جي خصوصي شرڪت کان علاوه ٻاٻرلوءِ ۽ ڀرپاسي جي مؤمنين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي مولانا غلام اصغر جتوئي مولانا ناصر عباس سرگاڻي مولانا امجد علي حيدري، مولانا عرفات علي عرفاني ۽ مولانا ظهور حسين

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

شهدادپور لڳ ڪار ۽ چنگچي ڦٽي ۾ ٽڪر، هڪ فوت، ٻه زخمي

ڳوٺ معروف ڏاهري وٽ تيز رفتار ڪار چنگچي ڦٽي ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ امين آرائين فوت، فيصل امين ۽ طاهر عبدالله آرائين زخمي ٿي پيا

پوليس واقعي هنڌ پهچي چنگچي ڊرائيور کي حراست ورتو، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

شهدادپور(ن ع) شهدادپور شاهپور چاڪر روڊ تي ڳوٺ معروف ڏاهري وٽ نوابشاهه سان ڊاڪٽر کي چيڪ اپ ڪرائي واپسي ايندڙ جتيا علائقي واسين جي تيز رفتار ڪار سامهون ايندڙ چنگچي ڦٽي ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار 60سالا امين آرائين فوت ٿي ويو جڏهن ته فيصل امين ۽ طاهر عبدالله آرائين زخمي ٿي پيا جن کي حيدرآباد نيو ويو آهي هوڏانهن دريا خان رند پوليس واقعي واري هنڌ پهچي چنگچي ڊرائيور حراست ۾ وٺي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي ٻي طرف فوتي امين آرائين جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ڪيس

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڏڙو: پراسرار بيماري ۾ مري ويل اٺ ، ٻئي طرف ڳوٺاڻا احتجاج ڪندي

ٽنڊو آدم ۾ اختر علي مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

نامعلوم هٿياربندن 3 سال اڳ اختر علي کي ڦر دوران قتل ڪري ڇڏيو: مظاهرين

پوليس جي سستي سبب قتل کي 3 سال گذري ويا پر قاتل گرفتار ناهن ٿيا

ٽنڊو آدم (ن ع) نئون سال آيو پر ٽنڊو آدم جي رهواسي جا قاتل 3سال گذري ويا پر قاتل اڃا تائين گرفتار نه ٿيا مائٽن کي آخر انصاف ڪير ڏيندو تفصيل موجب 3 سال اڳ بيگناهه قتل ٿي ويل اختر علي عرف ڊولو مهر جا قاتل اڃا تائين سانگهڙ پوليس کان ڏاڍا بچيل ٽنڊو آدم واسي اختر علي عرف ڊولو مهر ريڙهي تي سبزي کپائي پنهنجي ٻچڙي پيٽ پالي ۽ پنهنجي معصوم

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ صحافين جي گڏجاڻي، لالا اسد پٺاڻ جي آمد لاءِ تياريون

گهوٽڪي يونين آف جرنلسٽس جي تعلقه گڏجاڻي ۾ صحافين جي وڏي شرڪت

10 جنوري تي سکر پريس ڪلب ۾ ڪنوينشن ۾ شرڪت جو اعلان

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي يونين آف جرنلسٽس تعلقه يونٽ گهوٽڪي جي گڏجاڻي تعلقا صدر ماجد علي سنگهڙو جي صدارت هيٺ منعقد ٿي گڏجاڻي ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس پاران 10 جنوري تي سکر پريس ڪلب ۾ ڪوئايل ڪنوينشن ۽ 4 جنوري تي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ جي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سنڌ انڊر هلنڊز قبيلائي تڪرارن جي خاتمي لاءِ جيڪب آباد ۾ احتجاجي جلوس

عام انسان تحريڪ پاران جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو

قبيلائي تڪرارن جي آڙ ۾ معصوم ٻارڙن، عورتن سميت نوجوان ڳوٺ ڪسجي رهيا آهن:اڳواڻ

جيڪب آباد (ڊ ر) سنڌ انڊر هلنڊز قبيلائي تڪرارن جي خاتمي لاءِ جيڪب آباد ۾ عام انسان تحريڪ پاران شهيد الله بخش سومرو پارڪ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن سميت ڪارڪن شريڪ ٿيا ان موقعي تي عام انسان تحريڪ جي اڳواڻن سيد علي شاهه الطاف ميراڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ انڊر هلنڊز

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

جيئي عام انسان
جيئي پاڪستان
منشور
امن
ڀائيچارو
محبت
انسانيت
برابري
عام انسان تحريڪ پاڪستان سنڌ

جيڪب آباد: قبيلائي تڪرار جي خاتمي لاءِ عام انسان تحريڪ پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

هنگورجا ۾ اڳوڻي عورت ڪائونسلر پنهنجي مڙس جي ظلمن خلاف احتجاج

هنگورجا (ن ع) سوڀوديرو جي ڳوٺ چڪرواريا سو جي رهواسي سوڀوديرو ٽائون ڪاميٽي جي اڳوڻي عورت ڪائونسلر مسمات زهران منگنيجو پنهنجي معصوم نياڻي مختيارخاتون ۽ پٽ غلام مصطفيٰ منگنيجو سان گڏ پريس ڪلب هنگورجا ۾ پهچي پنهنجي مڙس ضمير حسين منگنيجو جي ظلمن خلاف احتجاج ڪندي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

جام صاحب: عورت پنهنجي مائٽن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

پٺاڻن پوليس ذريعي زبردستي پلاٽ تي قبضو ڪيو آهي: رضوان قريشي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي ڪچي آبادي لطيف آباد 5 جي رهواسي رضوان قريشي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پنهنجي گهرڀاتي عورتن سوڌو پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته منهنجي سڳي پٺاڻ پوليس ذريعي زبردستي پلاٽ تي قبضو ڪري تعمير شروع ڪري ڇڏي آهي.هن چيو ته ڄاڻايل پلاٽ منهنجي ذاتي ملڪيت آهي جڏهن ته منهنجي پٺاڻ ارسلان قريشي،عدنان قريشي ۽ ٻين 29ڊسمبر ڏهاڙي لطيف آباد بي سيڪشن پوليس گهرائي مون کي \

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

پريس ڪلب جي سينيئر نائب صدر حاجي عبدالله مڳسي جي سالگره ملهائي وئي

سکرنڊ (ن ع) ڪم ۽ ڪردار انسان جي شخصيت ۾ خوبصورتي پيدا ڪندو آهي ان ڪري ڪوشش اها هئڻ گهرجي ته پنهنجي زندگيءَ کي صاف سٿرو ۽ با ڪردار ٿي ڪري گذارجي اها ڳالهه سکرنڊ پريس ڪلب جي سينيئر نائب صدر حاجي عبدالله مڳسي سکرنڊ پريس ڪلب پاران سندس جنم ڏينهن جي حوالي سان رکيل تقريب ۾ ڳالهائيندي چئي هن چيو ته مان

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: عورتون ڪپڙي جا ٽڪرا چونڊي خريد ڪري رهيون آهن

مسڻ وڏي ۾ 13 ورهين جي ٽينگري جو گهر مان ڦاهو ڪاڌل لاش هٿ

ڳوٺ مير محمد ڏيپو ۾ آرتي ڪولهي جو گهر مان ٽنگيل حالت ۾ لاش مليو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

مسڻ وڏي(ن ع) مسڻ وڏي ٿاڻي جي حد ۾ 13 ورهين جي ٽينگري جو گهر مان ڦاهو ڪاڌل لاش هٿ آيو رپورٽ موجب مسڻ ٿاڻي جي حد يوسي دريا خان سري جي ڳوٺ مير محمد ڏيپو ۾ 13 ورهين جي ڇوڪري آرتي ڪولهي ڌي ملو ڪولهي جو ڦاهو ڪاڌل لاش پنهنجي گهر ۾ ٽنگيل حالت مليو فوتي آرتي جا گهرڀاتي مال جي لاءِ گاهه ڪرڻ ٻني تي ويل هئا واپسي گهر ۾

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڏڙو پرسان اٺن ۾ پراسرار بيماري، وات ۽ نڪ مان رت اچڻ سبب مرڻ لڳا

بيماري سبب اٺن جون حمل واريون ماديون اٺڻيون پنهنجا ڪچا ڦر ڪيرايو ڇڏين

ڪيترائي اٺ پراسرار بيماري ۾ مبتلا ٿي ويا، جڏهن ته دوائون بي اثر بڻيل آهن

ڀاڳين جو لائيو اسٽاڪ کاتي کان فوري طور تي وٽرنري ٽيمون موڪلڻ جو مطالبو

ڏڙو (رپورٽ: اعجاز اختر ميمڻ) ڏڙي لڳ اٺن ۾ پراسرار بيماري، وات ۽ نڪ مان رت اچڻ ڪري اٺ مرڻ لڳا، ڪيترائي اٺ بيماري ۾ مبتلا اٺن ۾ بيماري سبب ڀاڳيا سخت پريشان. لائيو اسٽاڪ کاتو نوٽيس وٺي تفصيل موجب ڏڙي ويجهو يونين ڪائونسل حسين پور جي ڳوٺ روحل لاشاري ۾ اٺن ۾ پراسرار بيماري پکڙجي وئي، اٺن جي وات ۽ نڪ مان رت وهڻ لڳي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪلوئي گورنمينٽ هائير اسڪول ۾ سولر سسٽم کي باهه

اوچتو باهه لڳڻ سبب ڄاڻايل اسڪول جو سمورو رڪارڊ سڙي ويو

ڪلوئي (ن ع) ڪلوئي جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ارباب اميرحسن ۾ انرجي ڊپارٽمينٽ پاران لڳل سولر سسٽم مان اوچتو باهه لڳڻ سبب ڄاڻايل اسڪول جو سمورو رڪارڊ سڙي ويو باهه سموري ڪمري کي وڪوڙي ورتو جنهن سبب ٻيل سامان اسڪول جا ٽيبل صوفا سيٽ سميت ٻيو رڪارڊ سڙي رک ٿي ويو ان سلسلي ۾ هيڊ ماستر ارباب خليل الرحمان پرنسپال

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خيرپور ميرس
TIME
KTV
Sindh News

هنگورجا: چڪر واريا سو واسي عورت ٻارن سميت مڙس خلاف احتجاج ڪندي

شهدادپور ۾ پوليس اهلڪارن جون هيپاٽائيٽس ۽ ايچ آءِ وي ٽيسٽون

چئن ٿاڻن جي 480 اهلڪارن مان 93 هيپاٽائيٽس سي ۽ 8 هيپاٽائيٽس بي ۾ مبتلا

هوم ڊپارٽمينٽ ۽ آءِ جي سنڌ جي هدايتن تي ڊي ايڇ او سانگهڙ جي نگراني هيٺ ميڊيڪل ڪئمپ وڙن ڪيو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور جي چئن ٿاڻن جي پوليس اهلڪارن جي هيپاٽائيٽس بي سي ايچ آءِ وي ٽيسٽون 480 اهلڪارن مان 93 هيپاٽائيٽس سي ۽ 8بي جو شڪار ايچ آءِ وي رپورٽ ۾ محفوظ هوم ڊپارٽمينٽ سنڌ حڪومت جي طرفان آءِ جي سنڌ جي هدايتن ڊي ايڇ او سانگهڙ دولت جمالي شهدادپور لڳل ڪئمپ تي پهچي جائزو سرهاڙي لنڊو دريا خان رند ٿاڻي ڪانسواءِ شهدادپور پوليس جي 384 پوليس اهلڪارن جي هيپاٽائيٽس بي سي ايچ آءِ وي ٽيسٽون ڪيون ويون جنهن ۾ 93 پوليس اهلڪارن کي هيپاٽائيٽس

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

امر رباب چانڊيو جي خاندان قتل ڪيس ۾ دادو عدالت ۾ حتمي دليل پيش

والد سنڌ ۾ ڪاروڪاري خلاف آواز اٿاريو ۽ ميهڙ ۾ اسڪولن جو آغاز ڪيو:امر رباب

گهر ڀاتين کي سرداري نظام جي مخالفت ۾ "دمدار ڪرنسل" ناهڻ سبب قتل ڪيو ويو

ڪنهن کي به دمدار ڪرنسل ناهڻ سبب قتل ناهي ڪيو ويو، دعوائون غلط آهن: سردار چانڊيو

دادو(ڊ ر) امر رباب چانڊيو جي والد، ڏاڏي ۽ چاچي جي قتل ڪيس جي سماعت ماڊل ٽرائل ڪرمنل ڪورٽ ۾ ٿي، سماعت دوران ڪيس جو فريادي پرويز احمد چانڊيو ۽ امر رباب چانڊيو پنهنجي وڪيل سان گڏ عدالت ۾ موجود رهيا. جوابدارن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جا ايم پي ايز برهان خان چانڊيو ۽ سردار احمد چانڊيو سميت ٻيا جوابدار به عدالت ۾ پيش ٿيا. فريادي ڌر

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٻاٻرلوءِ: جشن مولود ڪعبه جي تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

خيرپور: ڊي ايڇ او جو رورل هيلٿ سينٽر فيض گنج جو اوچتو دورو

غير حاضر رهندڙ ڊاڪٽر توفيق احمد شر کي ڪراچي صحت کاتي ڏانهن رليو ڪري ڇڏيو

هڪ ڊسپينسر رشيد احمد کي ڊي جي هيلٿ ڏانهن رليو ڪري ڇڏيو

خيرپور(ڊ ر) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مسرور الحسن شاهه پاران رورل هيلٿ سينٽر فيض گنج جو اوچتو دورو ڪري ملازمن جي حاضري چيڪ ڪئي ان دوران ڊي ايڇ او خيرپور پاران مسلسل غير حاضر رهڻ تي هڪ ڊاڪٽر توفيق احمد شر کي ڪراچي صحت کاتي ڏانهن رليو ڪري ڇڏيو جڏهن ته هڪ ڊسپينسر رشيد احمد کي ڊي جي هيلٿ ڏانهن رليو ڪري ڇڏيو آهي ڊي ايڇ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: پوليس اهلڪارن جون هيپاٽائيٽس ۽ ايچ آءِ وي ٽيسٽون ڪيون پيون وڃن

گهوٽڪي ۾ بااثر جو بيگناهه جانور تي تشدد جو افسوسناڪ واقعو

فصل ۾ رڍ تي ڪهاڙي سان وار، چنگ ڪٽڻ جو واقعو پيش آيو

پوليس هڪ جوابدار گرفتار ڪيو پر اصل جوابدار آجو آهي: متاثر

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ۾ بااثر ماڻهن پاران بيگناهه جانورن تي تشدد جو هڪ افسوسناڪ واقعو سامهون آيو آهي. جتي فصل ۾ رڍ گهڙڻ تي مبينا طور رڍ جي ٽنگ ڪهاڙي سان ڪٽي ڇڏي آفتاب

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪپرو: بزرگ صوفي شاعر منٺار فقير جي ميلي جون تقريبون پڄاڻي تي پهتيون

ميلي جي ٻي رات صوفياڻي راڳ جي محفل ۾ صوفي راڳين محفل مچائي

صوبائي وزير سرفراز راڄڙ، امتياز حسن درس ۽ ٻين سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

ڪپرو(ا ت) منٺار فقير جي ميلي جون تقريبون پڄاڻي تي پهتيون ميلي جي ٻي رات به راڳ جي محفل سڄائي وئي رپورٽ موجب ڪپرو لڳ ڳوٺ ڪاٺي راڄڙ ۾ بزرگ صوفي شاعر منٺار فقير جي ساليانيءَ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ۾ شهيد عوام محمد فاضل راهو جي ورسي 17 جنوري تي ملهائڻ جو فيصلو

گڏجاڻي ۾ صوبائي وزير، پيپلز پارٽي ڪارڪنن ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت

شهيد فاضل راهو مظلوم عوام، هارين، پورهيتن جي حقن لاءِ بي مثال جدوجهد ڪئي:اڳواڻ

گولاڙچي (ٽ ر) شهيد عوام محمد فاضل راهو جي 39هين ورسي 17 جنوري 2026 تي ڌام ڌوم عقيدت ۽ احترام سان ملهائڻ جو فيصلو راهوڪي ۾ شهيد عوام محمد فاضل راهو جي 39هين ورسي جي حوالي سان هڪ اهم ۽ ڀرپور ميٽنگ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ورسي کي 17 جنوري 2026 تي وڏي عقيدت احترام ۽ جوش جذبي سان ملهائڻ جو متفق فيصلو ڪيو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي: شهيد عوام محمد فاضل راهو جي ورسي جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي رهي آهي

خيرپور ۾ ٽرانسپورٽ مسئلن ۽ بس ٽرمينل سهولتن لاءِ اهم اجلاس

ڊي سي جي صدارت ۾ ٽرانسپورٽ اسٽاپس ۽ غيرقانوني روٽن خلاف ڪارروائي جو اعلان

سنڌ حڪومت طرفان 10 بسون خيرپور کي ملنديون جيڪي رانيپور ٽو خيرپور ۽ خيرپور ٽو سکر هلنديون:ڊپٽي سي

خيرپور(ڊ ر) هاءِ ڪورٽ جي هدايت تحت ضلعي خيرپور ۾ ٽرانسپورٽ جي مسئلن، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بس ٽرمينل ۾ سهولتن جي فراهمي، بس، ويگن، ڪوچز ۽ ٻين ٽرانسپورٽ گاڏين کي ٽرمينل تي اسٽاپ، اچ وڃ بابت اهم اجلاس ڊپٽي ڪمشنر آفيس خيرپور جي سچل سرمست هال ۾ ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ جي صدارت هيٺ ٿيو ڊپٽي ڪمشنر الطاف

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي شاگردياڻي ڏڪراه زينب لاڙڪ ڊرائنگ مقابلي ۾ نمايان پوزيشن حاصل ڪري ورتي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي القائم اسڪول جي ڇهين جماعت جي هوشيار ۽ باصلاحيت شاگردياڻي ڏڪراه زينب لاڙڪ ڌي ايڊووڪيٽ منصور لاڙڪ ڊرائنگ جي مقابلي ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندي پوزيشن حاصل ڪري اسڪول والدين ۽ علائقي جو نالو روشن ڪيو آهي ڏڪراه زينب جي هن ڪاميابي تي اسڪول انتظاميه استادن ساٿين ۽ والدين طرفان خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو.ان موقعي تي القائم اسڪول جي پرنسپل ميڊم مهرالنساء ابڙو پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته نوجوان قوم جو معمار هوندا

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور: صحت کاتي ايڊيشنل ڊي ايڇ او ڊاڪٽر جوتو مل کي ٺري ميرواهه تعلقي اسپتال جو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪري ڇڏيو

خيرپور(ڊ ر) صحت کاتي جي سيڪريٽري ريحان اقبال بلوچ پاران ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر جوتو مل کي بدلي ڪري ڪيس ٺري ميرواهه تعلقي اسپتال جو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪري ڇڏيو آهي اهڙو نوٽيفڪيشن صحت کاتي جي اختيارين ڏيڻ بعد سيڪشن آفيسر شفيق احمد اڄڻ پاران نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ غير قانوني انڪروچمينٽ خلاف ميونسپل ۽ اينٽي انڪروچمينٽ جي ڪارروائي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور شهر جي پراڻين نشنل هاءِ وي مريم ٽوپ سنڌي ڪربلا پنج هٽي سميت مختلف اهم روڊن ۽ رستن تي ميونسپل عملي ۽ اينٽي انڪروچمينٽ عملي طرفان غير قانوني انڪروچمينٽ جي خاتمي ڪرڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي وئي، ڪارروائي دوران فوٽ پاٿن ۽ روڊ مٿان قائم غير قانوني قبضا هٽايا ويا، جيڪي شهرين لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪري رهيا هئا ۽ ٽريفڪ جي رواني ۾ پڻ سخت رڪاوٽ جو سبب بڻيل هئا فوٽ پاٿ تي رکيل سنڌل

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

POLICE
ARY NEWS

دادو: امر رباب چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي

شڪارپور ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين جي سينئر سٽيزن سان گڏجاڻي

شڪارپور(ڊ ر) شڪارپور ۾ سينئر سٽيزن مسئلا حل نه ٿيڻ سبب پريشان حال بڻيل آهن.شڪارپور جي ضلعي ڪائونسل چيئرمين سردار ذوالفقار علي خان ڪماريو سينيئر سٽيزن ويلفيئر ايسوسيئيشن آفيس جو دورو ڪري بزرگ شهرين سان گڏجاڻي ڪئي.گڏجاڻي ۾ سينيئر سٽيزنس ويلفيئر ايسوسيئيشن جي باني ۽ جنرل سيڪريٽري رحمت الله سومرو ضلعي ڪائونسل جي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

مٽياري ضلعي سميت سڄي سنڌ ۾ سخت سردي جي لهر ۾ واڌ

هالا(ن ع) برسات سبب مٽياري ضلعي سميت سڄي سنڌ ۾ سخت سردي جي لهر ۾ واڌ ٿي وئي آهي جڏهن ته تعليم کاتي جي ناقص پاليسين سبب سياري جون موڪلون وقت کان اڳ ختم ڪيون ويون آهن شديد سردي هوندي به اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ تدريسي عمل جاري رهڻ سبب هزارين شاگرد ۽ شاگرديائيون سخت پريشاني ۽ مايوسي جو شڪار آهن.ٿين

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪوريا جي ماهرن ڪينسر ويڪسين جي تياري ۾ مدد لاءِ اي آءِ ماڊل تيار ڪري ورتو

سيئول(اي پي پي)ڏکڻ ڪوريا جي ماهرن ڪينسر ويڪسين جي تياري ۾ مدد لاءِ اي آءِ ماڊل تيار ڪري ورتو آهي پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽ مطابق مصنوعي ذهانت جو اهو ماڊل ڪوريا ايڊوانسڊ انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ۽ مقامي بايوٽيڪنالاجي فرم نيوجينيلوجڪ جي گڏيل تحقيقي ٽيم تيار ڪيو آهي جيڪو پنهنجي مرضي مطابق ڪينسر جي ويڪسين جي تياري ۾ مدد لاءِ ڊيزائن ڪيو ويو آهي.اي آءِ پليٽ فارم ڪينسر جي انفرادي مريضن لاءِ منفرد نيو اينٽي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

حڪومت زراعت ۽ تحقيق کي هٿي ڏيڻ لاءِ امڪاني وسيلا فراهم ڪندي: راڻا تنوير

اسلام آباد(اي پي پي)قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وفاقي وزير راڻا تنوير حسين چيو آهي ته حڪومت زراعت جي شعبي ۽ تحقيق کي هٿي ڏيڻ سميت آبادگار طبقي جي خوشحالي لاءِ امڪاني وسيلا فراهم ڪندي هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف هدايت ڪئي آهي ته زراعت جي شعبي ۾ تحقيق کي هٿي ڏني وڃي جنهن جو مقصد جديد سائنسي بنيادن تي زرعي پيداوار کي هٿي ڏيڻ آهي اهڙو

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو اڪنامڪ زون ۾ زبردستي باؤنڊري وال ٽيڪس وصولي خلاف داخل درخواست تي اهم حڪم جاري

ڪراچي(بيورو رپورٽ)سنڌ هاءِ ڪورٽ ٽنڊو اڪنامڪ زون ۾ زبردستي باؤنڊري وال ٽيڪس وصولي خلاف داخل درخواست تي سنڌ هاءِ ڪورٽ اهم حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي عدالت حڪم امتناعي جاري ڪندي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٽنڊو کي اڪنامڪ زون مان ڪنهن به قسم جو ٽيڪس وصول ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

جنرل باڊي جي بنيادي ميمبرن لاءِ اطلاع

والدين تعليمي ڪاميٽي رابعه بصري اسڪول ٽائون ڪاميٽي ٽنڊو مير علي

تعلقه ٺري ميرواهه پاران مانواري سنڌ هاءِ ڪورٽ بينچ سکر کان مليل هدايتن مطابق هيٺين ريت

اليڪشن شيڊول براءِ سال 2026-27

موجب 5 جنوري 2026 کان 8 جنوري 2026 تائين اليڪشن ۾ حصو وٺندڙ پينلن کي نامزدگي فارم جاري ڪيا ويندا چيئرمين ،جنرل سيڪريٽري ۽ خزانچي جي عهدن لاءِ نامزدگي فارم جي في هر هڪ عهدي لاءِ 3000 هزار روپيه، جڏهن ته وائيس چيئرمين، جوائنٽ سيڪريٽري،نائب خزانچي ۽ اطلاعات سيڪريٽري جي عهدن لاءِ نامزدگي في 1500 سئو روپيه مقرر آهي نامزدگي فارم رسيد اليڪشن ڪاميٽي کان وصول ڪري سگهبي 9 جنوري 2026 تي وصول ٿيندڙ نامزدگي فارمن جي ڇنڊڇاڻ ڪري اميدوارن جي ابتدائي فهرست جاري ڪئي ويندي 11 جنوري 2026 تي رد ٿيل نامزدگي فارمن خلاف اپيلون داخل ڪري سگهبيون 12 جنوري 2026 تي اپيلن جي ٻڌڻي ڪري 13 جنوري 2026تي فيصلو ڪري اميدوارن جي عارضي لسٽ جاري ڪئي ويندي 14 جنوي 2026 تي نامزدگي فارمن تان اميدواري دستبرداري اختيار ڪري سگهندا ۽ 14 تاريخ تي ئي اميدوار پينلن جي حتمي فهرست جاري ڪئي ويندي ۽ 15 جنوري 2026 سيڪريٽ بيلٽ باڪس ذريعي اليڪشن ڪرائڻ جي تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي.

ٽنڊو محمد خان ۾ حضرت سيد نظر محمد شاهه ۽ سخي پير شارفو شاهه جا عرس شروع

حضرت سيد نظر محمد شاهه دولهه سرڪار جو افتتاح اعجاز حسين شاهه بخاري ۽ ٻين ڪيو

صوفي فنڪارن جي صوفي ڪلام ۽ راڳ جي رنگين محفل، ميلي ۾ صبح کان شام تائين صوفياڻي سلسلو جاري

سخي پير شارفو شاهه جي ميلو پڻ افتتاح، ميلن دوران اجتماعي دعائون ۽ صوفي فلسفي سان امن ۽ برابري جو پيغام

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ صوفي بزرگ اوليا اڪرام حضرت سيد نظر محمد شاهه دولهه سرڪار ۽ سخي پير شارفو شاهه جا الڳ الڳ ميلن جون ڌمالون شروع ٿي ويون ، ٽنڊو محمد خان جي مير پاڙي ۾ صوفي بزرگ اوليا اڪرام حضرت سيد نظر محمد شاهه دولهه سرڪار جي ساليانيءَ عرس مبارڪ ميلي جي شروعات تي ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري ، ڊپٽي ڪمشنر ڌرمون ڀاوائي ، درگاهه جي گادي نشين سيد پوڙهو شاهه ، سيد سلال شاهه بخاري ، سيد شعبان شاهه ، پ پ ضلعي اطلاعات سيڪريٽري ڊاڪٽر ميرحسن ملاح ، ميان رخسار شاهه درگاهه تي چادر چاڙهي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ايران: مهانگائي خلاف شهرين جو وڏو انگ روڊن تي نڪري احتجاج ڪري رهيو آهي

سکر ۾ جي يو آءِ سنڌ جو تربيتي ڪنوينشن، سکر ۾ عالمي امن ڪانفرنس ڪامياب بڻائڻ جو عزم

مارچ 2027ع ۾ سکر ۾ ٿيندڙ ٽن ڏينهن واري عالمي امن ڪانفرنس، امام ڪعبه ۽ مولانا فضل الرحمان جي شرڪت متوقع

ضلعي دادو سميت پوري سنڌ ۾ گڏجاڻين ۽ تربيتي ڪنوينشن جو سلسلو شروع ڪرڻ جو اعلان

سکر(ن ع) سکر ۾ جي يو آءِ سنڌ پاران عالمي امن ڪانفرنس جي ڪاميابي لاءِ تربيتي ڪنوينشن ، جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) سنڌ طرفان سکر ۾ مارچ 2027ع دوران ٿيندڙ عالمي امن اجتماع ڪانفرنس کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ جي يو آءِ ڪي اين شاهه جي اهتمام هيٺ سکر ۾ هڪ تربيتي ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو. ڪنوينشن مدرسه امداديه دارالعلوم ۾ تعلقي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل جو لاش ۽ زخمي اسپتال ۾ پيل آهن ٻئي طرف حادثي جو شڪار ٿيل ڪار

ماتلي ۾ ميونسپل عملي سان جهيڙي جو واقعو، چاچو ڀائيٽو گرفتار

جهيڙي دوران لٺيون مڪون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا ماڻهو معمولي زخمي

ميونسپل ملازمن جي هڙتال، پوليس پاران ڪيس داخل ڪري جوابدار گرفتار ڪري ورتا

ماتلي : ماتلي ميونسپل ڪميٽي جي اينٽي انڪروچمينٽ جي عملي سان جهيڙي جي الزام ۾ چاچو ڀائيٽو گرفتار ڪيس داخل ڪيو ويو. ٻڌايو وڃي ٿو ته شهر جي الله واري چوڪ پرسان ريڙها بيهارڻ جي معاملي تان قومپرست تنظيم جي ڪارڪن شيراز زنگيجو ۽ سندس چاچي مختيار زنگيجو سان ميونسپل ڪميٽي جي انڪروچمينٽ عملي جي ملازمن جي ڌڪ ڇڪ ٿي جنهن

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو ٽرڪ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

قومي شاهراهه تاج پمپ جي سامهون ٽرڪ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ محسن علي سولنگي ٿڌي تي ئي دم ڌڻي حوالي ڪيو

نوجوان جو لاش اسپتال منتقل، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي

مورو (ن ع) مورو ويجهو قومي شاهراهه تاج پمپ جي سامهون ٽرڪ جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر ٿي پيو جنهن ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان محسن علي ولد نواز علي سولنگي ٿڌي تي فوت ٿي ويو نوجوان جو لاش ايمبولينس ذريعي مورو اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران قانوني ڪارروائي پوري ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ان موقعي تي وارثن جو چوڻ هو ته نوجوان محسن علي سولنگي درياءَ خان سري جي ڳوٺ جنتراڻي جو رهواسي آهي جيڪو مورو سامان وٺڻ لاءِ آيو هو واپس وڃي رهيو هو ته اهڙو حادثو پيش آيو آهي جڏهن ته وارث ايمبولينس ذريعي لاش کڻائي ڳوٺ روانا

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان: صوفي بزرگ سيد نظر محمد شاهه دولهه سرڪار ۽ سخي پير شارفو شاهه جي ساليانيءَ عرس ميلي ۾ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري ۽ ٻيا چادر چاڙهي افتتاح ڪندي

ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ شارٽ سرڪٽ سبب ٻن دڪانن کي باهه

باهه سبب وائٽ هائوس ۽ شوڪت ڪميونيڪيشن جون دڪانون سڙي ويون

ٽائون ڪميٽي ۾ فائربرگيڊ نه هجڻ تي شهري ۽ متاثر دڪاندار سخت ناراض

ٻلڙي شاهه ڪريم(ڊ ر) ٻلڙي شاهه ڪريم شهر ۾ وائٽ هائوس ۽ شوڪت ڪميونيڪيشن جي ٻن دڪانن کي بجلي جي شارٽ سرڪٽ مان اچانڪ باهه لڳي وئي الهه تلهو سڙي راک ٿي ويو دڪانن مالڪ شوڪت ميمڻ ۽ محبوب ڪوريجو مطابق رات دير سان دڪانن کي بجلي جي شارٽ سرڪٽ مان باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ وائٽ هائوس جو سڄو دڪان

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

مسڻ وڏي پرسان آمريڪا ۾ فوت ٿيل نوجوان شهزاد جروار جو مڙهه مٽي ماءُ حوالي

ڳوٺ مبارڪ جروار ۾ جنازي نماز ۾ سوين ماڻهن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

شهزاد جروار آمريڪا ۾ پنهنجو جنرل اسٽور هلائيندو هو ڪم دوران دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿيو

مسڻ وڏي(ن ع) مسڻ وڏي پرسان يوسي بيگڻ جروار جي مبارڪ جروار ۾ ستت ڏينهن اڳ آمريڪا ۾ فوت ٿيل نوجوان جو مڙهه مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو رپورٽ موجب مسڻ وڏي پرسان يوسي بيگڻ جروار جي ڳوٺ رهواسي پي ٽي سي ايل جي آفيسر نظير احمد جروار جو نوجوان پٽ شهزاد جروار آمريڪا جي شهر انڊيانا ۾ دل جو دورو پوڻ ڪري ڪجهه ڏينهن اڳ فوت ٿي ويو هو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ حادثي ۽ بيماري سبب ٻه ڄڻا فوت، سوڳ ڇانيل

يار محمد گنڊرو باءِ پاس روڊ تي ٽرالر جي ٽڪر ۾ ڇيپاٽجي فوت ٿي ويو

ڪريم بخش گنڊرو بيماري سبب حياتي وڃائي، ٻنهي نوجوانن جا مڙهه مٽي ماءُ حوالي

ٺٽو(ڊ ر) ٺٽي شهر پرسان باءِ پاس روڊ تي ٽرالر جي ٽڪر ۾ وڏيري عرس گنڊري جو نوجوان ڀيرو پٽ يار محمد گنڊرو موقعي تي ڇيپاٽجي فوت ٿي ويو جڏهن ته حادثو ڪندڙ ٽرالر وارو موقعي تان فرار ٿي ويو فوتي نوجوان يار محمد گنڊرو جو لاش سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس موت جي تصديق ڪئي، لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي:ايس ڊي اي جا ملازم پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سيوهڻ مان اغوا ٿيل ٽن عورتون بازياب نه ٿيون ، پوليس ڪارروايون، 2 ڄڻا گرفتار

ٽي ڏينهن اڳ ڳوٺ جام محمد برهماڻي مان اغوا ٿيل ثمينا، سونيا ۽ نغما برهماڻي جو پتو نه پيو

ڪيس داخل نه ٿيو، ايس ايس پي جي نوٽيس وٺڻ بعد چانڊيا برادري جا ٻه ڄڻا

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ ويجهو ڳوٺ جان محمد پڇي جي نوجوان پاران ڪجهه وقت اڳ دادو ضلعي جي برهماڻي برادري جي ناري سان پيار جو پرڻو ڪرڻ بعد ٻنهي ڌرين ۾ سنگين تڪرار ڪر کڻي ڇڏيو آهي جنهن بعد دادو ضلعي سان تعلق رکندڙ برهماڻي برادري جي هٿياربندن 2 ڏينهن

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي ملازمن کي پگهار نه ملڻ خلاف مظاهرو

ايمپلائز ورڪرز يونين طرفان المدينا چوڪ تي سوين ملازمن شبير ٻنگ جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ملازمن پاران احتجاجي تحريڪ هلائڻ ۽ وزيراعلى هائوس آڏو ڌرڻو هڻڻ جو اعلان

ڪوٽڙي (ن ع) سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي جا ملازم 14 مهينن جي پگهار کان محروم. ملازمن پاران احتجاجي تحريڪ هلائڻ ۽ وزير اعلى هائوس آڏو ڌرڻو هڻڻ جو اعلان سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي جي ملازمن جي پگهارون نه ملڻ ۽ اداري اندر ٿيل مبينا ڪرپشن خلاف سنڌ ايمپلائز ورڪرز يونين طرفان ڪوٽڙي جي المدينا چوڪ تي سوين ملازمن جو شبير ٻنگ جي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.